ڀاڱو ٽيون

# آتم ڪٿا



## امر جليل

# آتم ڪٿا

ياڳوٺيون

## امر جليل

ڪاڇو پبليڪيشن
ڪراچي، سنڌ

كتاب نمبر
51

حق ۽ واسطا محفوظ

كتاب : آتم ڪٿا (پاڳو ٽيون)

موضوع : آتم ڪٿا

ليکڪ : امر جليل

پهريون ڇاپو : نومبر 2016ع

لي آئوٽ : پيار گرافڪس

ٽائيٽل : نعيم ديسوالي

ڇپيندڙ : ذڪي سنز ڪراچي

ڇپائيندڙ : ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي.
0300-2879794

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Facebook.com/ kachhopublication
E-mail: kachhopublication12@gmail.com

**ISBN: 978-969-9544-41-2**

قيمت : **200** رپيا

**Aatam Katha**
**Written by: Amar Jaleel**
First Edition: November 2016
Printed by: Zaki Sons Printers, Karachi.
Published by: **Kachho Publications, Karachi.**
Room # 3/20 Abid Chambers New Challi,
Shahrah-e-Liaquat, Karachi, Sindh.
**Price Rs. 200/=**

## اسٽاڪسٽ

ڪانياواڙ اسٽور اردو بازار ڪراچي. ٿامس اينڊ ٿامس ريگل چوڪ صدر ڪراچي. پٺاڻ بڪ هائوس، نزد اورنگزيب مسجد گاڏي کاتو حيدرآباد. ڪنگ پن بڪ شاپ پريس ڪلب حيدرآباد. ڪامريڊ بڪ اسٽال، ڄامشورو ڦاٽڪ. رابيل ڪتاب گهر اسٽيشن روڊ لاڙڪاڻو. عزيز ڪتاب گهر بئراج روڊ سکر. الفتح نيوز ايجنسي مهراڻ مرڪز سکر. سنڌ ڪتاب گهر، سکر. سنڌيڪا بڪ شاپ، سکر. تهذيب نيوز ايجنسي بڪ اسٽال، پنج گُل چوڪ خيرپورميرس. ممتاز ڪتاب گهر ريلوي لائين دادو. مدني ڪتاب گهر، نيو چوڪ دادو. اشرف بڪ اسٽال مسجد روڊ نوابشاهه. سوجهرو ڪتاب گهر غريب آباد بدين. ناولٽي بڪ سيلر، ميرپورماٿيلو. ٽر ڪتاب گهر، مٺي.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# Dedication

## انتساب، ارپنا



منهنجي زندگيءَ جي پهرين هيرو، منهنجي رول ماڊل، دلير، بيباڪ ۽ صوفي پاءُ قاضي فيض محمد جي نالي. منهنجي تخليقي وجود تي ادا جي ڇاپ ڇڏيل آهي. مون ورلي ڪنهن وڏي پاءُ کي پنهنجي ننڍي پاءُ سان اهڙو پيار ڪندي ڏٺو آهي، جهڙو پيار ادا مون سان ڪيو هو.

**امر جليل**

22.10.2016

# ليکڪ جا ٻيا ڪتاب

دل جي دنيا
جڏهن مان نہ هوندس
منهنجو ڏس آسمان ڪان پڇو
ٽيون وجود
تاريخ جو ڪفن
سنڌو منهنجي ساهہ ۾
رني ڪوٽ جو خزانو
نيٺ گونگي ڳالهايو
جيجل منهنجي ماءُ
اندرا
چنڊ وسامي ويو
ادب ۽ سياست
سرد لاش جو سفر
لهندڙ سج جي لام

سنڌنامو
چيني ۽ چريٽ جون ڪهاڻيون
آتم ڪٿا
فدا حسين ڦودني ڏٽي بخش ڏني
۽ ڦندڻ جا ڪالم
امر جليل جي سنڌو
هيءَ منهنجي سنڌ تہ ناهي
سنڌو بقا، مان فنا آهيان
آتم ڪٿا آڌي پڇائن ۾
جمود
منهنجي نصيب ۾ تون نہ آهين
زوال جو عڪس
ڪراڙو گدڙ
قانون جو ڪفن

**پاڪيٽ بُڪ**: رڇ، هن چار ۾، آدم جي ماءُ ۽ تنهنجيون منهنجيون ڳالهيون.
انگريزي ۾ لکيل ڪهاڻيون: Love, Longing and Death
تدريسي ڪتاب: A Hand Book of Educational Technology

## ليکڪ جي باري ۾ ڇپيل ڪتاب

- امر جليل – سهڻي نمبر
- امر جليل نمبر – ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي
- امر جليل – فن اور شخصيت – اڪيڊمي آف ليٽرس، اسلام آباد.
- هڪ ليکڪ جو تخليقي سفر 1975_2000 (پاڱو پهريو)
- هڪ ليکڪ جو تخليقي سفر 2000_2010 (پاڱو ٽيون)

# پروفائيل

نالو: ڪتاب جي پهرين صفحي تي ڏنل آهي.

پٽ ڪنهنجو: فاطمہ ۽ عبدالغني قاضيءَ جو.

ڪڏهن ڄائس: ٻي مهاڀاري جنگ کان ٽي سال اڳ, 8 نومبر 1936 ع.

ڪٿي ڄائس: روهڙيءَ ۾– شڪارپور ۾ چوڻ ڄائس؟

نپيس: ڪراچيءَ ۾.

پوڙهو ٿيس: اسلام آباد ۾.

پڙهيس: رتن تلاءَ پرائمري اسڪول ڪراچي. اين جي وي هاءِ اسڪول ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ سان تہ عشق اٿم. ان کانسواءِ گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد, گورنمينٽ ڪاليج نوابشاهہ ۽ فلوريڊا اسٽيٽ يونيورسٽي.

چاڙهيو: ايم اي ايڪنامڪس, ايم اي هسٽري ۽ ڊپلوما ايجوڪيشنل ٽيڪنالاجي (ريڊيو ۽ ٽيليويزن ذريعي پڙهائڻ).

ٽيڪنيڪي سکيا جا مرڪز: اين ايچ ڪي ٽيليويزن ٽوڪيو جاپان, سکوٿائي اوپن يونيورسٽي ٿائيلينڊ ۽ فلوريڊا اسٽيٽ يونيورسٽي آمريڪا.

ڌنڌو ڌاڙي:
- ڊائريڪٽر انسٽيٽيوٽ آف ايجوڪيشنل ٽيڪنالاجي, علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي, اسلام آباد.
- ڊائريڪٽر جنرل پاڪستان نيشنل ڪائونسل آف دي آرٽس, اسلام آباد.
- وائيس چانسلر, علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي, اسلام آباد (اڻ پورو مدو).

لکڻ پڙهڻ: 1955ع کان ڪهاڻيون, ڪتائون, ناول, مضمون ۽ تخليقي ڪالم. (سنڌي, اردو ۽ انگريزيءَ ۾).

ميڊيا: انيڪ سنڌي ۽ اردو آرٽ پليز ۽ ڊراما سيريلز.

دان: شاهہ لطيف ايوارڊ, اکل ڀارت سنڌي ساهت سڀا نيشنل ايوارڊ, پاڪستان رائيٽرس گلڊ ايوارڊ, پرائيڊ آف پرفارمنس, نشان فضيلت, ڪراچي يونيورسٽي ۽ لائف فيلو – پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس, اسلام آباد.

جنون: ڪرڪيٽ ۽ موسيقي.

# فهرست


1. درويش عبدالواحد سنڌي 7
2. جمال ابڙي جو جمال 11
3. منهنجو روح اوهان وٽ آهي 19
4. درد ڪٿا 27
5. 1960 31
6. هيءَ منهنجي سنڌ تہ ناهي 34
7. سنڌو 38
8. ٻال اوستا 44
9. جمود جي ڪٿا 50
10. آتم ڪٿا 55
11. آتم ڪٿا 62
12. اندر جي اپٽار 67
13. ڪي مري تين نہ مات 73
14. لڇمڻ ڪومل 76
15. ڊرامن جي دنيا 84
16. رڪارڊ درست رهڻ گهرجي 91
17. دوزخ دڙڪو بهشت دلاسو 98
18. مولويءَ پلوڙ دانشورن کان بچائي! 105
19. منهنجي پرائيويٽ دنيا 108
20. ماضيءَ ۾ جهاتي 113
21. آتم ڪٿا جي ڪٿا 117
22. جڏهن مون خودڪشي ڪئي هئي 122

# درويش عبدالواحد سنڌي

اڄ، ڇهين جنوري 1988، جوهر حسين جي حيدرآباد مان تار پهتي. لکيو هئائين: عبدالواحد سنڌيءَ جي ياد ۾ رسالي ”نئين زندگيءَ“ جو خاص نمبر ڪڍي رهيا آهيون. پندرهين جنوريءَ تائين عُبدالواحد سنڌيءَ جي باري ۾ ڪجهه لکي موڪل.

مان ٽپيءَ ۾ پئجي ويس. ڳچ وقت تائين تار جي مضمون ڏانهن ڏسندو رهيس. خاموشيءَ جي گوڙ جو آواز ٻڌندو رهيس. مون کي خبر هئي تہ سائين عبدالواحد سنڌي ناچاڪ هو. مون جڏهن بہ دوستن کان عبدالواحد سنڌيءَ جي باري ۾ پڇيو هميشہ ويڳاڻو جواب مليو: سائين مزي ۾ ناهي.

”مِليا آهيوس؟“

”نہ.“

جوهر حسين جي تار پڙهڻ کان پوءِ مون پاڻ سان ڳالهايو: تہ زورآور گذاري ويو!

پر. ڪڏهن؟

جواب نہ مليو. جواب بدران پڙاڏو ٻڌڻ ۾ آيو: زور آور گذاري ويو. زورآور گذاري ويو.

ڪائنات ۽ قدرت جي انيڪ رازن مان موت منهنجي لاءِ هميشہ کان پُراسرار ۽ تجسس جو سبب رهيو آهي. موت ۾ مون کي هڪ کان وڌيڪ معنائون ۽ مفهوم سمجهہ ۾ آيا آهن. مون موت کي ڪڏهن بہ خاتمي جي علامت نہ سمجهيو آهي. موت ابدي سفر ۾ اُهو وراڪو آهي، جنهن کان پوءِ اسين پنهنجي رهجي ويجهڻ وارا، ابدي سفر جي مسافرن کي ڏسي نہ سگهندا آهيون. اکين کان اوجهل ٿي وڃڻ کان پوءِ سندن ياد باقي رهجي ويندي

آهي- باقي سڀ ڪجھ فنا ٿي ويندو آهي.

لکڻ واري دور جا پهريان پهريان سال هئا. لکڻ لاءِ جڻ غيب مان پروانو مليو هو. ڪهاڻيءَ اهڙو اچي روح ۾ واسو ڪيو جو لکڻ کان سواءِ ڪنهن ڪم ۾ دل نہ لڳندي هئي. ڪيڏانهن ويئي ڪرڪيٽ. ۽ ڪيڏانهن ويو ٽيسٽ ڪرڪيٽر ٿيڻ جو خواب! ڪيڏانهن ويئي پائليٽ ٿيڻ جي تمنا! ڪيڏانهن ويئي سي ايس پي ڪرڻ جي تياري! ادب جڻ بارگاهہ هو جتي سڀ ڪجھ قربان ٿي ويو. شروعاتي دور ۾ مون محسوس ڪري ورتو تہ ادب منهنجي لاءِ تفريح يا وندر جو ذريعو نہ هو. ادب منهنجي لاءِ فرصت جو مشغلو نہ هو. مون محسوس ڪري ورتو تہ ادب منهنجي لاءِ زندگيءَ ۽ موت وانگر گنڀير هو (۽ اڄ تائين آهي). لکڻ سبب اوچتو مون کي بي معنيٰ زندگيءَ ۾ معنيٰ نظر اچڻ لڳي. بي سبب کي سبب ۽ مقصد ملڻ لڳو. تڏهن، مون پنهنجين محبتن ۽ نفرتن جي اظهار لاءِ واجهايو. اهي اٽوبهہ سئو پنجاهہ واري ڏهائيءَ جي آخر ۽ اٽوبهہ سئو سٺ واري ڏهائيءَ جي شروعات جون ڳالهيون آهن.

ادب ۾ ماهوار رسالي ”نئين زندگيءَ“ جي هاڪ هئي. هزارن جي تعداد ۾ ڇپبو هو هٿئون هٿ وڪامندو هو ۽ شهرن کان وٺي ڳوٺن تائين ڏاڍي چاهہ سان پڙهبو هو. ايڊيٽر هوس، عبدالواحد سنڌي. تعجب جي ڳالهہ تہ سرڪاري رسالو هئڻ جي باوجود ”نئين زندگيءَ“ رسالو عزت جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو هو. ورنہ، ون-يونٽ سبب سنڌ ۾ سرڪار سڄوري پنهنجي ساک مڪمل طور وڃائي چڪي هئي. مان سمجهان ٿو اِهو سمورو ڪمال عبدالواحد سنڌيءَ جو هو. مون سڄي ڄمار ۾ ڪنهن بہ شخص کي پنهنجي ڪم لاءِ اهڙي نموني وقف نہ ڏٺو جهڙي نموني عبدالواحد سنڌيءَ پاڻ کي نئين زندگيءَ لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو. ميٽائين رنگ جي شيرواڻي، مٿي تي پراڻي ڪراڪلي قسم جي جناح ڪيپ، پلاسٽڪ جي ٿلهي فريم سان اکين تي عينڪ. ۽ هٿ ۾ جهليل، گهٽو ڪري برائون رنگ جي چمڙي جو ٿيلهو. ڳالهايوس تہ وينو ”ها“، ”ها“ ڪري. واتان ڪڏهن ”نہ“ نہ ٻڌوسينس. عمر ۾ اسان کان ويهہ-پنجويهہ سال وڏو- پر ڳِهرو اهڙو جهڙو هم عمر دوست.

چرچن ۾ ورايونس تہ ”زور آور“ چئي، گوهي ڏيئي جان ڇڏائي وڃي. پر اِهي پوءِ جون ڳالهيون آهن. عبدالواحد سنڌيءَ سان سچاٽپ جنگ سان ٿي هئي.

جنگ بہ اهڙي تهڙي نہ! باقاعدي محاذ کولي مون جوانيءَ جي جوش ۾ عبدالواحد سنڌيءَ سان جنگ جوٽي، هئي. ڪهاڻي موڪلي مانس. نہ قوت، نہ بوڏا شايع ٿي. ٻيهر ڪهاڻي موڪلي مانس. ساڳي ڪار! ٽيئن ڪهاڻي موڪلي مانس. چوٿين ۽ پنجين ڪهاڻي موڪلي مانس. نہ موٽ، نہ جواب! ڏاڍي ڪاوڙ پرائي ويئي. انهن ڏينهن ۾ جمال ابڙي، غلام رباني، اياز قادري، سراج، رشيد آخوند، رشيد ڀٽي، ڪروڙپتي، علي احمد بروهي، بشير مورياڻي، شيخ حفيظ ۽ ثميره زرين جو ڪهاڻي ڪيتر ۾ ڏاڍو نالو ۽ نامياچار هوندو هو. سندن ڪهاڻيون نئين زندگيءَ ۾ باقاعدي پابنديءَ سان شايع ٿينديون هيون. پنهنجين ڪوتاهين ڏانهن ڌيان ڏيڻ بدران، مان ڪين ادب ۾ هڪ هٽي ۽ اجاره داريءَ جو سبب سمجهندو هوس. عبد لواحد سنڌيءَ تي ڏاڍي ڪاوڙ ايندي هئي. وجهہ ملنديئي مون هفتيوار ”آواز“ ۾ نجمہ شيرين جي نالي سان ”نئين زندگيءَ“ رسالي ۽ عبدالواحد سنڌيءَ خلاف محاذ کولي ڇڏيو. عبدالواحد سنڌيءَ نہ ڪڏهن جواب ڏنو ۽ نہ ئي ڪڏهن جوابي حملو ڪيو. هو يڪسوئيءَ سان پنهنجو ڪم ڪندو رهيو۔ رسالو پابنديءَ سان ڪڍندو رهيو. ان ڳالهہ ويتر ڪاوڙ ڏياري. هڪڙي ڏينهن حواس باختہ ٿي سندس آفيس ۾ گهڙي ويس. سندس آفيس ۾ گهڙڻ کان اڳ سوچيو هيم، منهنجي سخت لهجي ۽ بدڪلاميءَ تي سنڌي صاحب ڪاوڙبو ۽ پوءِ مان دل کولي کيس گهٽ وڌ ڳالهائي هليو ايندس! ڇا ٿو سمجهي هو پاڻ کي! آفيس ۾ گهڙڻ شرط مون ڪين پنهنجو نالو ٻڌايو. ٿهڪ ڏيئي کلي پيو۔ (کلڻ جو سندس مخصوص انداز هو). مون کي سندس کلڻ نہ وڻيو. پانيم ٽنولي پيو ڪري، آواز مٿي ڪري ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪيم تہ وينو مُرڪي. ٿڌي لوهہ ٿي ويس. اصل هڪ لفظ هڪ اکر جواب ۾ وات مان نہ ڪڍيائين. اڄ جڏهن هيءَ مضمون لکي رهيو آهيان، مون کي پنهنجي ڪرڪيٽ ڪوچ ماسٽر عبدالعزيز جا جملا ياد اچي رهيا آهن. هن چيو هو تہ وڏي ڪرڪيٽ ڪيڏڻ لاءِ ڏاڍي صبر ۽ تحمل جي ضرورت هوندي آهي۔ ڪرڪيٽ ڪاوڙ

سان نہ ڪيڏبي آهي. مون ڪرڪيٽ راند ڪاوڙ سان ڪيڏي هئي. ۽ نتيجي طور صوبائي ۽ يونيورسٽي سطح کان وڏي ڪرڪيٽ ڪيڏي نہ سگهيس.

مون ڪاوڙ ۽ ڪروڌ ۾ هڪبئي جي ڪڍ ڪهاڻيون هندستان موڪلڻ شروع ڪيون. هو بہ ويچارا ڪي آتا وينا هئا. پريان سندي پار جي مڙيئي منائيءَ وانگر جيڪي ڪجهہ ڪين موڪليندو ويس، جهٽ پٽ شايع ٿيندو ويو. سال ـ ٻن ۾، "ڪونج"، بمبئي، "نئين دنيا"، بمبئي، "ساهت ڌارا" دهلي، "رابيل" دهلي، "نئين زندگي" جبلپور ۽ ٻين ڪيترن انيڪ رسالن ۾ شايع ٿيڻ لڳس. مثان، اٺويهہ سئو ٻاهٺ ۾ ڪونج رسالي طرفان هند سنڌ ڪهاڻي چٽاپيٽيءَ ۾ پهريون نمبر انعام مليو. تنهن اجا وڌيڪ عبدالواحد سنڌيءَ خلاف منهنجو دماغ خراب ڪري ڇڏيو. "آزاد" هفتيوار ڪراچيءَ ۾ ڪوليل ادبي جنگ جو دائرو وسيع ٿي ويو ـ ايتريقدر جو جنگ جي ميدان مان مون کي پنهنجي رَتُ ۽ خراب ٿيل زخمن جي بدبوءِ اچڻ لڳي. مون کي ٻاڻ کان نفرت ٿيڻ لڳي. ۽ پوءِ، انهن ئي ڏينهن ۾ نسيم کرل ۽ تاج بلوچ هڪ طرفہ جنگ ۾ سيز فائر ڪرايو. ۽ عبدالواحد سنڌيءَ سان آٺي ملايو. مون کي اج تائين اُهي ڏينهن جڏهن ياد ايندا آهن، تڏهن ندامت رت بدران رڳن ۾ ڊوڙڻ لڳندي آهي.

مون کي چوويهہ ـ ستاويهہ سال ٿي ويا آهن لکندي. ادب ڏاڍو ڏکيو ۽ گورک ڌنڌو آهي. مان فقط سنڌي ادب جي ڳالهہ نہ پيو ڪريان. مان عام حوالي سان ڳالهہ ڪري رهيو آهيان. ادب ۾ ساڳئي وقت طرحين طرحين جا ماڻهو ملندا آهن ـ چالاڪ ۽ سادا، ٺپتائي ۽ مخلص، ڪوڙا ۽ سچا، اندر جا ڪوجها ۽ اندر جا اُجرا، هنس ۽ ڪانوَ ۽ منصف ۽ ملزم. پر مون عبدالواحد سنڌيءَ کان وڌيڪ سٻاجهو ۽ ٻاجهارو شخص ادب ۾ اج تائين نہ ڏٺو آهي. مان حيران ٿيندو آهيان تہ اهڙو مسڪين ماڻهو ايتري وقت تائين ادب ۾ جٽاءُ ڪيئن ڪري سگهيو!

1988

# جمال ابڙي جو جمال

مون زندگيءَ ۾ فقط خواب ڏٺا آهن ـ ڏاڍا عجيب، منجهيل، مبهم ۽ اڻ پورا خواب. اهڙا خواب، جيڪي شيشي وانگر هئا. ٽٽي پيا ته جسم کي رنگن جي بهار ڏيئي ويا. اڳتي هلي خبر پيئي ته زندگيءَ جي ڪينواس تي پکڙيل رنگن ۾ سيني کان وڌيڪ نمايان رنگ دل جي اُن آرٽري مان وهيو نڪتل رت جو رنگ هو جيڪا ورهين کان بند هئي، ۽ باءِ پاس جي منتظر هئي. خوابن جي کنڊر ۾ نه ڪڏهن قديم آثارن جو ڪو ماهر آيو نه ئي تعبيرن جي شڪست کي قلم بند ڪيو ويو. هر مستند دستاويز مشڪوڪ محسوس ٿيو. فائيل سنڀالي رکياسين، پر فائيلن ۾ ڪو ڪاغذ نه هو.

ٽيسٽ ڪرڪيٽر ٿيڻ جو جنون عشق وانگر سِرَ تي سوار هو. زندگيءَ جو ڪو پَلُ ڪرڪيٽ جي دست اندازيءَ کان بچيل نه هو. هر گهڙيءَ، هر لمحي تي ڪرڪيٽ جو غلبو هو. غلبو به اهڙو جيڪو بيروني اثرات کان بچيل نه هو. اسين ڪولمبس جي دريافت کان اڳ آمريڪي امداد لاءِ واجهائڻ واري قوم آهيون. تنهنڪري، ازل کان امپورٽيڊ شين تي هريل آهيون. جيڪي شيون امپورٽ نه ٿينديون آهن، سي سمگل ٿينديون آهن. يا پرسنل بيگيج ۾ ايندڻيون آهن، ۽ بازارين مان ملنديون آهن. ڪپڙو هجي ته باهريون. ڪراڪري، ڪاسميٽڪ، صابڻ، شمپو بوٽ، ليڪڪ، دانشور، فلاسافر، ڏاها سيئي باهريان هجن. آمريڪي، يا يورپي ته بهتر. فرانس جا واهه واهه! البر ڪاميو جيڪڏهن فرانس بدران ٺٽي باگهه ۾ پيدا ٿئي ها. ته بدنصيب کي ڪو سنڌي کنگهي به نه ها! سارتر جيڪڏهن ملاڪاتيار جو هجي ها. ته اُتان جي گنجي ايس ايچ او هٿان روزانو مار کائي ها. گمنام شاعر جنڙو جيڪب آبادي جيڪڏهن ريو ڊيجينيرو ۾ پيدا ٿئي ها. ته اسان وٽ

۾ واهه واهه ڪرڻ لاءِ پهرين نمبر تي روسي اديبن جي ڏڙي بندي هئي، ٻئي نمبر تي فرانسيسي، ۽ ٽئين نمبر تي يورپي ۽ آمريڪي اديب هئا. اڳتي هلي، وات جو ذائقو مٽائڻ لاءِ غيرملڪي، يعني پرديسي اديبن ۾ ڪجهه آفريڪي ۽ ڪجهه لاطيني آمريڪا جا اديب به شامل ڪيا ويا. ٽالسٽاءِ، دوستو وسڪي، چيخوف، گورڪي، ۽ شولوخوف وغيره جو ادبي ڪچهرين ۾ ذڪر نه ڪرڻ عيب سمجهيو ويندو هو. جيڪو اديب ٽالسٽاءِ، چيخوف، ۽ شولوخوف وغيره جو ذڪر نه ڪندو هو تنهن کي يارن طرفان جهالت جي سَندَ سان نوازيو ويندو هو. ۽ جيڪو ليکڪ ڳالهين ٻولهين، ۽ بحث مباحثن ۾ روسي اديبن جي تحريرن مان حوالا ڏيندو هو تنهن کي دانشوريءَ جو سرٽيفڪيٽ ڏنو ويندو هو. سندس وڏي واهه واهه هوندي هئي.

۽ جنهن ليکڪ ڪاميو ۽ سارتر جو بار بار ذڪر ڪيو، تنهن کي فلسفي اديب ڪوٺيو ويو. اُن دور کان وٺي موجوده دور تائين، ذري گهٽ پنجٽيهه سالن ۾ مون ڪاميو ۽ سارتر جي نالن جا پنجٽيهه اُچار ٻڌا آهن ـ ڪوميو، ڪوم، ڪامي، ڪام وغيره، ۽ سارت، سارتري، سارترا، سرت وغيره! مون کي اڄ تائين خبر پئجي نه سگهي آهي ته ٻنهي فرانسيسي فلسفي ليکڪن جي نالن جا صحيح اُچار ڪيئن ۽ ڪهڙا آهن! بهرحال، ٻنهي جي وڏي واهه واهه هوندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن موليئر، دانتي، ۽ هيوگو جو به ذڪر ٻڌبو هو. جيڪو اديب فرانسيسي اديبن جو ذڪر ڪندو هو تنهنکي وڏي عزت جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو. آخر پئرس به ته فرانس ۾ آهي!

شيڪسپيئر، شيلي، ڪيٽس، بائرن، ڊڪنس، ڊيوما، هيمنگوي، اسٽائين بيڪ، سيرويان، برناڊشا، وٽمين، ۽ ڪوئسلر وغيره به ڏاڍي فيشن ۾ هوندا هئا. ڪين بحث هيٺ آڻڻ، ۽ موضوع بنائڻ عام رواج ٿي پيو هو. يارن جي ديس واسين مان جنهن تي اک ٻڌندي هئي، سو هو رابندرناٿ ٽيگور، جنهنجي گيتا انجلي پڙهي، مون کي سرت چندر جي ديو داس، ادي، اڪيلو آدميءَ ۽ ٻين ناولن جو خيال آيو هو. سرتِ چندر مولائي مڙس هو. هڪ چمپل ڏهه سال پائيندو هو. شانتي نڪيتن کولڻ جو خواب ته پري جي ڳالهه آهي، هڪ ويلو پيٽ پري ماني کائي نه سگهندو هو. پرڏيهي انگريز ۽ آمريڪي

## 14 ـ آتم ڪٿا

اديبن کي هندستان گهمڻ جي دعوت ڏيئي نہ گهرائيندو هو. پنهنجين ٻولين جا ترجما ذاتي تعلقات جي آڌار تي ٻين ٻولين ۾ ڪرائي نہ سگهندو هو. پنهنجو پنهنجو رايو آهي. پنهنجو رايو ڪنهن تي مڙهي نہ سگهبو آهي. فقط اظهار جي حد تائين محدود رکبو آهي. مون کي، سموري بنگالي ادب جي پيٽ ۾ سرت چندر جو ناول ديوداس مٿاهون لڳندو آهي.

اهڙي ذهين، دانشورانہ، ماهرانہ، علمي، ۽ فلسفي ادبي ماحول ۾ مان وائڙو ٿي ويس. جنهن کي ڏسان، سو ساڍي پنج فٽ ذهن انچن کان مٿاهون پئي لڳو. هر ڪو قداور! پنهنجي بندري هئڻ جو احساس ورائي ويو. اول سوچيم تہ اهڙو ٻوٽ ناهر ايان، جنهن جي ڪڙي ٻہ انچ هجي. ٻوٽ پائي ٻيهان تہ پنج فٽ ڏهہ انچ نظر اچان! پر، بدقسمتيءَ سان مون کي ڪو مناسب موچي هٿ نہ آيو. پوءِ، ڪباڙين وٽان رسٽڪ گائيڊ ٽو رشين لٽريچر، فيمس شارٽ ڪٽ ٽو فرينچ لٽريچر. ۽ ورلڊ لٽريچر اِن وَن لائين قسم جي ڪتابن جي ڳولا ڪيم. منهن وجهي پٽ ۾ هنيم. پراڻن ڪتابن جي دز ۽ مٽيءَ ۽ ڪوريئڙن کان سواءِ ڪجهہ هٿ ڪري نہ سگهيس. ۽ پوءِ، اُنهن ئي ڏينهن ۾ ڪنهن کان ٻڌو هوم تہ ادب ۾ شارٽ ڪٽ نہ ٿيندو آهي. مٿان وري اِن ڳالهہ جو ٻہ احساس هو تہ يارن، طبع زاد محاورا ايجاد ڪري ورتا هئا ـ فلاڻو اديب جاهل آهي، پل تہ ڪٽي ٻہ ايم اي، ۽ ايل ايل بي ڪيل چو نہ هجي. پرک جي اڏيءَ تي ڪنڏ ڪپائي وجهندوا فلاڻو اديب ڏاڍو پڙهيل لکيل. ۽ وسيع مطالعو رکندڙ آهي! فلاڻو اديب دانشور آهي!

مطالعي جو جنون ورائي ويو. مائٽ مٽ حيران تہ چوري کي ڇا ٿي ويو آهي! منهنجي حالت مجذوبن جهڙي ٿي ويئي. سمهندي جاڳندي، گهمندي ڦرندي، کائيندي پيئندي ڪتاب هٿ ۾! تائليٽ ۾ وڃان، تڏهن ٻہ ڪتاب هٿ ۾! بس ۾ سفر ڪندي ڪتاب هٿ ۾. لهڻو هجي سعيد منزل وٽ تہ لهان وڃي لي مارڪيٽ وٽ! گهر ۾ چوبول هلي پيو ـ ڇہ ڇورو رومال، جوراب، گنجيون ۽ انڊر ويئر ولائتي وٺندو هو ـ هينئر ڪتاب ٻہ ولائتي ٿو پڙهي، الاءِ ڪهڙو حشر ٿيندس!

حشر ڏاڍو خراب ٿيو. جڻ جهنگ ۾ ڪاهي پيو هوس. جنهن ۾ داخل

ٽيڻ جو رستو تہ هو پر ٻاهر نڪرڻ لاءِ ڪو گس، ڪا واٽ نہ هئي. موٽي اچڻ لاءِ ڪو هڪ رستو بہ نہ هو. جهنگ ۾ لفظن جا جهنگ هئا. جهنگ ۾ جملن جا جهنگ هئا. جهنگ ۾ تشبيهن جا جهنگ هئا. جهنگ ۾ محاورن جا جهنگ هئا. جهنگ ۾ پهاڪن جا جهنگ هئا. جهنگ ۾ پيرولين جا جهنگ هئا! جهنگ اندر انيڪ جهنگ هئا. جن جو ڪو انت، ڪو ڇيهہ نہ هو!

اِن ڪان اڳ جو جهنگ ۾ گم ٿي وڃجي، هڪڙي ڏينهن محترم سائين ايچ ايم خوجا جي قدمن ۾ وڃي ويٺس. ڏاڍو سخت گير قسم جو ايڊمنسٽريٽر هوندو هو. نوابشاهہ جي لوڪل بورڊ اسڪول ۽ هاسٽل ۾ وڏيرن جي بدمست ۽ من مست پٽن کي بيد سان ڪُٽي سڌو ڪندو هو. وڏن وڏن پاڻاريدارن جي پٽن جو ڪانئس ساهہ نڪرندو هو. بيٽنگ ڪندي مون اسڪول ۽ هاسٽل جا انيڪ شيشا ٽوڙي ڇڏيا هئا. هر شيشي لاءِ زباني پنج رپيا ڏنڊ وجهندو هو پر وٺندو نہ هو. يا تہ گرائونڊ ننڍو هو يا اسڪول گرائونڊ جي بنهہ ويجهو هو. جو شارٽ پچ بال کي ٺاهوڪو ڌڪ هڻبو هو. تہ وڃي ڪنهن در يا دريءَ جي شيشي سان لڳندو هو. اهڙي نقصان تي سائين خوجا صاحب ڏمر بدران پيار ڪندو هو. اُن يادگار شام، جڏهن ڪرڪيٽ کي الوداع ڪئي، ڪي ورهيہ ڀامي ويا هئا. ۽ زندگي ادب جي اٿاهہ ۾ سرگردان هئي، سائين خوجا صاحب ڪجهہ هن طرح رهبري ڪئي هئي: چيو هئائون ـ

"ازل کان وٺي ادب وجود ۾ آيو آهي، ۽ ابد تائين ادب تخليق ٿيندو رهندو. هڪ انسان کي مطالعي لاءِ جيڪڏهن سراسر پنجاهہ سال مخصوص ڪري ڏنا وڃن، ۽ هو سراسر پنجاهہ هزار دفعا ٻيهر جنم وٺي مطالعي لاءِ دنيا ۾ ايندو رهي، تڏهن بہ هو سمنڊ ۾ هڪ ڦڙي جيترو مطالعو ڪري سگهندو. تنهنڪري، محدود زندگيءَ ۾ توکي نہ فقط پڙهڻو آهي، پر لکڻو بہ آهي. اِن لاءِ، ٿاڦوڙا هڻڻ بدران ڪجهہ اهڙن مخصوص ليکڪن جو گهرو مطالعو ڪر جن جي توسان، ۽ تنهنجي جن سان فڪري، ۽ جمالياتي هم آهنگي ٿي سگهي.

اُهو ڏينهن اُهو شينهن. مان جهنگ مان نڪري آيس. اِهڙن ليکڪن جي ڳولا ۾ نڪري پيس جن سان سوچ، سمجهہ ۽ وجود جي ولوڙ جا رشتا هئا.

عجيب اتفاق آهي، جو سونهن ۽ رهبرن کي ڳولي هٿ ڪرڻ ۾ دير نہ لڳي. جيئن اوچتو اکين آڏو آيل منظر، ڪا مورت، ڪا صورت دل ۾ لهي ويندي آهي، تيئن ڪنهن ليکڪ جو پهريون لفظ، پهريون جملو فڪري ۽ جمالياتي رشتي جي تصديق ڪندو آهي. منهنجو مقدر، جو مون ٿاڦوڙا هڻڻ بدران اهڙن ليکڪن سان ذهني هم آهنگيءَ ۾ زندگيءَ کي ولوڙيو آهي، جن کي مون پنهنجي لاءِ ڇپر ۽ ڇانءَ محسوس ڪيو آهي. جن کي صحيفن وانگر مون وري وري پڙهيو آهي.

مون کي ياد نہ آهي، تہ مون ڪڏهن ۽ ڪٿي، جمال ابڙي کي پهرين دفعي پڙهيو هو. مونکي فقط ايترو ياد آهي تہ جمال ابڙي کي پڙهي، منهنجي ذهن تان ولايتي ليکڪن، آرٿر ڪوئسلر جي ناول ڊارڪينس ايٽ نون، دوستو وسڪيءَ جي ناول ايڊيٽ ۽ ڊيولس Devils، ڊڪنس جي ناول اي ٽيل آف ٽو سٽيز، گورڪيءَ جي ناول مدر، ۽ هرمن هيس جي ناول سڌارٿ ۽ اسٽيفن وولف جي تابناڪي جهڪي ٿي ويئي. مون محسوس ڪيو هو تہ هر ليکڪ جي تحرير جي تابناڪي سندس مُلڪ، ماحول ۽ ماڻهن جي حوالي سان هوندي آهي. پر، سڀ کان اُتم، اهم، حرفِ اول ۽ حرف آخر آهي تخليقي عمل جو جوهر. لفظن جي چونڊ، لفظن سان جملن جي جوڙجڪ ۽ جملن سان ڪردارن کي جيئرو ڪرڻ واري مسيحائي هر ليکڪ جو مقدر نہ آهي. جيڪڏهن ڪو پڇي تہ ڇا جمال جي ڪهاڻين جا موضوع نوان، نرالا ۽ انوکا آهن، تہ مان چوندس، نہ. سنڌ ساڳي، سنڌ جا ڏک درد ساڳيا. عذابن جو تسلسل آهي، جيڪو صدين کان جاري آهي. هونءَ بہ لکڻ لاءِ دنيا ۾ موضوع ڪل ڇتيهہ آهن. انهن ڇتيهہ موضوعن تي ڇتيهہ هزار، ڇتيهہ لک ڪهاڻيون، ناول ۽ ڊراما لکيا ويا آهن، ۽ لکيا ويندا. ڳالهہ آهي اسلوب، ڪهاڻي بيان ڪرڻ جي فن، ۽ موضوع تي مڪمل گرفت جي.

وڪٽر هيوگو جي ناول لي مزربلس ۾ هڪ ڪمزور، نبل، بيوس ۽ مجبور ماءُ پنهنجي ٻار جي خوراڪ لاءِ، ذهني ولوڙ ۽ آنڌ مانڌ کان پوءِ پنهنجو جسم وڪڻڻ جو فيصلو ڪري ٿي، تڏهن ليکڪ، وڪٽر هيوگو اُن ماءُ جي حوالي سان فقط هڪ جملو لکيو آهي.

And, she became the Woman of the town.

جملو پڙهڻ کان پوءِ لونءُ ڪانداريو وڃي! مون ان قسم جا انيڪ جملا جمال ابڙي جي تحريرن ۾ پڙهيا آهن. ڪهاڻي "بدمعاش" جي پڄاڻي:

"ڪيس سنٽر جيل موڪليو ويو. لولو جمعدار جيلر بڻجي چڪو هو. هن ڪيس چوڪنيو بڌايو. ڪيس اُگهاڙو ڪرايو ۽ ڪيس ڏنبي لنگهائي. هن کي اونڌو ڪري سنٽر جيل جي وڻ ۾ لڙڪايو ويو. سندس ڏنبي ڪيدي وبئي. رت وهي هليو. چيائون تہ سوري هيس. لولي جيلر کيس ٺڏو هنيو. چيائين، بدمعاش."

يا، ڪهاڻي "بدتميز" ۾ پوڙهي، مسڪين ڳوناڻي جو موت، جنهن کي ڊاڪٽر دوا داروءَ لاءِ پيسا نہ هئڻ سبب ٽاري ڇڏيو آهي. جمال جو جملو ورجائي ورجائي پڙهڻ جهڙو آهي. "گاڏي چيڪٽ ڪندي رواني ٿي. منيءَ سوڊا، ۽ نارنگيءَ جي رس کان پري. مائيءَ جو سرتاج، ابهم جو پيءُ، هن ننڍڙيءَ نظام شمسيءَ جو مرڪز اونده ۾ غائب ٿيندو ويو."

۽ ڪهاڻي "پيراڻيءَ" ۾ اُهو هنڌ، جڏهن معصوم پيراڻي کي ماءُ جي ڇاتيءَ کان ڇڪي جدا ڪيو ويو آهي:

"ماڻس مشين وانگر سٽ ڏيئي پيراڻيءَ کي کٽي ورتو ۽ ڇاتيءَ سان چنبڙايو. ماءُ ۽ ڌيءَ جون دليون ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳيون. ماڻهو مڙي آيا. پٽس ڌڪندڙ هٿن سان پيراڻيءَ جي ٻانهن کي ڇڏايو. ماءُ جو هنياءُ ڦسي پيو. آنڊا وڍجي پيا. دل دانهن ڪئي، "اڙي منهنجو پيراڻي ننڍڙو!" ڇوڪريءَ هنيانءُ ڦاڙي دانهن ڪئي. پکي پڙڪو ڏيئي اُڏاميا."

مقناطيسي ذهن، حساس طبيعت، ۽ مشاهدي جي وسعت کي قلم بند ڪرڻ لاءِ جمال ابڙي کي لفظن جي ايڏي ئي وڏي خزاني جي ضرورت هئي. جيڏو وڏو خزانو قدرت کيس عطا ڪيو آهي. فڪر جي گهرائي، پاتال تائين پهچڻ واري سوچ، ۽ لفظن سان باطن ۽ ظاهر جي منظرڪشي ڪرڻ واري معراج مون هند سنڌ جي ٻئي ڪنهن ليکڪ ۾ نہ ڏٺي آهي.

هند سنڌ ڇا، مون دنيا جي ٻئي ڪنهن بہ ليکڪ ۾ اهڙي ذات ۽ سعادت نہ ڏٺي آهي. جمال ابڙو پنهنجين تحريرن ۾ ڪٿي بہ، بي انتها درد ۽ تڪليف، ۽ معاشري جي بي حسيءَ جي عڪاسي ڪندي، ڪاميو ۽ ڪاميو جي ڪردارن وانگر نہ منجهيو آهي، ۽ نہ مونجهارن ۾ گرفتار ٿيو آهي. ڪاميو جي برعڪس، جمال ابڙي احساس جي انتهائي شدت سان ناهموارين، ڏاڍائين، تشدد، بي حسي، ۽ انسان جي خسيس پڻي کي وائکو ڪيو آهي. جمال ابڙي جا ڪردار، هيمنگوي جي جنگجو ڪردارن وانگر، مرڻ مهل بہ ملهہ ماري ويندا آهن. ڪهاڻي ”پشو پاشا“ ۾ اصل ائين ئي ڏيکاريو ۽ بيان ڪيو اٿائين:

”قاسي گهاٽ مان سوين ۽ هزارين پشو اُڏامندا نظر آيا. سندن سر ترڪيءَ تي هئا. سندن ڪپڙا رڱجي لعل ٿي ويا هئا. ويا گڏ ٿيندا. ڪارخانن ۾، فوجن ۾ ڪيتن ۽ جبلن جي ماترين ۾، ۽ غارن ۾.“

جمال ابڙي جي ڪهاڻين جو فقط هڪ ئي ڪتاب آهي. جيڪو اسان سڀني جي سمورن ڪتابن جو مٽ آهي. گذريل پنجويهن ٽيهن سالن کان، ڪنهن آسماني صحيفي وانگر مون سندس ڪتاب ورائي ورائي پڙهيو آهي. ۽ هر دفعي هڪ نئين ڪشف جو احساس ٿيو آهي. مان جو اڄ تائين مسلسل، ۽ لاڳيتو لکندو رهيو آهيان. اِن اميد تي لکندو رهيو اهيان. تہ شايد ڪڏهن ڪو هڪ جملو، ڪا هڪ سٽ جمال ابڙي جهڙي لکان. ۽ پنهنجي معتقد هئڻ جو حق ادا ڪري سگهان.

1988

# منهنجو روح اوهان وٽ آهي

پهرين جنم ڏينهن جي ڪابہ ڳالهہ اسان جي يادگيرين جو حصو ٿي نہ سگهندي آهي. هونءَ بہ اهو امڪان کان ٻاهر آهي تہ نئون ڄاول ٻار دنيا ۾ اچڻ کان هڪدم پوءِ پنهنجي زندگيءَ جي پهرين ساعتن کي ذهن تي اُتاري سگهي. اسان کي ڪجهہ بہ ياد نہ رهندو آهي. امان ۽ بابا سان موجود ماڻهن ڇا چيو هو. اسان جي نڪ نقشي کي ڪنهن سان ڀيٽيو هو. ڪنهن اسان لاءِ ڪهڙي اڳڪٿي ڪئي هئي؟ اسان کي ڪجهہ ياد نہ ايندو آهي. گهڻو پوءِ، پهرين جنم ڏينهن جون تصويرون ڏسي حيران ٿيندا آهيون. پر انهن ساعتن کي شعوري طرح consciously ساري نہ سگهندا آهيون. اسان کي پنهنجي پهرين جنم ڏينهن بابت ڪجهہ ياد نہ رهندو آهي.

مونکي بہ پنهنجي پهرين جنم ڏينهن، 8 نومبر 1936 بابت ڪجهہ ياد ناهي. اُهو منهنجو پهريون جنم هو يا ان کان اڳ بہ مان هن جڳ ۾ اچي چڪو هوس. اهو جدا موضوع آهي. دل ضد ٻڌي ويٺي آهي تہ جنمن بابت هڪبئي سان اندر جو حال اورجي. پر هيءُ مناسب موقعو ناهي. مان ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن اوهان وٽ ايندس. سيس نوائيندس ۽ ڳُجهہَ جي ڳالهہ ڪندس جيڪا ڪڏهن تہ سمجهہ ۾ ايندي آهي، ۽ ڪڏهن سمجهہ ۾ نہ ايندي آهي.

ائين برابر آهي تہ 8 نومبر 1936 واري جنم ڏينهن بابت مونکي ڪجهہ ياد ناهي. پر، هِنَ حياتيءَ ۾ ٻيو دفعو جنم وٺڻ واري پهرين ڏينهن جي هڪ هڪ ساعت، هڪ هڪ گهڙي مونکي ياد آهي.

هڪ حياتيءَ ۾ اسين انيڪ دفعا مري ويندا آهيون. مري وڃڻ کان پوءِ ٻيهر جيئرا ٿي پوندا آهيون. هڪ گهڙي اسان کي ماري اڳتي نڪري

ويندي آهي. ٻي ڪا گهڙي اسان کي جيئرو ڪري وجهندي آهي. گهڙيءَ گهڙيءَ ۾ مرڻ ۽ گهڙيءَ گهڙيءَ ۾ جيئڻ جو سلسلو ڪائنات جي ابتدا کان انتها تائين هلندو آهي. اهوئي سبب آهي. جو مها آتما گوتم ٻڌ زندگيءَ جي حقيقت بابت پڇيل سوال جي جواب ۾ هڪ لفظ تي پيرا ورجايو هو ـ "دکا، دکا، دکا ـ"

چاليهه ـ پنجيتاليهه سال اڳ شعور جي، آگاهيءَ awareness جي هڪ گهڙي مونکي ماري هلي ويئي هئي. مان سوچ جي مَحِوَرَن تي مري ويو هوس. مان چاهتن جي انتها تي مري ويو هوس. منهنجي موت ۾ وچڙي وڃڻ جي صدمي جي ايذي تہ انتها هئي جو منهنجي ڪابہ ڪهاڻي اُن انتها جي شدت کان بچي نہ سگهي. اُن انتها کي پڙهندڙن پڻ ساڳي شدت سان محسوس ڪيو. اُن انتها جي شدت کان شروعات ۾ مان پڻ ڪنبي ويو هوس. ڏَپَ، خوفَ ۽ وهمن جا واسينگ مون کي ورائي ويا هئا. مان هيڪلو ٿيندو ويس. اڪيلو ٿيندو ويس. مان سوچن جي اهڙي سُرنگ ۾ ڪاهي پيس جنهن جي ٻئي ڇيڙي تي مونکي روشنيءَ جو ترورو نظر نہ پئي آيو. اونداهي سُرنگ ۾ مونکي پوائتا پڙاڏا ٻڌڻ ۾ پي آيا صدائون ٻڌڻ ۾ پي آيون. تڏهن پانت پانت جي آوازن تي هڪ آواز ڇانئجي ويو ـ ۽ اُهو آواز لاڳيتو ايندو رهيو!

"سورهيہ مرين سوپ کي تہ دل جا وهم وسار ـ
سورهيہ مرين سوپ کي تہ دل جا وهم وسار ـ
سورهيہ مرين سوپ کي تہ دل جا وهم وسار ـ"

اوچتو اونداهي سُرنگ روشن ٿي پيئي. اُتيئي مون سچل جو الستي آواز ٻڌو:ـ

"مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا
پيرن، پنڊتن، بزرگن بيحد ڀلايا،
ڪي نمازون نِوڙي پڙهن، ڪن مندر وسايا
اوڏو ڪين آيا، عقل وارا عشق کي ـ"

نہ وهم رهيا ـ نہ سنسا رهيا. سچل سڀ رستا صاف ڪري ڇڏيا ـ

دوزخ ڏڙڪو بهشت دلاسو ڏاهہ ويا سڀ ڏهي ڏهي! مون جڳ کي، جهان کي، ۽ زمان کي، مڪان کي پنهنجي انڪار کان آگاهہ ڪري ڇڏيو. جيڪي اختيار الله جا آهن، ايشور جا آهن، رام جا آهن، رحيم جا آهن، سي اختيار هڪ شخص يا هڪ کان وڌيڪ شخص پنهنجي هٿ ۾ ڪٽي منهنجي تقدير جو فيصلو ڪرڻ جا حقدار ناهن. زمين جا پتڪڙا خدا ٽي هنن جيڪڏهن پنهنجو ڪو فيصلو مون تي مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي، تہ مان سندن فيصلو قبول ڪرڻ کان انڪار ڪندس. مان منڪر ٿيندس. اِهو منهنجو حق آهي.

حڪومتون ۽ حاڪم هڪ شخص جي نفي refusal هڪ شخص جي انڪار کي ڪٿ ۾ نہ آڻيندا آهن. ڪيس ڪا اهميت نہ ڏيندا آهن. مرضي پوندي اٿن تہ اهڙي شخص کي چيري چچري ختم ڪري ڇڏيندا آهن. يا ڪيس مجذوب، ديوانو پاڳل سمجهي ڌڪاري ڇڏيندا آهن. ڪيس پنهنجن گماشتن هٿان سوسائٽيءَ ۾ ٺٺولين ۽ ڇٽرن سان سنگسار ڪرائيندا آهن. پنهنجي موقف تي قائم رهڻ وارن لاءِ موت مهٺو نہ ٿيندو آهي.

پيار ۽ پرورش جي ناليٰ ۾ نئين جاول ٻار تي اِيترو جبر برداشت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي جو ماءُ پيءُ، ۽ مٽ مائٽ جاول ٻار کي دنيا ۾ اچڻ شرط پنهنجن رسمن رواجن، عقيدي، مذهب ۽ قوميت جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌي ڇڏيندا آهن. مدرسن ۽ ٽڪاڻن ۾ ويهاري سندن سوچ کي مفلوج (Paralyse) ڪري، اُڀرڻ ۽ اُسرڻ کان محروم ڪري ڇڏيندا آهن. سندن ڪومل دماغ ۾ ڪدورتن، نفرتن ۽ ڪروڌ جا ڪوڪا ٺوڪي ڇڏيندا آهن. اهڙا ٻار Brain Wash تي وڌا ٿيندا آهن ۽ ٻين لاءِ ڏکير جو سبب ٿي پوندا آهن. هو ٻُڌل ڳالهہ کان اڳتي ٻي ڪا ڳالهہ ٻڌي نہ سگهندا آهن. پڙهيل هڪ ڪتاب کان سواءِ ٻيو ڪو ڪتاب پڙهي نہ سگهندا آهن. هو ذهني گهُٽ ۽ ٻوسٽ سان ايتريقدر هِري ويندا آهن جو نئين سوچ جي تازي هوا جو هڪ جهونڪو برداشت ڪري نہ سگهندا آهن. هو ڪڏهن بہ عشق جي دربار ۾ داخل ٿي نہ سگهندا آهن. هو پنهنجي وجود جي محدوديت (Limitations) ۾ ايتريقدر تہ قيد هوندا آهن جو هڪ وشال هستيءَ جي لامحدوديت (Limitlessn ـss) کي محسوس ڪري نہ سگهندا آهن ـ ۽ نہ ئي اُن هستيءَ جي لامحدوديت ۾

گم ٿي وڃڻ جو تصور ڪري سگهندا آهن. اِن جو ڪارڻ ماءُ پيءُ، مٽ مائٽ ۽ مدرسن ۽ تڪاٽن جا ٻاوا ۽ مُلان هوندا آهن جيڪي ڳڌجي سڌجي ٻار جي دماغ جا سمورا در دريون بند ڪري ڇڏيندا آهن.

ڪوبہ ٻار پنهنجي پيشانيءَ (نرڙ) تي ڪنهن عقيدي جي مُهر هڻائي هن دنيا ۾ نہ ايندو آهي. هو ڪوري ڪاغذ وانگر هن دنيا ۾ ايندو آهي. اِن ڪان اڳ جو هو ڪوري ڪاغذ تي پاڻ ڪجهہ لکي، پنهنجي راهہ پاڻ چونڊي، پنهنجي عقيدي بابت فيصلو پاڻ ڪري، پير ۽ پنڊت سندس جمار جو ڪورو ڪاغذ ڪارو ڪري ڇڏيندا آهن ـ ان حد تائين جو ڪورو ڪاغذ تي هڪ ٽٻڪي ڏيڻ جيتري بہ جاءِ نہ ڇڏيندا آهن. جنهن عمل کان ايشور ــ الله پاڻ کي پري رکندو آهي، سو عمل پير ۽ پنڊت پنهنجن هٿن ۾ کڻي وٺندا آهن. ايشور ـ الله ٻار کي پويٽ جي رنگن جهڙي سوچ ڏيئي جوني جڳ ۾ سچ ۽ حق جي راهہ تي هلڻ لاءِ موڪليندو آهي. ملان ۽ تانترڪ ٻار جي ذهن تان سوچن جا پويٽن جهڙا رنگ ڊاهي ڇڏيندا آهيون.

سوچ ۽ ساڃاهہ جي جنهن گهڙيءَ ۾ مان مري ويو هوس، سا گهڙي نرالي نہ هئي ـ انوکي نہ هئي. اهڙيون انيڪ گهڙيون اسان جي ذهن جا بند در کُڙڪائي هليون وينديون آهن. فرق فقط ايترو آهي جو در کڙڪائڻ جو آواز اسين ٻڌي، اڪثر اڻ ٻُڌو ڪري ڇڏيندا آهيون. پر، ڪڏهن ڪڏهن، در کڙڪائڻ جو آواز ٻڌي اسين در کولي ڇڏيندا آهيون. ان کان پوءِ سڀ ڪجهہ بدلجي ويندو آهي ـ ڪجهہ بہ ساڳيو نہ رهندو آهي.

مجيل حقيقتن کان انڪار ممڪن ناهي. انسان جنهن ملڪ ۾ جنم وٺندو آهي، تنهن ملڪ جي حوالي سان سڃاتو ويندو آهي. ترڪستان ۾ پيدا ٿيڻ وارو شخص ترڪي. چين ۾ پيدا ٿيڻ وارو شخص چيني، آمريڪا ۾ پيدا ٿيڻ وارو شخص آمريڪي. برطانيہ ۾ پيدا ٿيڻ وارو شخص برطانوي، روس ۾ پيدا ٿيڻ وارو شخص روسي، پاڪستان ۾ پيدا ٿيڻ وارو شخص پاڪستاني، ۽ هندستان ۾ پيدا ٿيڻ وارو شخص هندستاني سڏبو آهي. ايشور ـ الله جيڪڏهن چاهي ها تہ مان پاڪستاني پيدا ٿيان ها، تہ منهنجو جنم ٻارهن سال روڪي ڇڏي ها. مونکي 1947 کان پوءِ پاڪستان

۾ پيدا ڪري ها، ۽ مان جمڻ شرط پاڪستاني هجان ها. پر، ايئن نہ ٿيو. ايشور-الله مون کي 1936 ۾ پيدا ڪيو. تڏهن پاڪستان جو نالو نشان نہ هو. مان هندستاني پيدا ٿيو هوس- Born Indian. اها حقيقت آهي. اِن حقيقت ۾ ڪنهن بہ قسم جي هيرڦير امڪان کان ٻاهر آهي. مُلڪ ڏهن يا ٿهن پَرَ اِها حقيقت پنهنجي جاءِ تي برقرار رهندي تہ مان 1936 ۾ ڄائو هوس- هندستان ۾ ڄائو هوس. مان پيدائشي Born هندستاني آهيان. اِهي حقيقتون آهن. انهن حقيقتن کي بدلائڻ جو حق ڪنهن وٽ بہ ڪونهي- ويندي جو پاڪستان ۽ هندستان جي حڪومتن وٽ بہ نہ آهي.

قوميت ماءُ جي هنج مثل هوندي آهي. ڪنهن بہ حاڪم کي حق ڪونهي جو مون کي منهنجي اصلي، حقيقي ماءُ جي هنج مان ڪڍي ويڳي يا ماٽيلي ماءُ جي هنج ۾ ڏيئي ڇڏي! مان اُهو هندستاني آهيان جيڪو پاڪستان ۾ رهندو آهي. اِها ڪا نئين ڳالهہ ڪونهي. آمريڪا ۾ ڪارن لاءِ عام طور تي بہ لفظ مِلائي لکيا ويندا آهن- آفريڪن آمريڪن.

ٿنوليون ڪندڙ چوندا آهن، ”جيڪڏهن تون پاڻ کي پاڪستان ۾ رهندڙ هندستاني ٿو سمجهين، تہ اڳو پوءِ هندستان هليو ڇو نہ ٿو وڃين؟“

ڪنهن کي سمجهائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي تہ ڪو ڪو ماڻهو پنهنجي وجود ۾ ٽڪرا ٽي ويندو آهي- منتشر ٿي ويندو آهي- ذرا ذرا ٿي ويندو آهي. هو ٽُڪرن ۾ جيئندو آهي- ذرن ذرن ۾ جيئندو آهي. اهڙيءَ ريت جيئڻ سُترو ناهي. ٻانهڙا پائڻ کان پوءِ پهرين وک مون ڪراچيءَ ۾ کڻي هئي. شعور جي اک مون ڪراچيءَ ۾ کولي هئي. ڪيئن ڇڏي وڃان ڪراچي جنهن ۾ منهنجا پرم نهيا ۽ ڍهيا هئا- جتي مون تعبيرن کان محروم خواب ڏٺا هئا. ۽ انهن خوابن کي تصور ۾ مون ڪا نہ ڪا تعبير ڏني هئي؟ ڪراچيءَ جي چپي چپي ۽ کهٽيءَ گهٽيءَ ۾ منهنجي پيار جا پاڇولا آهن- ساعتون آهن، ۽ ساعتن جي سڳنڌ آهي.

پر، اوچتو ئي اوچتو منهنجو روح وچي مترا کان نڪرندو آهي- بنارس جي بازارن ۽ گهاٽن تي وڃي ويهندو آهي. دوارڪا جي در در تي وڃي دستڪ knock ڏيندو آهي. اِن قسم جي ذهني ڪيفيت ۾ مون ورهين جا

ورهيہ زميني حقيقتن (Ground realities) کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. مون شعوري طرح انڪار ڪري ڇڏيو تہ هندستان ۽ پاڪستان جدا جدا، خودمختيار ملڪ آهن، جن جا حاڪم الڳ الڳ آهن. جن جون حڪومتون الڳ الڳ آهن. منهنجو ذهن زميني حقيقتن کان نابري واري ويهي رهيو. حقيقتون واسينگ وانگر ڦڻ ڦهلائي منهنجي راهہ روڪي بيٺيون هيون، پر مان شعوري طرح (in consciousness) ڪنهن بہ رنڊڪ، ڪنهن بہ رڪاوٽ کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. هندستان جي ورهاڱي کان اڳ مون جهڙا مست ڪراچيءَ کان هلندا هئا تہ دنگ وجي ڪلڪتي ۾ ڪندا هئا. ڪا جهل پل نہ هئي. 1947 ۾ ملڪ جي ونڊ ورڇ کان پوءِ جڻ سڀ ڪجهہ بدلجي ويو. مون جهڙن مسافرن تي سفر جون پابنديون پئجي ويون. پنهنجي ئي ملڪ هندستان ۾ جتي 1947 کان اڳ منهنجي اچڻ وڃڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ تي پابندي نہ هئي، مون تي پابندي پئجي ويئي ـ ويزا جي پابندي.

مان پيدائشي هندستاني آهيان ـ Born Indian. مان پنهنجي ئي ملڪ ۾ گهمڻ ڦرڻ ۽ اچڻ وڃڻ لاءِ ويزا نہ وٺندس. اِها زميني حقيقتن کان منهنجي انڪار جي حد هئي. منهنجي اندرَ ۾ هندستان لاءِ ايڏي اُڃ ۽ اُڪير (Longing) هئي جو منهنجو روح پابندي جون سرحدون اورانگهي هندستان هليو ويو. هماليہ جي بلندين تي مها آتما گوتم ٻڌ جي عبادتگاهن ۾ پڪشن جي پَرِ ۾ وڃي وينو. گيان وٺي موٽي آيو. ۽ پوءِ اِهو روز جو (Daily) نيم تي پيو ـ دستور ٿي پيو. مان اک ڇنڀ ۾ سڄي هندستان جو سير ڪري موٽي ايندو هوس. نہ وٺڻي پوندي هئي ويزا، نہ جهل، نہ پَلَ. پکي ۽ پراڻ ويزا وٺي نہ اُڏامندا آهن.

ان حقيقت جو اظهار مون موجوده حياتيءَ ۾ پنهنجي ٻئي جنم جي ٻئي ڏينهن، گجرات جي گورنر نول ڪشور شرما، ۽ هزارين دوستن، ساٿين، سنگتين، مائرن، ڀينرن، ڀائرن، پٽن ۽ ڌيئرن آڏو ٽاڪر ڀائي ديسائي هال احمد آباد ۾ سڄ لٿي کان پوءِ، سانجهيءَ مان رات ٿيندي، انين لڳي ڪيو هو. اکل ڀارت سنڌي ساهت سڀا مونکي نيشنل ايوارڊ سان نوازيو هو. تاريخ هئي 14 مئي، 2006.

13 مئي 2006، صبح جو ساڍي ڏهين لڳي مان پنهنجو مٿل مڙهه ڪٽي ڪراچيءَ کان روانو ٿيو هوس. مان پنهنجي وطن کان پنهنجي وطن وڃڻ لاءِ پاسپورٽ تي ٺپو هڻائي هليو هوس. هڪ پيدائشي هندستاني Born Indian پاسپورٽ ۽ ويزا سان پنهنجي وطن ڏانهن وريو هو. مونکي ڏاڍو ڏک ٿيو هو. پاسپورٽ تي ويزا نہ لڳي هئي- جڻ منهنجي سوچ ۽ شعور کي ٻڙڇي لڳي هئي.

ڪراچيءَ کان ممبئي ايترو ئي پري آهي، جيترو ڪراچيءَ کان اسلام آباد پري آهي. اٽڪل ٻن ڪلاڪن ۾ ممبئي پهتس. ڪاغذي ڪارروائي پوري ڪرائي مان ايئرپورٽ کان ٻاهر آيس. مونکي ڪجهہ بہ نئون محسوس نہ ٿيو. چپو چپو ڏٺل وائٺل پئي لڳو. منهنجو پنهنجو شهر هو. ڪجهہ سوچڻ جي سمجهاڻي ڏيئي نہ سگهبي آهي. مون کي خيال آيو تہ ممبئيءَ مان هلي وڃڻ کان وٺي، ٻيهر منهنجي موٽي اچڻ تائين ممبئي ۾ ڪجهہ نہ بدليو هو! هر ڪا شيءِ جيئن جو تيئن هئي، ۽ اتيئي هئي جتي مان ڇڏي ويو هوس! سوچ جي اُن گهڙيءَ ۾ مان جيئرو ٿي پيو هوس. مونکي عجب نہ ٿيو تہ مان پنهنجي رنگ ڍنگ، ۽ هاڻي ڪاٺيءَ ۾ هوبهو مرهٽن جهڙو هوس. ممبئي پرڳڻو مرهٽن جو ملڪ آهي. مونکي ٻيهر جيئرو ٿي پوڻ تي تعجب نہ ٿيو. منهنجي ماءُ جائي تہ پوني ۾ هئي، پر نيپي، وڏي ٿي هئي بمبئي ۾- اجوڪي ممبئي.

ٽن ڪلاڪن کان پوءِ احمد آباد لاءِ فلائيٽ هئي. سج لٿي کان پوءِ احمد آباد پهتس. ٻئي ڏينهن ٺاڪر ٻائي ڊيسائي هال ۾ اکل ڀارت سنڌي ساهت سڀا جو فنڪشن هو.

ايوارڊ ڏيڻ کان پوءِ گورنر نول ڪشور شرما مون کان پڇيو هو "تون پهريون ڀيرو هندستان آيو آهين، يا اڳ بہ اچي چڪو آهين؟"

مون وراڻيو هو "سر، گذريل اٺونجاهہ سالن ۾ منهنجو روح روزانو انيڪ دفعا هندستان جي ڪنڊ ڪڙڇ گهمي ڦري موٽي ڪراچيءَ ۾ ايندو آهي. منهنجي روح کي هندستان اچڻ لاءِ نہ پاسپورٽ جي ضرورت پوندي آهي، ۽ نہ ويزا جي."

آواز پر جي آيو.

چيم، ”سر، منهنجي هن روڳي سرير جو هندستان ڏانهن پهريون سفر آهي. پنهنجي وطن اچڻ لاءِ ويزا وٺندي مونکي ڏاڍي تڪليف ٿي هئي ـ مان فنا ٿي ويو هوس.“

مان روئڻ روڪي نه سگهيو هوس. اسٽيج تي هزارين پنهنجن آڏو مان روئي پيو هوس. اُن ياترا پيري 25 مئي تي مونکي پوني ۾ اڌ منو ڪلاڪ ساڌو واسواڻي آشرم ۾ سُک جو ساهه کڻڻ لاءِ ڪجهه ساعتون نصيب ٿيون هيون. اتي مونکي ڳالهائڻ لاءِ چيو هئائون.

مون چيو هو ”روح ۽ جسم جو پاڻ ۾ ڏاڍو نرالو ناتو آهي. ننڍ ۾ سمهي پوڻ کان پوءِ اسان جو روح سٿل سرير مان اُڏامي اهڙي اهڙي اُتاهين ڏيهه تان پيرو پيري ايندو آهي جتي جسم جو پهچڻ ممڪن نه لڳندو آهي. الاءِ ڪيترا دفعا منهنجو سرير بنا ساهه ساڌو واسواڻي آشرم مان واس وٺي موٽيو آهي. ٻي کهڙي ڪا ساعت، کهڙي ڪا گهڙي مون پڪشوءَ لاءِ مقدس ۽ معتبر ٿيندي جو اَڄُ منهنجو سرير سميت ساهه اوهان وٽ سيس نوائڻ آيو آهي.“

هن دفعي مجبورين مونکي اوهان تائين پهچڻ نه ڏنو آهي. پر، اها مجبوري منهنجي جسم جي آهي، سرير جي آهي، روڳي وجود جي آهي. اهڙين مجبورين کان منهنجو روح، منهنجي آتما آزاد آهي. اڄ به منهنجو روح، منهنجي آتما اوهان وٽ آهي.

22.02.2008

# درد ڪٿا

جن ملڪن ۾ سياسي افراتفري، سماجي ۽ ثقافتي ڏڦير، معاشي بحران، ۽ اخلاقي فقدان عروج تي هوندا آهن، تن ملڪن مان علم، ادب، سوچ ۽ ويچار جا تڏا ويڙهجي ويندا آهن. اهڙي ملڪ جا ڪمزور ۽ ڪردار جا ڪچا حڪمران پاڻ پڏائڻ لاءِ جڙتو ۽ ڪوڙي تاريخ لکائيندا آهن، ۽ پنهنجي واتڙي قوم کي پڙهائيندا آهن. مون اهڙي دوزخ کي اکين سان ڏٺو آهي.

مان هندستان ۾ ڄائو هوس. اها ناقابلِ ترديد حقيقت آهي. مان 1936 ۾ ڄائوس هوس. اُن وقت پاڪستان جو نالو نشان نہ هو. اڃا ٻي مهاڀاري جنگ، جنهن کي اڄ ڪلهہ ٻي عالمي جنگ سڏيندا آهن، نہ لڳي هئي. ٻي مهاڀاري جنگ ٽي سال پوءِ 1939ع ۾ لڳي هئي. ٻي مهاڀاري جنگ کي اسان جا سنڌي سڀاجهڙا جرمن جاپان واري جنگ بہ سڏيندا هئا. ٻي مهاڀاري جنگ کان ٽي سال اڳ، مان هندستان جي سنڌ صوبي جي شهر روهڙيءَ ۾ ڄائو هوس، ۽ وري موٽائي ڪراچيءَ آندو ويو هوس.

مونکي اڪثر خيال ايندو آهي تہ Quit India ”هندستان ڇڏيو“ جي پس منظر ۾ جڏهن آل انڊيا مسلم ليگ انگريزن سان هندستان ورهائڻ ۽ مسلمانن لاءِ جدا وطن جو ڊائلاگ هلائي رهي هئي، تڏهن سنڌ جا ليڊر ڪٿي هئا؟ هو سيئي آل انڊيا مسلم ليگ سان گڏ هئا. هنن ڪڏهن بہ انگريزن کان اِهو مطالبو نہ ڪيو تہ اوهين پل آل انڊيا مسلم ليگ جي ڳالهہ مڃو هندستاني مسلمانن لاءِ الڳ وطن ناهي وڃو پر سرڪار، سنڌ کي اصلي، صورت ۾ آزاد ڪري وڃو جنهن صورت ۾ اوهان 1843 ۾ سنڌ تي قبضو ڪيو هو.

سنڌ تاريخ جي ڪنهن بہ دور ۾ هندستان جو حصو نہ هئي. قديم تاريخ ۾ جڏهن بہ تهذيبن ۽ تمدنن جو ذڪر ايندو آهي تڏهن انڊس

سولائيزيشن، يمنا يعني جمنا ۽ گينجز يعني گنگا سولائيزيشن جو جدا جدا ذڪر ايندو آهي. اِهي تهذيبون ڪنهن به لحاظ کان هڪ جهڙيون نہ سمجهيون ويندئيون هيون، ۽ نہ هيون. ائين صحيح آهي تہ هندو ڌرم جا ڪتاب سنڌ ۾ موهن جي دڙي پرسان تڏهن وهندڙ سنڌو نديءَ جي ڪناري سان ڏاهن رشي ساڌو سنتن لکيا هئا. هڪ حقيقت هميشہ ياد رکڻ گهرجي تہ مذهبي مول متن ۽ تهذيبن ۾ فرق هوندو آهي. ڪيئن؟ ان جي سمجهاڻي ڏيڻ بدران مان ڪجهہ مثال ڏيان ٿو. ملائيشيا، انڊونيشيا، برونائي دارالسلام، ايران، سعودي عرب، شام، لبيا، مراڪش، مصر، اردن، عرب امارات، ترڪي، بنگلا ديش، مالديپ، ۽ پاڪستان مسلمان ملڪ آهن. اسلام سندن مذهب آهي. پر، تهذيب ۽ تمدن ۾، رسمن ۽ رواجن ۾، ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾، اٿڻي ويهڻيءَ ۾، ادب، ٻولي، موسيقي، ۽ ثقافت ۾ سمورا مسلمان ملڪ هڪٻئي کان بنهہ مختلف آهن. ان تفاوت کي سمجهڻ ضروري آهي. هڪ ملڪ جي مسلمان کي ٻئي مسلمان ملڪ ۾ اچڻ وڃڻ جي ڇوٽ مليل ناهي. سمورن مسلمان ملڪن ۾ اچ وڃ لاءِ قاعدا قانون، پاسپورٽ ۽ ويزائون عمل ۾ آهن. اوهين (مسلمان) بنا پاسپورٽ ۽ ويزا جي ڪعبي قبلي جي بہ زيارت ڪري نہ ٿا سگهو.

مذهب عقيدو آهي، ۽ تهذيب، تمدن، ثقافت نسل در نسل منتقل ٿيندڙ قومن جو ورثو آهي. انساني تاريخ ۾ خونريز جنگيون مذهب جي نالي ۾ ۽ پرايا ملڪ ڦبائڻ جي حوس گيريءَ لاءِ لڳيون آهن. ڪنهن ڪنهن وقت ثقافتن جو پاڻ ۾ ٽڪراءُ ٿي پوندو آهي. پر، جنگ نہ لڳندي آهي. ان ڳالهہ جا ويجها مثال اسان کي پاڪستان ۾ ملن ٿا. پاڪستان ٺهڻ کان سنت پوءِ اردو ۽ بنگالي ٻولين جو ٽڪراءُ ٿيو هو. سماجيات جي ماهرن جو چوڻ آهي تہ انيڪ سببن ۾ پاڪستان ٽٽڻ جو وڏو سبب اردو ۽ بنگالي ٻولين جو ٽڪراءُ هيو. 1970 واري ڏهاڪي ۾ اردو ۽ سنڌي ٻولين جي ٽڪراءَ سنڌ ۾ مسلمانن کي هڪٻئي کان ڌار ڪري ڇڏيو.

مٿين تمهيد جو مطلب آهي تہ سنڌ هر لحاظ کان هندستاني تهذيبن ۽ تمدنن کان مختلف هئي. 1843 ۾ انگريزن جڏهن سنڌ فتح ڪئي تڏهن سنڌ هڪ آزاد ملڪ هو. فتح ڪرڻ کان پوءِ انگريزن سنڌ کي صوبي

طور هندستان جو حصو ڪري ڇڏيو هو. جنهن مهل هندستان جي ورهاڱي جون ڳالهيون هلي رهيون هيون، تنهن مهل اسان جي ابن ڏاڏن، وڏن، ۽ سياستدانن جو فرض هو تہ انگريز کان سنڌ جي آزاد حيثيت جو مطالبو ڪن ها! پر، هنن ائين نہ ڪيو. 1947 ۾ هندستان ورهائجي ويو. 1947 کان اڳ سنڌ هندستان جو صوبو هئي. 1947 کان پوءِ سنڌ پاڪستان جو صوبو ٿي پيئي. جيڪو سنڌ ملڪ انگريزن جي فتح کان اڳ هزارين سالن کان هڪ آزاد ۽ خودمختيار ملڪ هو تنهن سنڌ ملڪ جي آزاديءَ لاءِ انگريزن سان اسان سنڌين جي ڪنهن بہ ليڊر ڳالهائڻ ۽ مطالبو ڪرڻ جي ضرورت محسوس نہ ڪئي. اُنهن سنڌي ليڊرن سنڌ ۽ سنڌين سان ويساگهاتي ڪئي. 1947 کان پوءِ سنڌي ٻولي، سنڌي تهذيب، تمدن ۽ ثقافت فقط زوال ڏٺو آهي.

مان وهمي ناهيان. پر، ڪڏهن ڪڏهن نمودار ٿيندڙ واقعا، پيش ايندڙ حادثا، موروثي حالتن جي زوالپزيري منظقي سوچ رکڻ وارن کي بہ مختلف زوايي کان حالتن کي پرکڻ تي مجبور ڪري وجهنديون آهن. پاڪستان ٺهڻ گهرجي ها، نہ ٺهڻ گهرجي ها، اِهو الڳ موضوع آهي. هن ليک ۾ ان موضوع لاءِ گنجائش ناهي. هتي، مان فقط وهمن جي حوالي سان پاڪستان ٺهڻ جو مختصر نموني ذڪر ڪندس.

جيڪا تاريخ پاڪستان جي، درسگاهن ۾ پڙهائبي آهي، سا بنهہ ڪوڙي ۽ جڙتو تاريخ آهي. نسلن پٺيان نسلن کي پڙهايو ويو آهي تہ مسلمانن جي بيمثال قربانين جي نتيجي ۾ پاڪستان وجود ۾ آيو هو. پاڪستان لاءِ جدوجهد ۾ لکين مسلمان شهيد ٿيا هئا.

اصل حقيقت هيءَ آهي تہ 1947 ۾ هندو مسلمان فساد ٿي پيا هئا. انهن وحشي فسادن ۾ لکين هندو، مسلمان ۽ سک مرد، عورتون، ۽ ٻار قتل ٿيا هئا، اغوا ٿيا هئا، ۽ ٻاڙٿون پنجي ويا هئا. انسانيت شرم کان منهن لڪائي ڇڏيو هو. علي نواز وفائي ايڊيٽر، هفتيوار "آزاد" 1960 ڌاري مون کي ٻڌايو هو تہ سندس والد (سنڌ جو وڏو عالم، دانشور ۽ ليکڪ) دين محمد وفائي جو ڏهين ۽ پندرهين آگسٽ 1947 جي وچ واري رات سجدي ۾ سر رکي روئيندي گذاري هئي. صبح جو روئڻ لاءِ سبب پڇڻ تي مولانا دين محمد وفائيءَ وراڻيو

هو "اج ڪان پوءِ برصغير (يعني پاڪستان ۽ هندستان) جو مسلمان سک جو ساهہ کڻي نہ سگھندو."

1947 ڪان اج تائين پاڪستان سُک جو ساهہ نہ کنيو آهي. هتي مسلمان مسلمان کي ڪاسائيءَ وانگر ڪُنو آهي. سياسي افراتفري، بي ايماني، بدامني، غنڊاگردي، معاشي بحران، ۽ قرضن پاڪستان کي ڏيوالو ڪري ڇڏيو آهي. ماڻھن جي هڪٻئي لاءِ نفرت عروج تي آهي. پاڪستان کي 1947 ۾ بيگناهہ قتل ٿيل لکين معصوم ٻارن ۽ عورتن جي آهہ لڳل آهي، ۽ ٻاراتو مليل آهي. هڪ مذهب پاڪستان ۾ مختلف تهذيبن کي ملائي هڪ قوم ڪري نہ سگھيو آهي.

هندستان جي مسلمانن لاءِ الڳ وطن پاڪستان ٺهڻ ڪان پوءِ هندستان جا مسلمان خودبخود نفسياتي طرح هندستان ۾ ٻئي نمبر جا شهري ٿي ويا آهن. هڪ انسان لاءِ ان ڪان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو المناڪ الميو ٿي سگھي ٿو جو سياسي ڏڦير، ۽ ڦير گھير سبب پنهنجي ئي وطن ۾ بيوطن ٿي پوي. اِهو الميو هندستان جي مسلمانن 1947 ۾ ڏٺو هو. ساڳيو الميو اسين سنڌي پاڪستان ۾ ڏسي رهيا آهيون. مولانا دين محمد وفائيءَ جو انديشو سئو سيڪڙو صحيح ثابت ٿيو آهي. گذريل ٽيهٺ سالن ۾ ننڍي کنڊ جي مسلمانن سُک جو ساهہ نہ کنيو آهي. انسان گھڻو ڪجھہ وڃائڻ ڪان پوءِ هٿ پير هڻي ٻيهر گھڻو ڪجھہ حاصل ڪري سگھندو، سواءِ ڪردار ۽ عزت جي. نرڙ جو داغ لهي نہ سگھندو آهي. وڃايل عزت وري موٽي نہ ملندي آهي.
پنهنجي پير تي هنيل ڪهاڙي لاءِ نہ ملندو آهي ويج. نہ ملندو آهي طبيب.

بدامني، ڪرپشن، بدڪرداري، غنڊه گردي، ۽ رهزنيءَ ۾ وڪوڙيل ملڪ جي صحيح تاريخ ملڪ ۾ نہ، بلڪ ملڪ ڪان ٻاهر لکبي آهي. پاڪستان جي ملڪ اندر صحيح تاريخ ادب ۾ لکجي رهي آهي. ون يونٽ جي صحيح تاريخ ون يونٽ دوران لکيل ادب ۾ محفوظ ٿي ويئي آهي. ايم آر ڊي تحريڪ جي صحيح تاريخ ايم آر ڊي تحريڪ دوران لکيل ادب ۾ محفوظ ٿي ويئي آهي. سياست کي ادب جي عدالت ۾ پنهنجن ڏوهن ثوابن جو حساب ڏيڻو پوندو آهي.

24-03-2010

# 1960

آتم ڪٿا ائين نہ لکبي آهي جيئن مان لکي رهيو آهيان. آتم ڪٿا ۾ نہ ربط آهي، نہ ئي تسلسل آهي. مون کي اِن اوٽائيءَ جو احساس آهي. مون کي اِن ڳالهہ جو پڻ احساس آهي تہ اهڙي اوٽائيءَ جو لاڳيتو مرتڪب ٿيڻ کان سواءِ مان آتم ڪٿا لکي نہ سگهندس. اڳتي هلي آتم ڪٿا جا مختلف باب تسلسل جي اوٽائيءَ سميت ڪتابي صورت ۾ جڏهن اوهان تائين پهچندا تڏهن اوهين محسوس ڪندا تہ منهنجو اتاولو روح مُني صديءَ 1936 کان 2010 تائين ابابيل وانگر وراڪا ڏيندو رهيو آهي. مان لمحن جو قيدي ناهيان. مان لمحن جي وس ۾ نہ آهيان. لمحا منهنجي وس ۾ آهن. مانُ جڏهن چاهيان تڏهن وَيَل لمحن ۾ جيئرو رهي سگهندو آهيان ـ گذري ويل لمحن ۾ ملي، ۽ ملڻ کان پوءِ وڇڙي وَيل صورتون ۽ مورتون ڏسي سگهندو آهيان. سندن پاڇولا پسي سگهندو آهيان، ۽ سندن پڙلاوءَ ٻڌي سگهندو آهيان. ماضيءَ ۾ موٽي وڃڻ لاءِ مون کي تسلسل جي ضرورت محسوس نہ ٿيندي آهي.

1936 کان 2010 تائين، مُني صديءَ جي سفر ۾ 1960 وارا ڏهہ سال مون کي چٽي، چٽياتي، ٻاهي ۽ وري ٺاهي ڇڏڻ وارا ڏهہ سال آهن. اِهڙا ڏهہ سال نہ اڳ منهنجي زندگيءَ ۾ آيا هئا، ۽ نہ اڄ تائين آيا آهن. مون کي انيڪ سنسن ۽ وهمن کان نجات ملي ويئي. خالق بابت مخلوق جي ڏند ڪٿائن کان مون کي مُڪتي ملي ويئي. آڳهات بابت منهنجو نظريو پختو ٿي پيو. آڳهات ڪري مري وڃڻ کان پوءِ ڪجهہ ماڻهو ٻيهر جيئرا ٿي پوندا آهن. منهنجين ٻانهن ۾ امان جي اُسهڻ مون کي پڪ ڏياري ڇڏي تہ انسان بي وس آهي. هو فقط ڪوشش ڪري سگهي ٿو. نتيجو سندس هٿ ۾ ناهي. انهن ڏهن سالن ۾ صوفي مت بابت ٻانوان ٻول ٿيندي مون کي گوتم جي گيان جو

گس ملي ويو. مون کي اِها آگاهي بہ ملي ويئي تہ مذهب نہ ننڍا هوندا آهن. ۽ نہ وڏا هوندا آهن. مذهب نہ اهم ٿيندا آهن، ۽ نہ غير اهم ٿيندا آهن. هر ڪو مذهب پنهنجي يقين ڪرڻ ۽ مڃڻ وارن لاءِ وڏو ۽ اهم مذهب هوندو آهي. جڏهن بہ ڪو مذهب پاڻ کي اُتم ۽ اعليٰ مڃائڻ جي هوڏ ۾ سرحدون لتاڙي ويندو آهي تڏهن معاشرن ۾ خونريز ممڻ مچائيندو آهي ـ مختلف تهذيبن جو پاڻ ۾ تصادم ٿيندو آهي.

انهن ئي ڏهن سالن ۾ منهنجي لاءِ اسٽيج، ريڊيو، ٽيليويزن ۽ فلمن جا در کلي پيا. مون تخليقي دنيا کي تمام ويجهڙائيءَ کان ڏٺو. خارجي حالتن جو اثر لازمي طرح ادارن جي باطني حالتن تي پوندو آهي. باهرين دنيا جي ڪرپشن ۽ ڪڌائين جي ڇاپ فن ۽ فنڪارن جي دنيا تي لڳل هئي. مايوسيءَ بدران مان بد دل ٿي پيو هوس. مون کي پڪ ٿي ويئي هئي تہ پاڪستان ۾ تخليقي ادارا ٻوٽو ٻاري نہ سگهندا. چاليهہ پنجاهہ سالن کان پوءِ ڏسان پيو تہ فلم انڊسٽريءَ کي ذري گهٽ تالا لڳي ويا آهن. لاهور ۽ راولپنڊيءَ کان سواءِ سموري ملڪ ۾ ٿيٽر جو نالو نشان ڪونهي. ريڊيو ڊرامو بڌڻ وارو اوهان کي ورلي لڀندو. باقي وڃي ٿيهہ ٽيليويزن چينل ماڻهن جو روح ريجهائي وينا آهن. پينٽنگ، سنگتراشي، ۽ سنجيده موسيقيءَ ويراڳ وٺي ڇڏيو آهي. اڳڪٿين جي صحيح ثابت ٿيڻ مون کي شڪ ۾ وجهي ڇڏيو تہ مان ڪٿي عبدالرحيم گرهوڙيءَ جو مائٽ تہ نہ آهيان!

انهن ڏهن سالن جي شروعات ۾ مون سنڌ ۾ وڏيرائپ جي بدترين شڪل ڏٺي. مون کي پڪ ٿي ويئي تہ سنڌي ماڻهن جي مڪمل تباهي وڏيرن، پيرن، ميرن، سيدن، جاگيردارن هٿان ٿيندي. هاڻوڪي ٻوڏ (2010) ۾ سڄي دنيا تباهہ حال سنڌي ماڻهن جي جهلڪ ڏسي ڇڏي آهي. اِهي مسڪين ماڻهو وڏيرن ۽ پيرن ميرن جا هاري ناري آهن. وڏيرن ڪين اٿيڙهيل، بکايل ۽ ستايل رکي پنهنجي پنهنجي ووٽ بينڪ پختي ڪري ورتي آهي.

انهن ڏهن سالن ۾ مون نوڪريءَ جي نوڪري مٿي تي کڻي ورتي. انهن ئي ڏهن سالن ۾ مون پاڪستان جي تاريخ ۾ وڏي کان وڏي فراڊ اليڪشن ڏٺي جنهن ۾ فيلڊ مارشل ايوب خان صدارتي چونڊ ۾ فاطمہ جناح کي

شڪست ڏني هئي. ماڻهن جي غضب کان بچڻ لاءِ ايوب خان 1965ع ۾ هندستان سان هٿرادو جنگ جوٽي هئي. اُن زماني ۾ عام افواهہ هليو هو تہ ايوب خان کي فاطمہ جناح کان چونڊ کٽائڻ پنيان ذوالفقار علي ڀٽي جو هٿ ۽ دماغ هو.

انهن ڏهن سالن ۾ اسان ذوالفقار علي ڀٽي کي بغاوت ڪري، ايوب خان کان ڌار ٿي سياسي مدبر وانگر اُڀرندي ۽ پيپلز پارٽيءَ جو بنياد وجهندي ڏٺو هو. انيڪ اوڻائين جي باوجود پاڪستان جي تاريخ ۾ ذوالفقار علي ڀٽي کان ذهين، ۽ مقناطيسي ليڊر اسان اڄ تائين سياسي افق تي نہ ڏٺو آهي. مرڻ مهل انسان جي ڪردار جي پروڙ پوندي آهي. ذوالفقار علي ڀٽو آمريت جا عذاب سهندي چڙهي چُور ٿي پيو پر جهڪيو نہ.

انهن ڏهن سالن جي شروعات ۾ مون پهرين ُعشق ۾ پنهنجي ناڪاميءَ کي قبول ڪيو ۽ ڪرڪيٽ کيڏڻ تان هٿ کڻي ڇڏيو. پر، منهنجو عشق گهٽ نہ ٿيو آهي ـ نہ ئي اڃي ڏاڙهيءَ ۾ ڀريو ٿيو آهي، بلڪ جوان ٿيندو رهيو آهي.

انهن ئي ڏينهن ۾ مان خوفناڪ اوڙاهہ ۾ وڃي ڦاٿو هوس. ٽاڦوڙا هڻندو هوس، پر اوڙاهہ مان نڪري نہ سگهندو هوس. تڏهن اوچتو الاءِ ڪٿان، زندگيءَ ۾ پهرين دفعي سنڌو منهنجي آڏو اچي بيٺي هئي. هٿ وڌائي مون کي اوڙاهہ مان ڇڪي ٻاهر ڪڍي ورتو هئائين.

28، آڪٽوبر 2010

# هيءَ منهنجي سنڌ تہ ناهي

مون ورجائي ورجائي لکيو آهي، چيو آهي ۽ ڳالهايو آهي تہ هيءَ منهنجي سنڌ تہ ناهي! هيءَ سنڌ آهي سردارن جي. هيءَ سنڌ آهي پيرن جي ـ شاهن ۽ شاهينگن جي ـ چورن جي ۽ ڦورن جي. هيءَ منهنجي سنڌ تہ ناهي! هنن ناهہ نڳيءَ سان سنڌ پاڻ ۾ وراهي ورتي آهي. سردار، پير، مير شاهہ، پاٽاريدار ۽ زورآور وراهيل سنڌ ۾ پنهنجي پنهنجي حصي جا بيتاج بادشاهہ آهن. بلڪ ڊڪٽيٽر آهن. حڪومتي سطح تي هنن خلاف مزاحمت امڪان کان ٻاهر آهي. هو سڀئي اسيمبلين جا ميمبر آهن. حڪومت جا ڪل پرزا آهن. بلڪ پاڻ حاڪم آهن ۽ حڪومت هلائي رهيا آهن. هنن سنڌ کي جاهل رکڻ ۾ ڪا ڪثر نہ ڇڏي آهي. نہ ناهرائن روڊ رستا، لائبريريون ۽ ريڊنگ روم، اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيون، ڪلينڪ ۽ اسپتالون، مواصلات جا مرڪز ۽ زراعتي صنعت. هو جهالت ۽ اوندهہ پکيڙڻ جا پيغمبر آهن. ڏتڙيل، اڻ پڙهيل، اڻ ڄاڻ رعيت هنن جي ٻڪي، نهيل نُڪيل ووٽ بينڪ آهي. تہ پوءِ ڪيئن چوان هيءَ منهنجي سنڌ آهي؟ هيءَ سنڌ منهنجي لاءِ اوپري آهي. مان هن سنڌ لاءِ اوپرو آهيان.

منهنجي سنڌ هئي سنڌ وارن سان. جيئن هو سنڌن تن من اُجرو، تيئن رکي هئائون سنڌ. ننڍين وڏن شهرن ۾ روڊ رستا شيشي وانگر چمڪندا هئا. وڻ ٽڻ، باغ بهار، جيڏانهن ڪر پرک، تيڏانهن ساوڪ ئي ساوڪ. هر شهر ۾ لائبريريون، گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ ريڊنگ روم. ڪلينڪ، اسپتالون. سياڻا فيملي ڊاڪٽر. اسر ويل ۽ سانجهيءَ ويل روح کي راحت ڏيندڙ ڀڄن ۽ اشلوڪ پيا ٻڌبا هئا. ڪو ڪنهن کي مندر يا مسجد وڃڻ تان نہ ماريندو هو. موجوده سنڌ مون واري سنڌ جي ٻنهہ ابتڙ آهي ـ مون واري سنڌ جي نفي

آهي. هيءَ منهنجي سنڌ ته ناهي! هيءَ سنڌ آهي چانڊين جي، شيرازين ۽ مگسين جي. هيءَ سنڌ آهي پيرن ۽ جتوئين جي. هيءَ سنڌ آهي شاهن ۽ پيرن جي. هيءَ منهنجي سنڌ ته ناهي! مان جنهن سنڌ ۾ جائو هوس، هيءَ اُها سنڌ ته ناهي! 1947ع کان اڳ مون سنڌ جو اوج ڏٺو هو. 1947 کان پوءِ مون سنڌ جو زوال ڏٺو آهي. 1947ع کان اڳ واري شڪارپور جو شهر ڏسي موجوده دور جي ماڻهن کي جيڪر پنهنجين اکين تي اعتبار نه اچي، پر هنن کي پنهنجين اکين تي اعتبار ڪرڻو پوندو. عنقريب • نسيم مغل جي لکيل ۽ ترتيب ڏنل شڪارپور جي تصويري تاريخ انگريزيءَ ۾ شايع ٿيڻ واري آهي. ڪتاب وٺجو پڙهجو ۽ محسوس ڪجو ته سنڌ جا باقي شهر به اهڙائي دلڪش، دلفريب ۽ خوبصورت هئا. پوتارن منهنجي سنڌ کي پوري ڇڏيو آهي. هيءَ ملڪ مون کي پنهنجو وطن نه ٿو لڳي. مان هتي اوپرو آهيان. ڌاريو آهيان. پنهنجي ئي وطن ۾ بي وطن ٿي پيو آهيان. مان هتي مرڻ نه ٿو چاهيان. مان مٿرا ۾ مرڻ چاهيان ٿو. مان هريدوار ۾ مرڻ چاهيان ٿو. مان ورناسي (بنارس – ڪاشي) ۾ مرڻ چاهيان ٿو. مان اجنتا ۽ الورا ۾ ٻڌمت جي غارن وٽ مرڻ چاهيان ٿو.

ٻن ملڪن، هندستان ۽ پاڪستان جي سياسي چڪتاڻ هڪ ڀڪشو هڪ فقير، هڪ صوفيءَ کي لاچار ڪري وڌو آهي. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ، 1936ع ۾ مان سنڌ ۾ جائو هوس. تڏهن سنڌ هندستان جو صوبو هئي. تنهن ڪري مان بنا رک رکاوَ جي پاڻ کي پيدائشي هندستاني، Born Indian سڏائيندي فخر محسوس ڪندو آهيان. عجب ماجرا آهي جو Born Indian هئڻ جي باوجود مان پنهنجي پيدائشي وطن هندستان وڃڻ لاءِ ويزا جو محتاج ٿي پيو آهيان. پنهنجي پيدائشي وطن ۾ مان شڪ جي نگاهه سان ڏٺو ويندو آهيان. اتي اوپرو ۽ ٻاهريون ڀانئيو ويندو آهيان. 1947ع کان اڳ بنا روڪ ٽوڪ جي ڪراچيءَ کان ڪلڪتي وڃي سگهبو هو. هينئر ٿرپارڪر کان راجستان وڃڻ ناممڪن ٿي پيو آهي. ٻن ملڪن جي سياسي ڏقيڙ ۾ مون جهڙا

---

• جون – جولاءِ 2012 ڌاري

انيڪ ديوانا يا تہ پاڳل خانن ۾ قيد هوندا آهن. يا ملڪ سان غداريءَ جي الزام ۾ قاهي گهاٽ وڃي وسائيندا آهن. مونکي خبر آهي تہ منهنجي دعويٰ لاءِ ٻنهي ملڪن جي اعليٰ ايوانن جا در بند آهن. تنهن هوندي بہ مان پنهنجي دعويٰ تي قائم آهيان. 1947ع واري ورهاڱي کان اڳ جنم وٺڻ وارا اسين. هينئر آڱرين تي ڳڻڻ جيترا مس وڃي بچيا آهيون. ورهاڱي Partition جون پابنديون اسان سان لاڳو هئڻ نہ گهرجن. اسين برصغير (هندستان ۽ پاڪستان) جا رهواسي آهيون. آزاديءَ سان برصغير ۾ گهمڻ ڦرڻ، اچڻ. وڃڻ بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي اسان جو بنيادي بلڪ پيدائشي حق آهي. مونکي خبر آهي تہ ٻنهي ملڪن جا ڪرتا ڌرتا منهنجي دعويٰ تي ڌيان نہ ڏيندا. پر تنهن هوندي بہ مان پنهنجي دعويٰ تان دست بردار نہ ٿيو آهيان.

مان پاڪستان ۾ رهندو آهيان. پاڪستان جي قاعدن قانونن جي پابندي ڪ...و آهيان. پاڪستان جي آئين ۾ ڪٿي بہ لکيل ناهي تہ مان پنهنجي جنم ڀوميءَ واري وطن هندستان سان محبت نہ ڪريان. منهنجي جنم ڀومي سنڌ آهي. 1936ع ۾ سنڌ هندستان جو صوبو هئي. ان لحاظ کان منهنجي جنم ڀوميءَ وارو وطن هندستان آهي. سياسي ڦيرگهير سبب مان هندستان جائو پاڪستان جو شهري آهيان. اها تاريخي حقيقت آهي. پر ان حقيقت جي باوجود بنا پاسپورٽ ۽ ويزا جي مون لاءِ هندستان وڃڻ تي پابندي لڳل آهي. مان پنجهتر سالن جو ٿي چڪو آهيان. باقي بچيل[1] زندگي مان ساڌو واسواڻي آشرم پوني ۾ گذارڻ چاهيان ٿو. مان نہ هندو آهيان. نہ مسلمان آهيان. منهنجو مذهب انسانيت آهي ـ Humanism . مان دنيا جي هر مذهب ۾ انسانيت سان ايڪي ۾ آيل اصولن جو احترام ڪندو آهيان.

جسم عارضي گهر آهي روح جو. آتما جو. دير سوير روح کي. آتما کي عارضي گهر مان ڪوچ ڪرڻو پوندو آهي. جسم فنا آهي. روح کي بقا آهي. روح Energy آهي. روح شڪتي آهي. ٻلُ آهي. سگهہ آهي. شڪتيءَ کي انت نہ ايندو آهي. روح گهر مٽائيندو آهي. چولو مٽائيندو آهي. اوهان ڪڏهن گهڙيون اڳ جاول ٻارن طرف ڌيان ڏنو آهي؟ ننڍ ۾ اڪثر سنڌن چپن تي رکي رکي مُرڪ ايندي رهندي آهي. موافق ۽ ناموافق حالتن هئان اسين

گهڻو پوءِ مُرڪ ۽ لڙڪ جي ڪيفيت کان آگاهہ ٿيندا آهيون. ڇا نئون ڄاول ٻار پنهنجي قالب ۾ روح معرفت گذريل جنم جون ڪي وڌنڌڙ يادگيريون کڻي ايندو آهي؟ موجوده جنم ۾ مائٽ مٽ ننڍي ڄمار ۾ ئي برين واش Brain Wash ذريعي ٻار کي گذريل جنم جي يادگيرين کان محروم ڪري ڇڏيندا آهن. مائٽ مٽ پنهنجي پنهنجي عقيدي موجب ڄمڻ شرط ٻار کي هندو، مسلمان، سک، عيسائي، يهودي ڪري ڇڏيندا آهن. ٻار جو برين واش اينتري تہ بيدرديءَ سان ڪندا آهن جو هن لاءِ بالغ ٿي پنهنجي عقيدي بابت فيصلو ڪرڻ جي گنجائش ئي نہ ڇڏيندا آهن. نتيجي ۾ ٿوپيل، مڙهيل عقيدي جي حيثيت رسمن رواجن جهڙي هوندي آهي. انسان جو اصل عقيدو اهو ئي هوندو آهي، جيڪو هو بالغ نظريءَ سان، سمجهہ سان، ادراڪ سان قبول ڪندو آهي.

ان ڳالهہ سان منهنجي قطعي ڪا دلچسپي نہ آهي تہ مرڻ کان پوءِ منهنجو تن، منهنجو جسم قبر ۾ پوريندا، شمشان گهاٽ ۾ ساڙيندا، پاڻيءَ ۾ لوڙهيندا، يا پارسين جي Tower of Silence خاموشيءَ جي مينار تي رکي ايندا جتي سرڻيون، ڳجهيون ۽ ڪانوَ منهنجي مرده جسم جو ماس پٽيندا. ان ڳالهہ سان منهنجي ڪا دلچسپي ڪانهي. تيزيءَ سان زوال پذير ٿيندڙ سنڌ ۾ مان ٻيهر جنم نہ وٺندس. مون کي اميد جو ڪو ڪرڻو نظر نہ ٿو اچي تہ سنڌ وري ٻيهر پنهنجي عروج ڏانهن موٽ ڪائيندي. موجوده سنڌ قبيلائي سردارن، پيرن، ميرن، سيدن، جاگيردارن، پوتارن ۽ زورآورن ۾ ڇهہ سٽ تڪر ٿي وراهجي ويئي آهي. رهيل ڪثر ٻاهران آيل اسان جا مربي پائر پوري ڪندا. مان پيرن، ميرن، شاهن ۽ سردارن جي سنڌ ۾ وري ڪڏهن پيدا نہ ٿيندس. مان پنهنجو ايندڙ جنم پوني ۾ وٺندس جتي منهنجي ماءُ ڄائي هئي. منهنجي خواهش ۾ سگهہ آهي، ۽ منهنجي خواهش منهنجي آتما جي سگهہ جو حصو ٿي ويئي آهي. خواهش جي تڪميل لاءِ مونکي نہ پاڪستان جي پاسپورٽ جي ضرورت آهي، ۽ نہ ئي هندستان جي ويزا جي. آتما جي سگهہ آڏو سرحدون ڪا معنيٰ نہ رکنديون آهن.

جنوري 2012

# سنڌو

سنڌوءَ جي باري ۾ ڳالهائڻ مونکي مناسب نہ لڳندو آهي. مون سنڌوءَ جي باري ۾ ڪڏهن ڪونہ ڳالهايو آهي. اڄ بہ نہ ڳالهائيندس. فقط ايترو چوندس: مري وڃڻ کان پوءِ مان جڏهن موهن جو دڙو تي پوندس، تڏهن سر مارٽيمر ويلر ۽ سرجان مارشل جهڙا ماڻهو منهنجي ڪنڌرن مان سنڌوءَ جي ياد جا آثار ڳولي ڪڍندا.

سنڌو ڪا عام رواجي ڇوڪري يا عورت نہ هئي جن کي هردم ويس وڳن، سرخي پائوڊر، نيل پالش، پرسن، سينڊلن، هيئر اسٽائيل ۽ ڊوڪڙن جو جنون سر تي سوار هوندو آهي. مون کي ياد ڪونهي تہ ايلفنسٽن اسٽريٽ• تان لنگهندي سنڌوءَ ڪڏهن منهن ورائي دڪانن ٻاهران شوڪيسن ۾ پيپر ميش يا فائيبر گلاس جي سينگاريل ماڊلن، زيورن ۽ ڊزائينر ڊريسن ڏانهن ڏٺو هجي. هن کي ڪا طمع نہ هئي. ڪا خواهش نہ هئي، سواءِ هڪ خواهش جي تہ مان جنگ جي ميدان مان موٽ نہ کاوان.

”ماڻهو ڇا چوندا، دنيا ڇا چوندي“. جهڙن الڪن کان آزاد هوندي هئي. ڪيپيٽل سينيما ٻاهران فٽپاٿ تي هارون ڪباڙيئي جي پراڻن ڪتابن وٽ ويهي رهندي هئي. چوندي چوندي ڪتاب وٺي مون کي ڏيئي ڇڏيندي هئي. هڪ دفعي الاءِ ڪٿان 1866 ۾ ارنيسٽ ٽرمپ پاران جرمني ۾ ڇپايل شاهہ جو رسالو وٺي آئي هئي. رسالو مونکي ڏيندي چيو هئائين: ڪوڙي گارڊن ۾ پراڻن ڪتابن جي ڍير ۾ پٽ تي پيو هو. ڏسجانءِ، اڳتي هلي سنڌ پنهنجي ساڃاهہ جو پرم پوري وڃهندي.

---

• زيب النسا اسٽريٽ

ارنيسٽ ٽرمپ وارو ناياب شاهہ جو رسالو مون وٽ آهي. پنهنجي
ٻين ڪتابن سميت مون شاهہ سائين جو اڻ لڀ رسالو انڊين انسٽيٽيوٽ آف
سنڌ الاجي، گانڌي ڊام کي ڏيئي ڇڏڻ جو ارادو ڪيو آهي. مون کان پوءِ
منهنجن ڪتابن جي حفاظت ڪرڻ وارو ڪوبہ ڪونهي. انهن ڪتابن ۾
انيڪ ڪتاب مونکي سنڌوءَ ڏنا آهن.

ڪنهن وقت اوچتو پڇندي هئي، ”بک لڳي اٿئي؟“

چوندو هيم، ”لڳي تہ آهي.“

چوندي هئي، ”هل تہ هلي لنچ ڪريون“.

سنڌو وچي بوهري بازار ۾ نمڪو پڪوڙائيءَ وٽ ويهندا هئاسين.
پڪوڙا ڊبل روٽي وني فٽپاٿ تي ڪنڌ ڀاسي ويهي لنچ ڪري وٺندا هئاسين.
اِن لحاظ کان بہ سنڌو عام رواجي عورت نہ هئي جو هوءَ هڪ اهم ڊپارٽمينٽ
۾ وڏي عهدي تي ڪم ڪندي هئي. سندس انيڪ ماتحت هئا، پر هوءَ انهن
ڳالهين کان بينياز هئي. هوءَ خاڪ نشين هئي.

منهنجيءَ ماءُ وانگر درويش هئي.

شروعاتي دور ۾ سنڌوءَ بابت سوال ٻڌي دل پرجي ايندي هئي. منهن
هيڏانهن هوڏانهن ڪري آليون اکيون لڪائي ڇڏيندو هوس. هڪ دفعي
ڪنهن ميٽنگ سانگي يا ڀٽ شاهہ جي ميلي تان موٽندي حيدرآباد مان
لنگهڻ ٿيو هو. بنا ڪنهن سبب جي، الاءِ ڇو حيدرآباد جو شهر مونکي بنهہ نہ
وڻندو آهي. 1974 ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان بدلي ٿي ريڊيو
پاڪستان اسلام آباد وڃڻ کان پوءِ مون اڄ تائين منهن ورائي حيدرآباد جو
شهر نہ ڏٺو آهي. ڪنهن ميٽنگ يا ڪانفرنس ۾ اچڻ ٿئي تہ ڪانفرنس ختم
ٿيڻ کان پوءِ اتان ئي موٽي ويندو آهيان. مونکي چڱي طرح ياد نہ ٿو اچي پر
مان سمجهان ٿو تہ انهن ڏينهن ۾ عنايت بلوچ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو
اسٽيشن ڊائريڪٽر هو. هن ڀٽ شاهہ ۾ يا ٻئي ڪنهن هنڌ مون کان
ڪمٽمينٽ ورتي هئي تہ واپسيءَ ۾ حيدرآباد مان لنگهندي ريڊيو پاڪستان
حيدرآباد جي اسٽوڊيوز ۾ انٽرويو ڏيڻ لاءِ بہ ٽي ڪلاڪ ترسي پوندس.

ئي مون کي ڪجھ ٻڌايو هو. اهي ڳالهيون اسان ٻنهي کي بيمعنيٰ ۽ بيمقصد لڳنديون هيون. چوندي هئي: اِهو ڪافي ناهي تہ اسين ٻئي آهيون!

انتهائي غير معمولي حالتن ۾ هوءَ پهريون دفعي منهنجي آڏو اچي بيٺي هئي. انهن ڏينهن ۾ مان اوڙاهہ ۾ غرق هوس. اهڙو جڪڙيل هوس جو مون اوڙاهہ مان نڪرڻ لاءِ هٿ پير هڻڻ ڇڏي ڏنا هئا. وبس تي غرق ٿيندو. مايوسي وٽئي تي ورائيندي. انت جو منتظر هوس جو اوڙاهہ جي اوندهہ ۾ آواز ٻڌم: ٻانهن مٿي ڪري منهنجو هٿ جهل.

مونکي گهگهہ اوندهہ ۾ ڪجھ نظر نہ پئي آيو. ٻيهر آواز ٻڌم: سوچين ڇا ٿو؟ منهنجو هٿ جهل.

مون ٻانهن مٿي ڪئي هئي. هڪ هٿ منهنجي هٿ ۾ پئجي ويو هو. هن مونکي ڇڪي اوڙاهہ مان ٻاهر ڪڍي ورتو هو. مون حيرت وچان ڏانهنس ڏٺو هو. منهن تي مرڪ هئس. تڪ ٻڌي مون ڏانهن ڏسي رهي هئي. پڇيو هومانس، "ڪير آهين؟"

جواب ڏنو هئائين، "مان سنڌو آهيان."

مونکي نئون جنم ڏنائين. وساريل وچن ياد ڏيارائين. جن راهن تان پٽڪي ويو هوس، انهن راهن جو ڏس ڏنائين. اوڙاهہ ۾ ڪرڻ کان اڳ واري زندگي جا ورق کولي ڇڏيائين. چيو هئائين: موت، محبت ۽ مقصد کي عقيدو سمجهڻ وارا اوڙاهہ ۾ نہ ڪرندا آهن.

اوڙاهہ ۾ ڪرڻ کان اڳ اڌ ۾ رهجي ويل تحريرن جو سلسلو مون اوڙاهہ مان نڪرڻ کان پوءِ وارين تحريرن سان جوڙيو ۽ کهاڻي لکيم، **منهنجو ڏس آسمان کان پڇو.**

مان اِهو نہ ٿو چوان تہ جنمن واري فلسفي ۾ منهنجو عقيدو آهي. پر، جنمن واري ٿيئري مون کي وڻندي آهي. مونکي حيران ڪندي آهي. تپرس ۾ وجهي ڇڏيندي آهي. مان پهرن جا پهر جنمن بابت سوچيندو رهندو آهيان. جيستائين ڪا سائنسي سمجهاڻي نہ ملندي آهي تيستائين فلسفو فلسفو ئي رهندو آهي. اوهان ڪڏهن نئين ڄاول ٻار جي چپن تي آيل مُرڪ بابت سوچيو آهي؟ اسين بالغ مرڪندا آهيون تجربي ۾ آيل ڪجھ ڳالهيون،

ڪجهه واقعا ياد ڪري، ڪڏهن ڪڏهن خوشگوار لمحا پنهنجي ساءِ ذهن تي تري ايندا آهن. ۽ اسان کي ننڊ ۾ يا جاڳندي مرڪڻ تي مجبور ڪري وجهندا آهن. ڄاول ٻار کي دنيا ۾ آئي ڪجهه گهڙيون ٿيون آهن. هو نہ ڪنهن سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ جهڙو آهي، ۽ نہ ڪنهن سان اندر جو حال اورڻ لائق آهي. تہ پوءِ، سندس مرڪڻ جو سبب ڪهڙو آهي؟ اِتي جنمن جو فلسفو مون کي اڳرج ۾ وجهي ڇڏيندو آهي. اسان جو جنم اسان جي محدود ڄاڻ سبب اسان جو پهريون جنم سمجهيو ويندو آهي. پر ائين نہ آهي. اسين اڳ بہ جنم وٺندا رهيا آهيون. پنهنجي گذريل جنم جون ياد گيريون ٻارڻ سان ڪٺي ايندا آهيون. اِهوئي سبب آهي جو نئين ڄاول ٻار کي اسين اڪثر مرڪندي ڏسندا آهيون. ٻار جيئن جيئن نئين ماحول ۾ وڏو ٿيندو آهي تيئن تيئن گذريل جنم جون يادگيريون وساريندو ويندو آهي ۽ موجوده جنم جون يادگيريون ذهن نشين ڪندو رهندو آهي. اڳتي هلي ڪيس گذريل جنم جي ڪا بہ ڳالهہ ياد نہ رهندي آهي. ان حيران ڪندڙ معاملن تي انيڪ سڌريل ۽ ترقي ڪيل ملڪن ۾ کوجنائون هلي رهيون آهن. سائنسدانن ائين ڏهن سالن جي اهڙن ٻارن کي اسٽڊيءَ ۾ ورتو آهي، جن کي پنهنجو گذريل جنم، ان جنم ۾ سندن گهر گهاٽ، ماءُ پيءُ، ڀائر، ڀينرون، دوست احباب چڱي طرح ياد هوندا آهن. ٻون وٽ هڪ ڪتاب آهي Past lives of the Children ، ٻارن جون گذريل زندگيون. ڪتاب ۾ ويهہ چيپٽر آهن. هڪ هڪ چيپٽر ۾ هڪ ٻار جو پنهنجي گذريل جنم بابت دلچسپ ذڪر آهي. ٻار جي ٻڌايل ۽ ڏسيل هنڌن، ماڳن ۽ مڪانن ۾ ثبوت مليا آهن. مونکي جڏهن بہ وقت ملندو آهي انٽرنيٽ تي گذريل جنمن جي ويب سائيٽ Past live کولي ويهي رهندو آهيان، جنهن ۾ هڪ بہ نہ، بلڪ هزارين حوالہ ملندا آهن.

انگريزيءَ جو هڪ محاورو آهي Soul mates اهڙا روح جيڪي عالم ارواح ۾ هڪ ٻئي جي ويجهو هوندا آهن. ڌرتيءَ تي اچڻ کان پوءِ اهڙا روح هڪٻئي کان ڌار ڌار ٿي ويندا آهن. دنيا جي وهنوار ۾ دور دور ٿي ويندا آهن. پر پوءِ اتفاق سان اوچتو جڏهن هڪٻئي جي سامهون ايندا آهن تڏهن هڪٻئي کي سڃاڻي وٺندا آهن. ڪين عالم ارواح ۾ سندن روحن جو ويجهو

رهڻ تہ ياد نہ هوندو آهي، پر هو محسوس ڪندا آهن تہ هنن جو ازل کان پاڻ ۾ ڪو رشتہ رهيو آهي، ان قسم جي Phenomenon جي سمجهاڻي ڏيئي نہ سگهبي آهي.

اوڙاهہ ۾ ڪري پوڻ کان پوءِ مونکي اوڙاهہ مان نڪرڻ امڪان کان ٻاهر لڳندو هو. مونکي محسوس ٿيندو هو تہ ذلت جي زندگي گذاري مان اوڙاهہ ۾ مري کپي ويندس. مان جنهن مقصد لاءِ دنيا ۾ آيو هوس اهو مقصد اڻ پورو رهجي ويندو. تڏهن بيپناهہ مايوسيءَ جي عالم ۾ مون آواز ٻڌو هو: ٻانهن مٿي ڪر. منهنجو هٿ جهل.

مون پنهنجو هٿ هن جي هٿ ۾ ڏيئي ڇڏيو هو. هن مونکي ڇڪي اوڙاهہ مان ڪڍي ورتو هو. مونکي وسارايل مقصد ياد ڏياريو هو. جن راهن تان ڀٽڪي ويو هوس، هن مونکي ٻيهر انهن راهن جو راهي ڪري ڇڏيو. هن مونکي منهنجو جنون موٽائي ڏنو. منهنجي ديوانگي مونکي موٽائي ڏني.

ءِ پوءِ، هڪ ڏينهن اهڙو بہ آيو هو جڏهن سنڌوءَ چيو هو: مان خوش آهيان تہ تون پنهنجي ماڳ، پنهنجي مقصد ڏانهن موٽي آيو آهين. تنهنجا پير اڳ کان پختا آهن. دنيا جو ڪو طلسم توکي ڀٽڪائي نہ سگهندو، ڀنيلائي نہ سگهندو.

مون حيرت وچان سنڌوءَ ڏانهن ڏٺو هو.

سنڌوءَ چيو هو "مان وڃان ٿي، پر توکان موڪلايان نہ ٿي. مان تنهنجي آس پاس رهنديس.

تون مونکي ڏسي نہ سگهندين _ فقط منهنجي موجودگي محسوس ڪري سگهندين."

اهڙي هئي امر جليل جي سنڌو.

17 جون 2012

چوائي ٻئي ڀار مئل ڄاوا هئا. ان ڳالهہ جو امان ۽ بابا کي ڏاڍو ڏک رهجي ويو هو. منهنجي هن دنيا ۾ اچڻ پيري امان روهڙيءَ ۾ هئي. امان جو ويم مڊوائيف رام پياريءَ ڪرايو هو. نومبر جي اٺين تاريخ هئي، صبح جا ساڍا اٺ ۽ سن هو 1936. مان بہ Still يعني خاموش ڄائو هوس، هوبهو مون کان اڳ ڄاول ٻن ڀائرن وانگر، جن کي ڪراچيءَ ۾ ڊاڪٽرن مئل قرار ڏئي ڇڏيو هو. پر، رام پياريءَ مون کي مئل قرار نہ ڏنو هو. هن مونکي پيرن کان پڪڙي، ابتو لٽڪائي، چُٽڙن ۾ پنيءَ تي ٿڦڙون وهائي ڪڍيون هيون. مان وڏيءَ رڙ سان ٻاڪها ڦاڙي روئي پيو هوس. اهڙي نموني منهنجي آمد ٿي هئي هن دنيا ۾. مونکي اڄ تائين ڏک آهي تہ مان اهڙي شهر ۾ ڇو ڄائو هوس جيڪو مونکي ٻنهہ نہ وڻندو آهي. ڪراچيءَ بدران جيڪڏهن مونکي ٻئي ڪنهن شهر ۾ پيدا ٿيڻو هو تہ پوءِ مان روهڙيءَ بدران شڪارپور، يا پوني، بمبئي، مَٿُرا، يا هريدوار ۾ ڇو نہ ڄائو هوس! اسان جي آمد ۽ روانگي، يعني اسان جو اچڻ ۽ وڃڻ اسان جي وس ۾ نہ هوندو آهي.

چاهتر سالن جو اچي ٿيو آهيان، دلچسپ دور مان گذري رهيو آهيان. منهنجو سمورو ماضي چٽو ۽ واضح ٿي پيو آهي. هڪ هڪ گهٽنا، هڪ هڪ واقعو جنهن مونکي ڏونڌاڙي ڇڏيو هو روح تائين ڪنبائي ڇڏيو هو رازن ۽ رمزن تان پڙدو هٽائي ڇڏيو هو ۽ حقيقتن جي حال کان آگاهہ ڪيو هو، سي ميڙ ڪري موتي آيا آهن. ويجهڙائيءَ وارا واقعا وسرندي ويرم نہ ٿي لڳي. پر، ٻالي اوستا جون ڳالهيون يادگيرين جي محور تي چٽيون ٿي پيون آهن.

مان ٻاڻ کي اڍائي ٽن سالن جي عمر ۾ گارڊن روڊ تي تعمير ٿيل برهاني يا برهان خان بلڊنگ جي ٻي ماڙ تي ٺهيل فليٽ ۾ ڏسي سگهان ٿو. هينئر اُها بلڊنگ اينڪل سيريا هاسپٽل جو حصو آهي. ان بلڊنگ ۾ گذاريل ٽن يا ساڍن ٽن سالن جو ذڪر ڇڙ وِڇڙ مگر تفصيل سان آتم ڪٿا جي مختلف چيپٽرن ۾ ڪري چڪو آهيان. مون انيڪ دفعا اعتراف ڪيو آهي تہ آتم ڪٿا اٿينءَ نہ لکبي جيئن مون لکي آهي. مان تسلسل سان سالن مطابق آتم ڪٿا لکي نہ سگهيو آهيان. سالن جون پابنديون ۽ بندشون

منهنجي ذهن کي قابو ڪري نہ سگهنديون آهن. چڙواڳ ۽ بي لغام گهوڙي وانگر يادگيريون سالن جا ليڪا لتاڙي وينديون آهن. واقعا تسلسل جي تسبيح جا داڻا ٿي نہ سگهندا آهن. آتم ڪٿا ۾ واقعا پنهنجي جاءِ پاڻ ڳولي وٺندا آهن.

اسان جو گهراڻو نيڪ ۽ پرهيزگارن جو گهراڻو هوندو هو. سڀ ڀاتي صوم صلوات ۽ روزي نماز جا پابند هوندا هئا. سواءِ منهنجي امڙ جي. مان ٽيويهن سالن جو هوس جڏهن هڪ رات امان اوچتو ئي اوچتو ڌرتي ڇڏي آسمانن ڏانهن اُڏامي ويئي هئي. انهن ٽيويهن چوويهن سالن ۾ مون امان کي نہ روزا رکندي ڏٺو ۽ نہ نماز پڙهندي ڏٺو. هوءَ درويش صفت مولائڻ هئي. مڪمل صوفياڻي هئي. درگاهون، مڙهيون، مندر، گردوارا پئي گهمندي هئي. مون کي ياد نہ ٿو پوي تہ امان ڪڏهن ڪنهن کي رنجايو هجي. ڪنهن کي ڏک ڏنو هجي، ڪنهن جي دل آزاري ڪئي هجي. ويٺي سيني کي ڪلائيندي هئي. ڳالهہ ڪندا آهن تہ گهر جي ماحول مطابق ٻيا پتڪڙا ٻار مصلحا وڇائي راند روند ۾ ٻيا نمازون پڙهندا هئا ۽ سجدا ڏيندا هئا. پر منهنجي دنيا نرالي هئي. ڪنهن سان بہ گڏجي راند روند ڪري نہ سگهندو هوس. الڳ ٿلڳ ويٺو اڪيلي سر راند ڪندو هوس. جتي جتي پٿين تان چوني جا چاپڙ لهي ويندا هئا. انهن پٿين تي طرحين طرحين قسم جون شڪليون، جانور ۽ راڪاس ڏسندو هوس. ڪنهن ڪنهن مهل ڪنبي ويندو هوس. هينئر بہ جڏهن پوڙهو ٿي ويو آهيان، تڏهن بہ ڪو پوائتو خواب ڏسي ڪنبي ويندو آهيان. ٽڙڪٽي وني ويندي آهي. ٽائيلن واري چلڪٽي فرش تي هاربل پاڻيءَ ۾ مونکي مورتون ۽ نقش نگار نظر ايندا هئا. تصور جي چڙواڳيءَ اڃ تائين منهنجو پيڇو نہ ڇڏيو آهي. مان ڪڪرن، وڻن جي ٽڙن، تارين، ۽ پٿرن ۾ مورتون ۽ صورتون ڏسندو آهيان.

پاڇن ۾ مونکي تجسس ۽ تجسس سان گڏ وحشت محسوس ٿيندي هئي. خاص طرح سان اهڙا پاڇا جيڪي پٿين تي پوندا هئا ۽ لڏندا لمندا هئا. مونکي ڊيڄاري ڇڏيندا هئا. پر منهنجي تجسس کي گهٽ ڪري نہ سگهندا هئا. هينئر بہ پراڻن مندرن، مڙهين، قبرستانن، شمشان گهاٽن ۾ گهمندي

تجسس سان گڏ رڱ رڱ ۾ سيسڙاٽ ۽ لونءِ لونءِ ۾ ڪِرليون ۽ ڪرڙيون ڇُرندي محسوس ڪندو آهيان. حيرت وچان ويرانن ۾ ويهي رهندو آهيان.

اونده کان مونکي ڏپ لڳندو هو. بيپناهه ڏپ. جيستائين مان اگهور ننڊ ۾ نه سمهندو هوس، تيستائين امان ڪمري جي بتي بند نه ڪندي هئي. بتي بند ڪرڻ کان پوءِ ڪمري ۾ نائيٽ ليمپ باري ڇڏيندي هئي. هينئر به اونده ۾ پاڻ کي بيچين ۽ اڻ ٽائينڪو محسوس ڪندو آهيان. پر، ڪڏهن ڪڏهن تعجب جهڙي تضاد تي مان ڏاڍو حيران ٿيندو آهيان. ڏينهن بدران رات مونکي وڻندي آهي. سانجهيءَ کان پوءِ جڏهن آسمانن مان جڳ جهان تي اونده جي لوئي لهي ايندي آهي، تڏهن منهنجي اندر ۾ اجالو ٿي پوندو آهي. سُتل ساچاهه سجاڳ ٿي پوندي آهي. ذري گهٽ سڄي رات جاڳندو آهيان. لکندو آهيان، پڙهندو آهيان. ٻڌن ٻڌندو آهيان. انٽرنيٽ تي دنيا جا سير سپاٽا ڪندو آهيان. ڇا جي ويزا، ڇا جي پاسپورٽ! اک ڇنڀ کان اڳ دهليءَ جي ڪناٽ پيليس ۾ ايراني هوٽل تان سينگاپوري چانهه ۽ کارو بسڪوٽ کائي موٽي ايندو آهيان. اونده ۾ انيڪ اسرار آهن ، انيڪ مثبت ۽ منفي شڪتيون آهن ــ اڻ سليل راز آهن ــ رمزون آهن ــ ٻُڌل اڻ ٻڌل صدائون آهن! اوهان اڌ رات جو ڪڏهن سمنڊ ڏٺو آهي؟ اڌ رات وارو سمنڊ ڏينهن ڏٺي جي سمنڊ کان بنهه مختلف هوندو آهي. ان مشاهدي جو سڌو سنئون تعلق انسان جي اڪيلائي سان آهي. ڪناري وٽان اڌ رات جو سنگتين ساٿين جي سٿ سان اوهين اهڙو انوکو مشاهدو ماڻي نه سگهندا. اڪيلائيءَ ۾ ائين لڳندو آهي ڄڻ سمنڊ آسمان مان لهي آيو آهي. ڇولين جو هيبتناڪ آواز پيرن هيٺان واري کسڪائي ڇڏيندو آهي، پر تڏهن، جڏهن سمنڊ ۽ اوهين اماوس جي رات ۾ هيڪلا هوندا آهيو. اوهان خوف جو نالو ٻڌو آهي. اوهين جيڪڏهن خوف محسوس ڪرڻ چاهيو ٿا ته پوءِ اڌ رات جي اونده ۾ اڪيلي سر سمنڊ جي ڪناري کان وک کن اڳتي مُري جيتري پاڻيءَ ۾ وڃي بيهو. پنڌرهن منٽن تائين سمنڊ ڏانهن ڏسندا رهو ۽ لهرن ۾ گجگوڙ ٻڌندا رهو. اوهان کي روح فنا ڪندڙ خوف جي ڳجهارت سمجهه ۾ اچي ويندي.

آتم ڪٿا جو اجوڪو باب زندگيءَ جي پهرين ڏهن سالن جي حوالي سان آهي. انهن ڏهن سالن جون ريڪائون هٿن تي ڪٽي مان وڏو ٿيو آهيان. مان ڪنهن دست شناس کي هٿ ان ڪري نه ڏيکاربندو آهيان جو مان ٻال اوسٿا ۾ نڪتل ريکائن سان ريجهيل آهيان. پرائمري اسڪول ۾ داخل ٽيڻ جي عمر آئي. گارڊن روڊ جي ڪنهن اسڪول ۾ داخل ڪرائڻ بدران مونکي رتن تلاءُ پرائمري اسڪول ۾ داخل ڪرايو. رتن تلاءُ پرائمري اسڪول ۾ داخل ڪرايو. رتن تلاءُ اسڪول گارڊن روڊ کان ڪافي پنڌ تي هوندو هو. بابا برهاني بلڊنگ جا ٻه فليٽ ڇڏي بارنيس اسٽريٽ تي سعيد منزل ويجهو آغا ڊنشا بلڊنگ ۾ پهرين ماڙ تي فليٽ ورتو. فليٽ جو نمبر هو اٺون. سال هو 1942.

رتن تلاءُ اسڪول اسان جي نئين فليٽ کان پري نه هوندو هو. سعيد منزل وٽان بندر روڊ لنگهي، ايوَن ايراني ريسٽورنٽ جي پاسي کان مرهٽن جي گهٽي پار ڪري سڌو وڃي رتن تلاءُ اسڪول جي سامهون بيهبو هو. مرهٽن واري گهٽيءَ ۾ ٻه مندر هوندا هئا. ٻئي مندر ٻاهران آيل مومنن اجاڙي ڇڏيا آهن. بندر روڊ جو نالو مَٽائي ايم اي جناح روڊ رکي ڇڏيو اٿائون. رتن تلاءُ اسڪول ٽيمپل اسٽريٽ تي هوندو هو. اڃا ٻه اُتي ئي آهي، پر ابتر حالت ۾ آهي. هيئنر رتن تلاءُ اسڪول ۾ سنڌي نه پڙهائيندا آهن. تعجب جهڙي ڳالهه ته مومنن ٽيمپل اسٽريٽ جو نالو نه مٽايو آهي. جنهن ٽيمپل يعني مندر سبب اُن روڊ جو نالو انگريزن ٽيمپل اسٽريٽ رکيو هو. سو روڊ پنهنجي جاءِ تي موجود آهي. پر قبضه مافيا مندر جي سموري ايراضي والاري ڇڏي آهي. ۽ سنڌ سرڪار هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي مندر کي چئن پتين ۾ قابو ڪري ڇڏيو آهي. اتي نه ٽٽي پوڄا، نه پاٺ. بند پيو آهي. مندر متعلق هندن ۽ سکن وچ ۾ هاءِ ڪورٽ ورهين کان ديواني مقدمو هلائي رهي آهي. هندن جي دعويٰ آهي ته اها عباتگاهه مندر آهي. سکن جي دعويٰ آهي ته اها عبادتگاهه گردوارو آهي.

1942 کان 1946 تائين رتن تلاءُ اسڪول ۾ گذاريل چار سال منهنجي عمر جي پهرين ڏهاڪي جا اهم ترين سال هئا. اتي منهنجي ذهن



امر جليل جي ٽن اسٽيج ڊرامن جي هيروئن — ريحانہ صديقي



ڊرامو: ايک کمھار سب کھلونے - امر جليل ۽ ريحانه صديقي



ڊرامو: ايک کمهار سب کهلونے- امر جليل، علي احمد، قمر رضوي (1963)



امر جليل جي پهرين فلم نوري ڄام تماچيءَ جي هيروئن- عشرت (1968)

ريڊيو پاڪستان حيدرآباد 1968



اقبال جعفري، مشتاق مغل، سيد صالح محمد شاهہ، امر جليل،
عبدالحق ابڙو عبدالڪريم بلوچ، نزهت ۽ سيما پنهور



ميزان الرحمان، قمر شهباز ۽ نيشنل ٿيٽرس جو پروڊيوسر فريد احمد



ميزان الرحمان "شاٽ پٽ" اڇلائيندي (1960)



امر جليل جي ٽن چئن فلمن جو هيرو وسيم، ۽ عبدالڪريم بلوچ (1968)



امر جليل، عبدالڪريم بلوچ، هيرو وسيم ۽ فلم جي مهورت جا مهمان



امداد سليمان اين جي وي هاءِ اسڪول ۾ منهنجو ڪلاس ميٽ. ڪاليج ۾ بي انتها ذهانت جي اوج تي پهتو ملٽن ياد. ڪيٽس ياد. شيڪسپئر جا سمورا ڊراما ياد. ممنوع رازن تان پردا ڪٽي ڇڏيائين. اسلام آباد وڃڻ کان اڳ مان امداد سان ڪراچيءَ جي هڪ ذهني بيمارن جي بند وارڊ ۾ آخري دفعو مليو هوس. امداد منهنجين انيڪ انگريزيءَ ۾ لکيل ڪهاڻين جو مرڪزي موضوع آهي.



ظفر ڪاظمي جنوني. ويڙهاڪ. بيباڪ ۽ سچو آرٽسٽ. رومانٽڪ. منهنجو اسڪول ميٽ. منهنجين ڪيترين ڪهاڻين ۾ سندس اولڙو آهي.



ميلبورن آسٽريليا ۾ فاصلاتي تعليم بابت سيمينار ۾ (1988)

جي سيڪيولر پرورش ٿي هئي، جنهن رنگ ۾ رنگجي مان مڪمل صوفي ۽ گوتم جو ڀڪشو ٿي ويو آهيان. انهن ڇئن سالن ۾ وطن کي ماءُ سمجهڻ ۽ مڃڻ جو درس مليو هو. تصور کي مُڪتي ملي هئي. هڪ خواب کي يڪطرفي محبت جي مهڪ ملي هئي. اڄ تائين اُن مهڪ، اُن خوشبوءِ منهنجي روح کي معطر رکيو آهي. رتن تلاءُ اسڪول ۾ منهنجن يقينن، اعتبارن، عقيدن ۽ چاهتن جي پيڙهه جو پٿر (بنياد) پيو هو. هن عمر تائين حالتن جيڪي ڀُتن ڀرمن، ڇڪتاڻ، نظرين جي تصادم، رياستي جبر، ۽ تنگ نظر معاشري مون مٿان جبلن جيڏا جال ڪيا آهن، سي منهنجي پيڙهه جي پٿر کي لوڏي نہ سگهيا آهن.

رتن تلاءُ اسڪول بابت مون آتم ڪتا جي مختلف بابن ۾ سڌي طرح ۽ اڻ سڌي طرح ذڪر ڪيو آهي. مرڻ گهڙيءَ تائين مان رتن تلاءُ پرائمري اسڪول جو ذڪر ڪندو رهندس. دائمي رنگن جو ذڪر ڪندس جن ۾ رنگجي ويو آهيان.

9 آڪٽوبر 2012

# جمود جي ڪٿا

گهڻو ڪري ڇپجي آيل پنهنجي ڪا تحرير مان ورلي پڙهندو آهيان. ان لاءِ بہ سبب آهن. هڪ تہ شايع ٿيل تحرير ۾ پروفن جونْ غلطيون مونکي عذاب کان گهٽ تڪليف نہ ڏينديون آهن. توائي تي پوندو آهيان. سڄي سسٽم کي پاراتا ڏيندو آهيان. پبلشر کي پاراتا ڏيندو آهيان. لکڻ منهنجو شوق نہ آهي. لکڻ منهنجي هئڻ جو اظهار آهي. لکڻ منهنجي لاءِ اندر جي اپٽار آهي ـ منهنجي نفي ۽ اثبات جي تصديق آهي ـ انڪار ۽ اقرار جو اعتراف آهي. لکڻ منهنجي لاءِ Total Commitment آهي ـ عهدنامو آهي، وابستگي آهي. اهڙي ڪيفيت ۾ پروفن ۾ غلطيون مونکي ماري وجهنديون آهن. اسان وٽ ڪتابن جي پبليڪيشن جو ڪم تمام پٺتي پيل آهي. انگريزي ۽ اردو پبلشرن وٽ مسودي جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ لاءِ ايڊيٽر هوندا آهن. مسودي ۾ تاريخ جي ڀُل چڪ ٿيل هجي تہ ايڊيٽر درست ڪندا آهن. ٻي مهاڀاري جنگ 1939 ۾ شروع ٿي هئي، 1940 ۾ نہ. سنڌو ندي ڳاڙهي سمنڊ ۾ نہ، بلڪ عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندي آهي. اهي تاريخي ۽ واقعاتي غلطيون آهن. اهڙين غلطين کي درست ڪرڻ ايڊيٽر جو ڪم آهي. پبلشرن وٽ پگهار تي رکيل پروف ريڊر هوندا آهن. هنن جو ڪم هوندو آهي پروف ڏسڻ. دنيا سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي هلڻ جي دعويٰ ڪندڙ اسان سنڌي پبلشنگ جي هنر ۾ بہ ٻين قومن کان پٺتي رهجي ويا آهيون. انٽرنيٽ تي Google گوگل اردو ۾ بہ دنيا جي معلومات هٿ ڪري ڏيندو آهي. اها ڪا ننڍڙي يا درگذر ڪرڻ جهڙي ڳالهہ نہ آهي. اها ڳالهہ هڪ ٻوليءَ کي بين القوامي سطح تي مڃتا ملڻ جي تصديق آهي. باقي ٻناڪن ۾ ڪوبہ

موجوده سنڌين سان پڇي نہ سگھندو. اسين. يعني موجوده سنڌي قوم دنيا جي سڀ کان سڌريل، اڳتي وڌيل، ۽ ترقي يافتہ قوم آهي! ائين هيو سچ پچ ائين ئي هيو ـ 1947 واري ورهاڱي کان اڳ.

جن جي ڪري سنڌ جو جڳ جهان ۾ ناميا چار هو عزت هئي، احترام هو سنڌ سهڻي، سنڌ من موهڻي هئي، سي 1947 ۾ ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ڇڏي هليا ويا. مسعود کدرڙ پوش جهڙن ماڻهن آل انڊيا مسلم ليگ ۾ لُٽ مار، قبضاگيري، فسادي ۽ خوني ٽولن سان سنڌي سردارن، جاگيردارن، پيرن، سيدن، ۽ پاٿاريدارن جو ڳجهو ناهہ ڪرائي سنڌ مان اصلوڪن سنڌين کي لڏپلاڻ تي مجبور ڪيو هو. محمد علي جناح اصلوڪن سنڌين کي ايلاز ڪيا، منٿون ڪيون، کين سمجهايو تہ سنڌ ڇڏي نہ وڃو. سنڌ اصل ۾ اوهان جو وطن آهي. سنڌ جي سونهن اوهان جي ڪري آهي. اوهان جي هٿڻ سان سنڌ صنعت، تعليم، تربيت، واپار ۽ ڪاروبار ۾ ايشيا جو استار ٿي اُڀرندي. پر، آل انڊيا مسلم ليگ جي خونين، ڦورن، ۽ غنڊن جي ڊپ ۽ خوف آڏو محمد علي جناح جي دليلن اصلي سنڌين کي سنڌ ۾ رهي پوڻ تي راضي ٿيڻ نہ ڏنو. هو دور انديش هئا. Visionary هئا. ايندڙ وقت ڏسي سگهندا هئا. سکيا ستابا هئا ـ آسودا هئا. هنجون هاريندي هتان هليا ويا. اصلوڪن سنڌين وانگر ڪرسچن ۽ پارسي پڻ دور انديش هئا. هو ڏسي پيي سگهيا تہ ايندڙ پنجاهہ سالن ۾ پاڪستان ۾ ڇا ٿيڻو آهي. پارسي ۽ ڪرسچن بہ هتان لڏي ويا. بوهري بہ گهڻي ڀاڱي هتان هليا ويا. ڪرسچن، پارسي، بوهري ۽ يهودي گهڻو تڻو سنڌ ۾، خاص طرح سان ڪراچيءَ ۾ رهندا هئا. اصلي سنڌين سان گڏ هتان هليا ويا. 1947 کان پوءِ سنڌ نقطہ زوال ڏنو آهي.

هن ڪتاب جو نالو **جمود** مون ان ڪري بہ رکيو آهي جو 1947 ۾ اپري آيل روبن ۾ ڪنهن قسم جي تبديلي نہ آئي آهي. سنڌ جا اصلوڪا باشندا جن جو سڌو سنئون تعلق سپريم ايمپائر آف دي انڊس سان هو. جنهن جي راجڌاني واري شهر کي دنيا موهن جو دڙو سڏيندي آهي، سي اڄ بہ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا سنڌ ۾ موجود آهن. وڏيرن، سردارن، سندن چاڙتن ۽ آل انڊيا مسلم ليگ جي غليظ باقيات جي اڪ اصلوڪن سنڌين جي ننگن ۽ ناٽي

تي آهي. سنڌ جا نامر ڪنيا پير جن کي عربن وٽان اسلام ڦهلائڻ لاءِ ڪروڙين رپيا امداد ملندي آهي، سي ديده دليريءَ ۽ بيشرمائيءَ سان هندو نياڻين کي اغوا ڪرائي مسلمان ڪري رهيا آهن. وڏيرن، سردارن، پيرن ۽ پاڻاريدارن جي ڏمر کان خوفزده ٿي ڪافي اصلوڪا سنڌي ڪراچيءَ ۾ اچي آباد ٿيا آهن. باقي اصلوڪا سنڌي جن وٽ ٻنيون ٻارا، واپار وڙو ۽ ڇوٽيون موٽيون صنعتون آهن، سي تر جي بااثرن، يعني سردارن، پاڻاريدارن، زورآور زميندارن، ۽ پوليس کي ڀُنگ ۽ ڀتا ڏيئي ٻهراڙيءَ واري سنڌ ۾ ترسيل آهن.

اهي سموريون ڳالهيون منهنجي آتم ڪٿا جو مستقل حصو آهن. انهن ڳالهين کي مان لاڳيتو ورجائيندو آيو آهيان ۽ ورجائيندو رهندس. اهي ڳالهيون نڪري پيون هيون. اِها سمجهاڻي ڏيندي تہ مان ڇپجي آيل پنهنجي تحرير پڙهڻ کان ڇو لنوائيندو آهيان. پروفن جون غلطيون ڏسي مان وڌجي پوندو آهيان. ٻيو سبب جنهن جي ڪري مان ڇپجي آيل پنهنجو ڪتاب نہ پڙهندو آهيان، تنهن سبب جو سڌو سنئون تعلق منهنجي اُڻتڻ سان آهي. تحرير مڪمل ڪرڻ کان پوءِ بہ مونکي اطمينان نہ ايندو آهي. اِها پنهنجي تحرير سان منهنجي ڪمٽمينٽ آهي، وابستگي آهي. جيستائين پبلشر کي موڪليان، تيستائين تحرير ۾ ڦيرگهير ڪندو رهندو آهيان. ڇپيل مواد ڏسي ڇڪ ٿيندي آهي تہ تحرير ۾ تبديلي آڻيان ـ لفظ مٽائي مٽائي لکان. ان قسم جي ڪيفيت منهنجي ٻئي ڪم ۾ رنڊڪ وجهندي آهي.

پر، هن دفعي ڪتاب **جمود** جو فائينل پروف پاڻ ڏسڻ ويهي رهيس. **جمود** تسلسل آهي اڳ آيل منهنجن ڪجهہ ڪتابن جو ـ **ادب ۽ سياست**، **لهندڙ سج جي لام**، **سنڌ نامو**، **هيءَ منهنجي سنڌ تہ ناهي**، ۽ **سنڌو بقا، مان فنا آهيان**. انهن ڪتابن ۾ آيل قصا، ڪهاڻيون، ڪٿائون ۽ متفرقہ ليک گذريل پنجاهہ سالن تي پکڙيل آهن. **جمود** جو فائينل پروف ڏسندي مون محسوس ڪيو تہ ٻينل ڍنڍ وانگر سنڌي معاشرو عبرتناڪ حدتائين غليظ، گدلو ۽ بدبودار ٿي ويو آهي. منهنجي توجهہ جو مرڪز ٻهراڙي يا ڳوٺاڻي سنڌ آهي، ۽ سنڌ جو سنتر سيڪڙو آهي. بي انتها غربت، ڪسمپرسي، جهالت، بنيادي ضرورتن جي اڻهوند، وهم، سنسا، ۽ انڌا اعتبار سنتر سيڪڙو سنڌ کي

وراڻي ويا آهن. اهڙي ڏتڙيل معاشري تي مٿان وري سردارن، سندن چاڙتن، پوتارن، پيرن، ڌاڙيلن ۽ پوليس جو ڏمر. روڊ نہ رستا، اسپتالون نہ ڪلينڪون، تعليم نہ تربيت، هنر نہ سکيا ـ ڪلهي قاتل ڪينرو مٿو اگهاڙو! ستر سيڪڙو سنڌين جي اهڙي ابتر حالت نہ پناڻن ڪئي آهي، نہ پنجابين ڪئي آهي، ۽ نہ مهاجرن ڪئي آهي. ستر سيڪڙو سنڌين کي ذلت جهڙي زندگي گذارڻ تي مجبور ڪيو آهي سردارن، نوابن، سندن چاڙتن، پيرن، سيدن، ۽ سندن پوليس. گذريل پنجاهہ سالن کان بيٺل بدبودار معاشري ۾ غلاظت جو تيزيءَ سان اضافو ٿيندو رهيو آهي. اوندهہ ۽ گمراهي جي اوڙاهہ جو انت بي انت ٿي پيو آهي جنهن ۾ ستر سيڪڙو سنڌي بي وس ۽ لاچار ٿي، الله تان آسرو لاهي ويهي رهيا آهن. ڪيئن چوان تہ هيءَ منهنجي سنڌ آهي؟

هيءَ سنڌ آهي پوتارن جي
قورن جي ۽ چورن جي ـ
هيءَ منهنجي سنڌ تہ ناهي!

هيءَ سنڌ آهي پيرن جي
ميرن ۽ مروانن جي ـ
هيءَ منهنجي سنڌ تہ ناهي!

هيءَ سنڌ آهي غدارن جي
هيءَ سنڌ آهي وڪائن جي ـ
هيءَ منهنجي سنڌ تہ ناهي!

هيءَ سنڌ آهي سردارن جي
زَر وارن جي، ڌَن وارن جي ـ
هيءَ منهنجي سنڌ تہ ناهي!

هـــيءَ ســـنڌ آهـــي ڪـــڙپيلن جـــي
مـــــوڳن ۽ مــــوالين جــــــي ـ
هـــيءَ منهنجـــي ســـنڌ تـــ نـــاهي!

هـــيءَ ســـنڌ آهـــي تـــوڳين جـــي
لـــوبين جـــي ۽ لـــونين جـــي ـ
هـــيءَ منهنجـــي ســـنڌ تـــ نـــاهي!

هـــيءَ ســـنڌ آهـــي فرعـــونن جـــي
قهـــري قاتـــل وحـــشين جـــي ـ
هـــيءَ منهنجـــي ســـنڌ تـــ نـــاهي!

هـــت راڄ آهـــي راڪاســـن جـــو
زهـــري ناڻـــگ بلائـــن جـــو ـ
هـــيءَ منهنجـــي ســـنڌ تـــ نـــاهي!

پنهنجـــــي وطـــــن ۾ پرديـــــسي
ديـــس ۾ پنهنجـــي بديـــسي ـ
هـــيءَ منهنجـــي ســـنڌ تـــ نـــاهي

ڪيئـن چـوان، مـان ڪيئـن چـوان
هـــيءَ منهنجـــي ســـنڌ بـــ آهـــي!
هـــيءَ منهنجـــي ســـنڌ تـــ نـــاهي
هـــيءَ منهنجـــي ســـنڌ تـــ نـــاهي!

10 مئي 2013

# آتم ڪٿا

زندگيءَ ۾ حالتون اوچتوئي اوچتو اهڙي نموني پاسو ورائينديون آهن، جنهن جي باري ۾ اسان کي وهم يا گمان بہ نہ هوندو آهي. وائڙا ٿي هيڏانهن هوڏانهن ڏسندا آهيون. ڪجهہ دير لاءِ ڪجهہ سمجهي نہ سگهندا آهيون. هڪدم ڪنهن نتيجي تي پهچي نہ سگهندا آهيون. حالتن ۾ اوچتو آيل تبديلي خاص طرح سان تڏهن حيران ڪندي آهي، جڏهن زندگي گهُٽ ۾ ٻوسٽ ۾ گذرندي آهي ـ بند ڪوٺيءَ کي نہ در، نہ دري، نہ ئي روشندان هرندو آهي. پتڪڙي بلب جي ميرانجهڙي روشني ۾ ڪوٺيءَ جي ڇت ۾ ڀتين تي ڪوريئڙا ڇُرندي پُرندي نظر ايندا آهن. غليظ ۾ بدبودار فرش تي وچون ۾ واسينگ سرندي نظر ايندا آهن. ساهہ گهڙي ڪن جو مهمان لڳندو آهي. دل جي ڌڙڪڻ سان اندر جو آلاپ ٻڌبو آهي:

اي موت هليو آءُ،

پنهنجن خاموش قدمن سان هليو آءُ ـ

اهڙوئي وحشتناڪ ماحول هو منهنجي لاءِ راولپنڊيءَ ۾ پاڪستان براڊڪاسٽنگ ڪارپوريشن جي هيڊ ڪوارٽر ۾. اسلام آباد ۾ براڊڪاسٽنگ ڪارپوريشن جي پنهنجي عمارت تڪميل جي آخري مرحلن ۾ هئي. راولپنڊيءَ وارو هيڊ ڪوارٽر سيٽ لائيٽ ٽائون جي اتن مسواڙي بنگلن ۾ هلي رهيو هو. براڊڪاسٽنگ ڪارپوريشن جي ڊائريڪٽر جنرل خواجہ شاهد حسين سنڌ ۾ منهنجي خلاف سنڌ حڪومت جي جارحاڻي روش کان چڱي طرح واقف هو. پروموشن ڏيئي هُن مونکي اسلام آباد گهرائي ورتو ۽ پرڏيهي نشريات جي شعبي ۾ رکيو. تڏهن پرڏيهي

نشريات ڪي ڪنٽرول ڪرڻ وارو شعبو براڊڪاسٽنگ ڪارپوريشن جي هيڊ ڪوارٽر ۾ هوندو هو. سنڌ ۾ وٽ پڪڙ ۾ مونتي لڳايل الحاد ۾ ملڪ سان غداري وارن الزامن ۾ هلندڙ انڪوائرين سبب مان هيڊڪوارٽر ۾ سيني لاءِ سڃاتل هوس. ڪنٽرولر عطا حسين ڪليم ۽ لائبريرين مجيد چوڌريءَ کان سواءِ هرڪو مون کان لنوائيندو هو. ڪوبه مون وٽ نه ايندو هو. نه مان ئي ڪنهن وٽ ويندو هوس. مونکي لڳندو هو مان هنن کي بنهه نه وڻندو هوس. مان هنن لاءِ ڪافر ۽ ملڪ جو دشمن هوس. براڊڪاسٽنگ ڪارپوريشن هيڊ ڪوارٽر ۾ ڪجهه سينيئر آفيسر جاسوس قسم جا هئا. هو منهنجي خلاف خفيه رپورٽن کان واقف هئا. هڪ ٻن آفيسرن وٽ ته انهن رپورٽن جون فوٽو ڪاپيون به هيون. هڪ دفعي عطا حسين ڪليم ۽ مجيد ڳالهيون ٻولهيون ڪندي مون کان پڇيو هو ته ڇا مون سچ پچ ڪٿي لکيو آهي ته مان پيدائشي هندستاني آهيان؟

مون ٻنهي ساٿين کي ٻڌايو هو ۽ اڄ تائين سيني کي ٻڌائيندو رهيو آهيان ته مان پيدائشي هندستاني آهيان. ان حقيقت ۾ ڪنهن به قسم جي شڪ شبهه جي گنجائش نه آهي. تاريخ سان هٿ چراند نه ٿيندي آهي. پر پاڪستان ۾ تاريخ سان هٿ چراند معمولي حرڪت ته ڇا، بلڪ جائز سمجهيو ويندو آهي. ورهاڱي وقت هندستان ۾ خوفناڪ ۽ وحشياڻا فساد ٿي پيا هئا. انهن فسادن ۾ هندو، مسلمان ۽ سک بي انداز تعداد ۾ ماريا ويا هئا. لکين عورتن جي بيحرمتي ٿي هئي. لکين ٻار اغوا ٿيا هئا. گهر گهاٽ، محل ماڙيون، بلڊنگون، عمارتون، ڪارخانا، مسيتون، مندر ۽ گردوارا ساڙيا ويا هئا. وحشياڻا فساد ايتريقدر ته پوائنٽا هئا جو دنيا کان فقط ٻه سال اڳ، آگسٽ 1945ع ۾ هيروشيما ۽ ناگاساڪي جاپان مٿان اُڇلايل ايٽم بمن جي تباهه ڪارين جا داستان وسري ويا. سڄي دنيا کي ڏندين آڱريون اچي وڃون هيون. هڪ سوال جڳ جهان ۾ گردش ڪندو رهيو ـ ڇا انسان ذلتن جي اوڙاهه ۾ ڪِري ايتريقدر ڪيرائي سگهي ٿو؟ اسان جي اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ پڙهائي ويندڙ تاريخ سان مجرمانه حرڪت ڪئي وئي آهي. فسادن ۾ هندن ۽ سکن جي قتلِ عام جو ذڪر ڪونهي. سکن جي ٽڪرا

تڪرا ٿيل لاشن سان پريل ڀريل ريل گاڏي لاهور ڪان امر تسر موڪلي وئي هئي. اسان جي تاريخ ۾ فسادن بدران قربانيءَ جو ذڪر وڌو ويو آهي ـ يعني پاڪستان ٺاهڻ خاطر هندستان جي مسلمانن پنهنجي جان ۽ مال جي قرباني ڏني هئي. ان قسم جي مجرماڻي حرڪت جو پاڪستان جي سياسي ۽ سماجي اوسر تي منفي اثر پيو آهي. فسادن ۽ خونريزي مان جان بچائي پاڪستان پهچڻ وارن کي، خاص طور تي سنڌ ۾ اچي آباد ٿيڻ وارن کي ورجائي ورجائي ٻڌايو ويو آهي ته پاڪستان هنن جي ابن ڏاڏن جي قربانين جو ثمر آهي. نفساتي طرح هندستان مان آيل مسلمانن نسل درنسل پاڻ کي اعلي، عظيم ۽ محب وطن سمجهڻ شروع ڪيو. برتري جي احساس هنن کي مقامي ماڻهن کان الڳ ٿلڳ ڪري ڇڏيو. سنڌ ۾ هندو مسلمان فساد نه ٿيا هئا. سنڌ ۾ نه هندن جا ابا ڏاڏا ۽ نه ئي مسلمانن جا ابا ڏاڏا فسادن ۾ مئا هئا. سڄي هندستان ۾ لڳل فسادن جي باهه سنڌ کي نه لپيٽيو هو. پاڪستان ۾ پڙهائي ويندڙ جڙتو تاريخ مطابق سنڌي مسلمانن جي اَبن ڏاڏن پاڪستان لاءِ پنهنجي جان ۽ مال جي قرباني نه ڏني هئي. تنهنڪري هندستان مان لڏي، سنڌ ۾ اچي آباد ٿيڻ وارا مسلمان سنڌي مسلمانن کان برتر آهن. ان قسم جي هاجيڪار سوچ سنڌ کي لاڳيتو ڇڪتاڻ ۾ وجهي ڇڏيو آهي. ان لاءِ فقط ۽ فقط نصاب تيار ڪرڻ وارن ڪوتاهه نظر تعليمدانن کي ڏوهه ڏيئي سگهجي ٿو جن هندستان مان لڏي آيل نسلن کي نفسياتي مونجهاري ۾ وجهي ڇڏيو آهي. پاڪستان ۾ جڙتو تاريخ لکائڻ ۽ پڙهائڻ وارن کي قطعي ان ڳالهه سان تعلق نه آهي ته سڄي دنيا جي معتبر تعليمي ادارن ۾ ورهاڱي بابت مستند تاريخ پڙهائي ويندي آهي، جنهن ۾ قرباني جهڙي فرضي دعويٰ جو ذڪر ڪيل نه هوندي آهي.

مان پيدائشي هندستاني آهيان. اِها تاريخي حقيقت آهي. مان 1936 ۾ ڄائو هوس. تڏهن پاڪستان وجود ۾ نه آيو هو. اِهو ڪيئن ممڪن آهي ته ڪو شخص پيدائشي طور اُن ملڪ جو شهري هجي، جيڪو ملڪ سندس پيدائش مهل وجود ۾ نه هجي، يا سندس پيدائش کان پوءِ وجود ۾ آيو هجي! مان 1936 ۾ ڄائو هوس، تنهنڪري مان پيدائشي طور تي هندستاني

آهيان. ان حقيقت تي حيران ٿيڻ اجايو آهي. اِهي ڳالهيون روحاني رشتن جون ڳالهيون آهن. جڏهن بہ اندر اتاولو ٿيندو آهي تڏهن اکيون بند ڪري چڙيندو آهيان. اڪ چنپ ۾ ڪڏهن ڪاشي، ڪڏهن مٿرا، ڪڏهن هريدوار ۽ ڪڏهن رشيڪيش پهچي ويندو آهيان. مارڻ ۽ جيئارڻ واري ڪي مون وينتي ڪري چڏي آهي تہ ايندڙ جنم ۾ مونکي سانوري ڪرشن جي جنم ڀومي مٿرا ۾ پيدا ڪجانءِ. ساڳي طرح مذهبن جي باري ۾ منهنجو نظريو سادو ۽ سمجهہ ۾ ايندڙ آهي. ڪنهن وڏي فلسفي جي ضرورت مون کي محسوس نہ ٿي آهي. مان مسلمان ان لاءِ آهيان جو مون مسلمانن جي گهر ۾ جنم ورتو هو. هندن جي پريوار ۾ جنم وٺان ها تہ هندو هجان ها. عيسائين جي ڪٽنب ۾ جنم وٺان ها تہ عيسائي هجان ها. اِها منهنجي پنهنجي سوچ آهي. منهنجي سوچ تي ٻئي ڪنهن شخص کي اعتراض ڪرڻ يا خفي ٿيڻ جي ضرورت نہ آهي. اوهان کي ڪاوڙ تڏهن ڪرڻ گهرجي جڏهن مان ڏنڊي جي زور تي پنهنجي سوچ اوهان تي مڙهڻ جي ڪوشش ڪريان. اوهين عاقل آهيو بالغ آهيو ـ پنهنجا فيصلا پاڻ ڪري سگهندا آهيو. مان ڪير ٿيندو آهيان اوهان تي پنهنجي سوچ مڙهڻ وارو!

پنتي پيل معاشري جا ماٺهو هڪٻئي کي برداشت ڪري نہ سگهندا آهن هڪ ٻئي جي ذاتي معاملن ۾ دخل اندازي ڪندا آهن. هڪٻئي جي عقيدتن تي نيڪا ٽيڪي ڪندا آهن. فرقن ۾ فرق تي هڪٻئي کي قتل ڪرڻ ۾ دير نہ ڪندا آهن. مان نماز پڙهان ٿو نہ ٿو پڙهان! روزا رکان ٿو نہ ٿو رکان! اِهو منهنجو ۽ منهنجي موليٰ جي وچ جو معاملو آهي. پر اسان جي تنگ نظر ۽ تنگ دل معاشري ۾ اِهو معاملو ايمان ۽ عقيدن جي ٺيڪيدارن پنهنجي هٿ ۾ کڻي ورتو آهي. هو فيصلو ڪندا تہ مان جهنمي آهيان، يا جنتي آهيان. متقي ۽ ڪافر هئڻ جو فيصلو بہ هو ڪندا آهن. مفتين ۽ مولوين جي معاشري ۾ مان اوپرو آهيان. نہ هو مونکي قبول ڪندا آهن. ۽ نہ مان هنن کي قبول ڪندو آهيان.

راولپنڊي اسلام آباد ۾ پاڪستان براڊڪاسٽنگ ڪارپوريشن هيڊڪوارٽر جي ماحول تي ملڪ جي تنگ نظر معاشري جي ڇاپ لڳل

هئي. منهنجو ساهه منجهندو هو. عطا حسين ڪليم نيڪ دل ۽ صاف گو هو. هڪڙي ڏينهن چيوهئائين تہ تون ريڊيو پاڪستان وارن ۽ سندن مرڪزي قيادت ساڻ هلي نہ سگهندين. ڪنهن ڪاليج يا يونيورسٽيءَ ۾ وڃي پڙهاءِ. هتان هليو وڃ.

هلڻ وڃان. تہ ڪيڏانهن وڃان! نہ رکان ڪنهن سان عليڪ. نہ رکان سليڪ. هڪ خواجا شاهد حسين هو براڊڪاسٽنگ ڪارپوريشن جو ڊائريڪٽر جنرل، جيڪو منهنجو خيال رکندو هو. منهنجي بچاءَ ۾ مون تي الزام مڙهڻ وارن آڏو بيهي رهندو هو. باقي ڊائريڪٽر پروگرامز ڊائريڪٽر ايڊمنسٽريشن ۽ ٻين سينيئر آفيسرن لاءِ مان قابلِ قبول نہ هوس. منهنجي موجودگي براڊڪاسٽنگ ڪارپوريشن جي مقدس ماحول کي غليظ ڪري رهي هئي. هڪ سال اندر ماحول ايتريقدر تہ بيزار ڪندڙ ٿي پيو جو مان سينيئر پوسٽ تان استعيفا ڏيئي ڪراچي موٽي وڃڻ بابت سوچڻ لڳس، پر، سنڌ ۾ ڏهيسر ممتاز علي خان ڀٽي جي سنڌ گورنمينٽ منهنجي خلاف ڪات ڪهاڙا تيار ڪري ويٺي هئي. بس موٽي وڃڻ جي دير هئي. ڪچٽي ڪري ڇڏين ها! ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ ڇا ڪريان!

هڪڙي ڏينهن ڊائريڪٽر ايڊمنسٽريٽر قاضي سعيد احمد مونکي آفيس ۾ گهرايو. مونکي مرڪزي وزارت تعليم جي سيڪريٽريءَ جو براڊڪاسٽنگ ڪارپوريشن جي ڊائريڪٽر جنرل نالي خط ڏنائين. تعليم بابت قومي ڪانفرنس ٿي رهي هئي، جنهن ۾ اليڪٽرانڪ ميڊيا ذريعي پڙهائڻ جي موضوع تي ڪنهنکي پيپر پڙهڻ لاءِ موڪلڻ جي آڇ ڪيل هئي. خط تي ڊائريڪٽر جنرل جو نوٽ لڳل هو: امرجليل قومي تعليمي ڪانفرنس ۾ اليڪٽرانڪ ميڊيا ذريعي پڙهائڻ تي پيپر لکي، ۽ ڪانفرنس ۾ براڊڪاسٽنگ ڪارپوريشن جي نمائندگي ڪري.

مون پيپر لکيو ۽ ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي. پنهنجي واري مطابق پيپر پڙهي موٽي اچي پنهنجي سيٽ تي ويٺس. ڏٺم تہ هڪ صفا نوڙهو پر عمده پرسنلٽيءَ وارو باوقار شخص منهنجي پرسان خالي سيٽ تي اچي ويٺو. سڙٻاٽن ۾ چيائين، ڏاڍو سٺو. مون کي تنهنجو پيپر وڻيو آهي. مبارڪ. مون

سندس ٽورا مڃيا. هُو پيپلز اوپن يونيورسٽي اسلام آباد جو وائيس چانسلر ڊاڪٽر ڊبليو ايم ذڪي هو. چانهه جي وقفي دوران چيائين: اليڪٽرانڪ ميڊيا ذريعي پڙهائڻ لاءِ پيپلز اوپن يونيورسٽي کلي رهي آهي. اسان سان شامل ٿي، اسان جو هٿ ونڊائيندين؟

اوچتو جڻ گهٽ ۾ پوسٽ واري ماحول ۾ هير هلي پيئي. چيم: اوهين براڊڪاسٽنگ ڪارپوريشن جي ڊائريڪٽر جنرل کي لکو. مان اچڻ لاءِ تيار آهيان.

مون کي محسوس ٿو ٿئي ته جريدي آتم ڪٿا جي ڪنهن باب ۾ مان اڳ ۾ پيپلز اوپن يونيورسٽيءَ سان منسلڪ ٿيڻ جو ذڪر ڪري چڪو آهيان. منهنجين ذميوارين ۾ شامل هو ريڊيو ۽ ٽيليويزن جا اسٽوڊيوز ٺاهڻ ۽ پروفيسرن کي اليڪٽرانڪ ميڊيا ذريعي پڙهائڻ جي تربيت ۽ سکيا ڏيڻ. يونيورسٽيءَ ۾ منهنجي اداري جو نالو هو انسٽيٽيوٽ آف ايجوڪيشنل ٽيڪنالاجي. يونيورسٽيءَ ۾ ڪم ڪندي سال کن مس ٿيو هو جو ڊاڪٽر ڊبليو ايم ذڪي، وائيس چانسلر مون کي پنهنجي آفيس ۾ گهرايو. يونيورسٽيءَ جي رجسٽرار مسز مظفري قريشي بہ آفيس ۾ موجود هئي. ڊاڪٽر ذڪي چيو: اسان توکي فلوريڊا اسٽيٽ يونيورسٽي سان چار مهينا ڪم ڪرڻ لاءِ آمريڪا موڪلڻ چاهيون ٿا. توکي ڪو اعتراض تہ ڪونهي؟

پڇيم: ڇا جو اعتراض؟

چيائون: پاڪستان براڊڪاسٽنگ ڪارپوريشن اجان توکي آجو نہ ڪيو آهي. هنن کان پڇڻ گهرجي يا نہ؟

وراڻيم: جيئن مناسب سمجهو.

ڊاڪٽر ذڪي کلڻو چرچائي ۽ خوش طبع انسان هو. پر، اصولن جو پڪو، سخت ۽ بهادر هو. وزيرن ڪبيرن ۽ ڪامورن کي ڪٽ ۾ نہ آڻيندو هو. سڌو سنئون رابطو هوندو هوس وزير تعليم عبدالحفيظ پيرزادي سان ۽ وزير اعظم ذوالفقار علي ڀٽي سان.

چيائين: تون ڏڇي ۾ آهين.. براڊڪاسٽنگ ڪارپوريشن وارا توکي ملڪ کان ٻاهر وڃڻ نہ ڏيندا. مان پنهنجي ذميواريءَ تي توکي آمريڪا

موڪليان ٿو.

رجسٽرار مسز مظفري قريشيءَ ڪلي چيو: سر، پڇوس ته موٽي ايندو نه؟

ڪراچي ايئرپورٽ تي اميگريشن ڪائونٽر تي ويٺل ٻن آفيسرن کي پاسپورٽ ڏيکاريم. ٻنهي غور سان مون ڏانهن ڏٺو. مرڪي پيا. هڪ ڄڻي پاٻوهه مان پڪ ڪرڻ خاطر پڇيو: امر جليل آهيو نه؟

مون ها ڪار ڪئي.

هنن سڙٻاتن ۾ صلاح ڪئي. هڪ فائيل کولي ڏٺائون. دل آڻ ٽائينڪي تي. مونکي پڪ ڪونهي، پر ٻڌو هوم ته منهنجي ملڪ کان ٻاهر وڃڻ تي پابندي لڳل هئي. هنن مون کي پاسپورٽ وٺي، ٺپو هنيو. هڪ ڄڻي مرڪي چيو: مسٽر عبدالجليل قاضي ٻاهر وڃي سگهي ٿو.

منهنجي پاسپورٽ منهنجي فيملي نالي ۾ هئي. اها ڳالهه اٺتيهه سال پراڻي، 1976 جي آهي. ٻنهي اميگريشن آفيسرن جا چهرا مونکي ياد آهن. ٿينڪس آفيسرس، ٿينڪس. جتي به هجو خوش هجو آباد هجو.

ڊسمبر 2013

# آتم ڪٿا

جيڪڏهن جيئرو رهيس تہ ٻن سالن کان پوءِ اسي ورهين جو ٿيندس. پر، پَلَ پَلَ تان منهنجو ويساهہ منهنجو يقين ڪچي وبو آهي. هر گهڙي مونکي آخري گهڙي محسوس ٿيندي آهي. جڻ ساز جو آواز آهيان. تند ٽٽي پوندي، ساز جو آواز بند ٿي ويندو. سانجهيءَ ويلي آسمان کي باهہ لڳائي سج لهي ويندو. لهي وڃڻ کان پوءِ سج وري ٻئي ڪنهن ماڳ تي اُڀرندو پنر جنم ۾ منهنجو مڪمل يقين آهي. مان هن پرٿويءَ تي وري موٽي ايندس.

پنر جنم Reincarnation ۾ منهنجي اعتبار جي اوسر اڌ صديءَ کان اڳ ٿي هئي جڏهن اسان جي گهر ۾ منهنجين ڀائيٽن ۽ ڀائٽن جنم وٺڻ شروع ڪيو هو. تڏهن مان اين جي وي هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو هوس. وقفي وقفي کان پوءِ ڪڏهن ڀائٽي تہ ڪڏهن ڀائيٽو ايندو رهندو هو. مون ميٽرڪ ڪئي. گريجوئيشن ڪيم. ايم اي ڪيم. وچي نوڪريءَ سان لڳس. منهنجا ڀتڪڙا من موهڻا ڀائيٽا ۽ ڀتڪڙيون من موهڻيون ڀائيٽيون ايندڀون رهيون. تازي جاول ڀائٽي يا ڀائٽيءَ جي چپن تي مرڪ ڏسي مان ڏاڍو حيران ٿيندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن گهري ننڊ ۾ چرڪ ڀري ونندا هئا. ڪڏهن روئي پوندا هئا. مان اچرج ۾ پئجي ويندو هوس. اسين پنهنجي ساءِ تڏهن کلندا يا روئيندا آهيون جڏهن گذري ويل ڪو واقعو، ڪو حادثو ڪنهن خوش گوار ڳالهہ جي، يا دک دائڪ واردات جي ياد دل ۽ دماغ تي تري ايندي آهي. ٻارڙن جو ننڊ ۾ مرڪڻ، چرڪ ڀرڻ، ڪڏهن روئڻ مونکي تعجب ۾ وجهي ڇڏيندو هو. آخر ٻن چئن ڏينهن جي ٻار کي ڪهڙيون يادگيريون ذهن ۾ اچي کيس کلائينديون، روئارينديون ۽ ڏيڇاريندڀون آهن؟ گهر ۾ بزرگن کان سبب

پڇندو هوس تہ سندن جواب مونکي ڏاڍو ڪمزور ۽ منطق جي ابتڙ لڳندو هو. چوندا هئا: ابا، فرشتا ٻارن سان کيڏندا آهن. کڏهن کين کلائيندا آهن. کڏهن کين روئاريندا آهن. ان قسم جا ضعيف جواب ۽ سمجهاڻيون منهنجو ذهن بنهہ قبول نہ ڪندو هو. انهتر سالن جي عمر ۾ ايندي ايندي سکي ورتو اٿم تہ جڏهن زندگيءَ ۾ اهڙي ڪنهن روئداد Phenomenon جي باري ۾ اوهان کان سمجهاڻي ورتي وڃي جيڪا روئداد اوهان جي سمجهہ کان ٻاهر هجي. تڏهن عقل، فهم، فراست ۽ منطق ~ي ابتڙ جواب ڏيڻ بدران چئجي تہ ان باري ۾ مونکي ڪا خبر ڪونهي. ٽاقوڙا نہ هڻجن.

جيئن اسين پُراڻا ڪپڙا مٽائي نوان ڪپڙا وٺندا آهيون، يا نوان ڪپڙا پائڻ چاهيندا آهيون، جيئن پراڻي ۽ ڀُڳي گهر مان نڪري اسين نئون گهر وڃي وسائيندا آهيون تيئن اسان جو روح، آتما، Soul بيمار ۽ بيڪار بدن جي گهر مان نڪري ويندو آهي، ۽ وڃي ڪو نئون گهر وسائيندو آهي. بدن، جسم، هاني فنا آهي. وقت جي وهڪري ۾ ٻڏڻ ترڻ، ڏڪ جهلڻ، ڪِرڻ، ڪرڻ کان پوءِ اُٿڻ ۽ وري ڪري پوڻ جهڙا عمل بدن کي آخرڪار پوري وجهندا آهن. پر روح، آتما، soul کي بقا آهي. روح energy آهي. طبعياتي ٻَل آهي، سگهہ آهي، قوت آهي. هڪ نظر نہ ايندڙ وجود آهي. جنهن کي نہ ڇهي سگهبو آهي، ۽ نہ ڏسي سگهبو آهي. روح کي فقط محسوس ڪري سگهبو آهي. روح جي سگهہ تي جسم دائم هوندو آهي. جسم مان روح جڏهن ڪوچ ڪندو آهي، تڏهن اسين پنهنجي پيارن جي جسم کي جلد کان جلد آخري رسمن جي حوالي ڪري ڇڏيندا آهيون. کين قبر ۾ پوري ڇڏيندا آهيون. شمشان ۾ چِتا تي ساڙي ڇڏيندا آهيون. کين Tower of Silence خاموشيءَ جي مناري، تي ڇڏي ايندا آهيون. جهڙو عقيدو تهڙي رسم.

نئين گهر ۾ داخل ٿيڻ مهل اسين گذريل گهر سان وابستہ يادگيريون پاڻ سان کڻي ايندا آهيون. ٻال اوستا ۾ اُهي يادگيريون واضح هونديون آهن. اسان کي روئارينديون آهن. کلائينديون آهن. ڏيڇارينديون آهن. پر پوءِ عمر جي اوسر سان اسين گذريل جنم جون يادگيريون وساريندا ويندا آهيون. تان جو گذريل جنم جي ڪا ياد اسان جي ذهن ۾ باقي نہ بچندي آهي. ان موضوع

تي سڄي دنيا ۾ ڪوڄنائون هلي رهيون آهن. يونيورسٽيون ان ڪم ۾ شامل ٿي ويون آهن.

پريون جنم، موجوده جنم ۽ ايندڙ جنم ان قسم جي غيرمعمولي Phenomenon، حيران ڪندڙ ماجرائن ۾ مونکي تمام گهري دلچسپي آهي. منهنجي خواهش آهي، تمنا آهي ته مان پوري هوش حواس ۾ هن جسم مان آجو ٿيان. پنهنجي نقل مڪاني ڏسي سگهان. اُها گهڙي جنهن جي تصور سان روح کي ڪنبڻي وٺي ويندي آهي، مان اُن گهڙيءَ جو منتظر آهيان.

غيرمعمولي ماجرائن ۾ منهنجي گهري دلچسپيءَ جو سبب منهنجو ابو ۽ امان آهن. سوچڻ، سمجهڻ ۽ ڪنهن به قسم جو سوال پڇڻ ۽ ڪڙو ڪرڻ تي هنن مون مٿان ڪا به پابندي نه مڙهي هئي. ان باري ۾ مون آتم ڪٿا جي ڪجهه قسطن ۾ وضاحت سان ذڪر ڪيو آهي. اجوڪي آتم ڪٿا ۾ مان ذڪر ڪندس ته مڪمل ذهني، عقلي، منطقي آزاديءَ ۾ مونکي ڇا مليو ۽ مون ڇا وڃايو.

عقيدن بابت منهنجي من ۾ ڪنهن به قسم جا مونجهارا نه آهن. تنهن ڪري مون کي مليو آهي اندر جو سڪون جنت لاءِ ٽانوُڙا هڻڻ ۽ دوزخ جي دهشت کان مونکي مڪمل آزادي ملي ويئي آهي. منطق مطابق چڱا ڪم ڪبا چڱو نتيجو نڪرندو. ٻُڏا ڪم ڪبا ته بُرو نتيجو نڪرندو. اِها ڳالهه نندپڻ ۾ مون امان کان ٻڌي هئي، پر ٻئي نوع ۾ سچل سرمست جي مريدياڻي هئي. موج ۾ هوندي هئي ته چوندي هئي: دوزخ دڙڪو بهشت دلاسو ڏاهه ويا سڀ ٻهي ٻهي.

اسين جنهن فيمليءَ ۾ جنم وٺندا آهيون، جمڻ شرط اُن فيمليءَ جي عقيدن، يقينن، اعتبارن ۽ دين ڌرم ۾ وڪوڙجي ويندا آهيون. هندو فيمليءَ ۾ پيدا ٿيندا آهيون ته هندو عقيدن، رسمن رواجن ۽ ڌرم ڪرم ۾ ٻڌجي ويندا آهيون. عيسائي فيمليءَ ۾ پيدا ٿيندا آهيون ته عيسائي مذهب ۽ رسمن ۽ رواجن ۾ سوگها ڪيا ويندا آهيون. مسلمان فيمليءَ ۾ پيدا ٿيندا آهيون ته اسلامي رسمن رواجن ۽ مذهب ۾ قابو ڪيا ويندا آهيون. ڪي فيمليون ڏاڍي شدت ۽ سختيءَ سان پنهنجا عقيدا اسان تي مڙهينديون آهن. ٻال اوستا يعني

ننڍپڻ ۾. اسان کي سوچڻ سمجھڻ جي مهلت نہ ڏينديون آهن. اسان کي مڪمل طرح ذهني طور تي بيوس، موڳو ۽ مٽر ڪرڻ لاءِ ملن مولوين، ڀاون ۽ ڀانيٽن، ۽ پادرين جي حوالي ڪري ڇڏيندا آهن. عقيدن بابت اسان جي زندگيءَ جو اهو فيصلو اسان جا والدين ۽ مت مائٽ ڪري ڇڏيندا آهن. ڇئن پنجن سالن جو ٿيڻ تائين ٻار ۾ شعور پختو ٿيڻ شروع ٿيندو آهي. هو پنهنجا فيصلا پاڻ ڪرڻ جهڙو ٿي پوندو آهي. بوٽ، قميص، نڪر وغيره پنهنجي پسند جا وٺڻ لاءِ ضد ٻڌي ٻيهندو آهي. رنگ بہ پنهنجي مرضي مطابق پسند ڪندو آهي. پر، عقيدن متعلق مائٽ ڪچي عمر ۾ سندن ڪچڙي دماغ جو اهڙو تہ Brainwash ڪري ڇڏيندا آهن جو ٻار سڄي ڄمار پاڻ تي مڙهيل عقيدن کان پاڻ کي آجو ڪري نہ سگهندو آهي. هن کي مرڻ گهڙيءَ تائين يقين هوندو آهي تہ چوڏهن سئو سال اڳ دنيا ۾ اونده هئي.

اُهي ٻار ڏاڍا خوشنصيب هوندا آهن جن جا والدين سندن Brainwash ٿيڻ نہ ڏيندا آهن. جمڻ شرط سندن ذهني استحصال نہ ڪندا آهن. سندن سوچڻ سمجھڻ ۽ پروڙڻ جي صلاحيتن کي هٿي ڏيندا آهن. ڪين سوال پڇڻ لاءِ اتساهہ ڏيندا آهن. سندن همٿ افزائي ڪندا آهن. منهنجا والدين منهنجي لاءِ مثالي ماءُ پيءُ هئا. امان پنهنجي وجود ۾ صوفي مت جي پارکو هئي. صوفي مت يعني صوفي ازم جي رنگ ۾ رنگيل هوندي هئي. مسجد، مندر، گردوارا، ۽ ڪيلسائن ۾ پيد پاؤ نہ رکندي هئي. بابا ايجوڪيشنسٽ هو. تعليم ۽ تدريس جي سکيا تي عبور رکندو هو. بنيادي انساني اصولن جو پابند هوندو هو. سندس فلسفو سادو ۽ سليس هو. چڱائيءَ جو نتيجو چڱائي ۽ برائيءَ جو نتيجو برائي نڪرندو آهي. زهر اوتي امرت جي اميد نہ رکو. ڪنڊا پوکبا تہ ڪنڊا لڻڻا پوندا. ورهائبي سگهو تہ سُک ورهايو. ڪنهن کي ڏک نہ ڏيو. ڪنهن جي لاءِ تڪليف جو باعث نہ ٿيو. دماغ جا در دريون کليل رکو تہ جيئن تازي هوا اوهان کي تقويت ڏيندي رهي. پڙهڻ ۽ پرائڻ جي مونکي مڪمل آزادي هوندي هئي. تاريخ مونکي حيران ڪري ڇڏيندي هئي.

تاريخ جو اڀياس ڪندي خبر پيئي تہ چوڏهن سئو سال اڳ دنيا ۾

اوندھہ نہ ھئي. چوڏھن سئو سالن کان ڇھہ سئو سال اڳ حضرت عيسيٰ ھن دنيا ۾ اچي چڪو ھو حضرت عيسيٰ جا پوئلڳ نہ فقط سڄي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙيل آھن. سڄي دنيا ھنن جي ايجادن جي احسانمند آھي. ڪمپيوٽر، موبائيل فون، ريڊيو، ٽيليويزن، سينوموٽو گرافي، پاڻيءَ جا جھاز ۽ ھوائي جھاز، موٽرون، بجلي ۽ بجليءَ سان ھلندڙ اوزار ۽ روزانو ڪم ايندڙ شيون، دوائون، ڪتاب ۽ اخبارون ڇاپڻ واريون مشينون، ڪيمبرج، آڪسفورڊ ۽ ھارورڊ يونيورسٽين جھڙا تعليمي ادارا عيسيٰ جي پوئلڳن يعني عيسائين جا ناھيل، قائم ڪيل ۽ ايجاد ڪيل آھن. انگلينڊ، فرانس، آمريڪا، اٽلي، اسپين، نيوزيلينڊ، سئزرلينڊ، فن لينڊ ۽ انھن جھڙا انيڪ ملڪ عيسائين جا ملڪ آھن. ڪيئن مڃيون تہ چوڏھن سئو سال اڳ دنيا ۾ اوندھہ ھئي!

سقراط، ارسطو ۽ افلاطون، يعني ساڪريٽيز، ايرسٽاٽل ۽ پليٽو چار ھزار سال اڳ دنيا ۾ اچي چڪا ھئا. ھنن جي سوچ، فلاسافي، فھم، ادراڪ ۽ ذھني جاڳرتا جي ڇاپ دنيا جي ھر علم تي لڳل آھي. ھموربي اٺ ھزار سال اڳ دنيا ۾ آيو ھو. ھن دنيا کي انصاف جا ڏھہ بنيادي اصول ٻڌايا ۽ سمجھايا. فيثا غورث، بہ ست اٺ ھزار سال اڳ دنيا ۾ اچي چڪو ھو جنھن حساب ڪتاب جي علم ۾ سائنسي بنيادن تي ڪيلڪيوليشن جو اضافو ڪيو ھو. مان ڪيئن قبول ڪيان تہ چوڏھن سئو سال اڳ دنيا ۾ اوندھہ ھئي. بائيبل، توريت، ويد، رگ ويد، ڌمپد، مھاڀارت، رامائڻ ۽ گيتا جھڙا ٻيا ڪتاب چوڏھن سئو سال اڳ دنيا ۾ آندا ويا ھئا ۽ اڄ تائين جڳ جھان ۾ پڙھيا وڃن ٿا.

مان ڪنھن بہ قسم جي مونجھاري کان مڪت يعني آزاد ٿيل آھيان. انساني سوچ جي لاڳيتي اوسر ۽ انساني معاشري جي مسلسل ۽ لازمي اوسر کي روڪڻ امڪان کان ٻاھر آھي. ٿينڪ يو بابا – ٿينڪ يو امان. اوھان مونکي دنيا ۾ ڪنفيوز ٿيڻ نہ ڏنو آھي.

18-03-2014

# اندر جي اپٽار

مان مختلف ماڻهن، ماڳن ۽ مقامن ۾ جيئندو آهيان. انهن ماڻهن، ماڳن ۽ مقامن جي پيچ ڏاهه ۽ اسهڻ سان گڏ مان تورو تورو ٿي مرندو رهندو آهيان. مان پنهنجي والد ۾ جيئندو هوس. اهڙو پيار ڪندڙ پيءُ مون ورلي ڏٺو آهي. بابا گذاري ويو. ان ڏينهن منهنجي وجود جو هڪ معتبر ۽ مانائتو حصو مري ويو. مان پنهنجي ماءُ ۾ جيئندو هوس. ڏاڍو عجيب رشتو هوندو هو اسان جو پاڻ ۾! هوءَ مون تي ساهه ڏيندي هئي. مان رکو وڙهندو رهندو هومانس. امان بيڙي سگريٽ ڇڪيندي هئي. اها ڳالهه مون کي اصل نه وڻندي هئي. جيستائين صابڻ سان هٿ ڌوئي صاف نه ڪندي هئي، تيستائين سندس هٿ جو نه پاڻي پيئندو هوس ۽ نه ماني کائيندو هوس. ڪڙي ڏينهن اوچتوئي اوچتو منهنجين اکين آڏو منهنجين ٻانهن ۾ گذاري ويئي. ان وقت تائين مون کي خبر نه هئي ته مان امان ۾ ڪيترو جيئندو هوس. جنهن ڏينهن امان گذاري ويئي، ان ڏينهن منهنجي وجود ۾ ڪروڙ ۽ پيار سان گذاريل حصو مري ويو. مان پنهنجي ڀاءُ ۾ جيئندو هوس. ادا منهنجو ڀهريون هيرو هو. منهنجو آئيڊل هوندو هو. هڪڙي ڏينهن سمهيو ته وري نه اٿيو. ان ڏينهن منهنجي وجود جو تمام بيباڪ ۽ بهادر حصو مري ويو. زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو مون پاڻ کي واڙو ۽ ويڳاڻو محسوس ڪيو هو. ادا منهنجي لاءِ ڄڻ ڍال هو. هليو ويو ته مون پاڻ کي جڳ جهان سان جنگ ۾ اڪيلو بيٺل ڏٺو هو. ان ڏينهن کان منهنجي زندگيءَ ۾ Lone Wolf وارو دور شروع ٿيو. پنهنجي سر ڪم ڪرڻ ۽ جڳ جهان کي اڪيلي سر منهن ڏيڻ وارو دور. اڪيلائين کي مقدر ۾ لکي ڇڏيم.

بندر روڊ منهنجي وجود جو حصو هو. انيڪ يادون وابستہ هيون ۽ آهن بندر روڊ سان. جنهن ڏينهن بندر روڊ جو نالو مٽائي ايم اي جناح روڊ رکيائون، ان ڏينهن منهنجي وجود جو هڪ حصو مري ويو هو. ڪراچيءَ جي رستن تي ٽَن ٽَن ڪندي ڊوڙندڙ ٽرام ڪراچيءَ جي سجاڳ هئي. هڪڙي ڏينهن بندش وجهي ٽرام هلڻ تي پابندي هٽي ڇڏيائون. ان ڏينهن مان ڪجهہ ڪجهہ مري ويو هوس. ورلي ڪو اهڙو ڏينهن ايندو هو جو اسين ٽرام ۾ ويهي شهر جو چڪر هٽي نہ ايندا هئاسين. ٽرام ۾ ويهي شهر جو طواف ڪرڻ وارو دور ختم ٿي ويو. منهنجي وجود جو هڪ حصو مري ويو. منهنجي پرائمري اسڪول، رتن تلاءُ گورنمينٽ پرائمري اسڪول، ٽيمپل روڊ ڪراچيءَ کي باهہ ڏني هئائون. ورهاڱي کان پوءِ خونريز فسادن جي موسم نندي ڪنڊ ۾ هلي رهي هئي. فسادن ۾ مرڻ وارن متعلق جڙتو تاريخ لکڻ وارن بارن کي سبق سيکاريو تہ اسان جي ابن ڏاڏن پاڪستان لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون هيون. جيتوڻيڪ قائداعظم محمد علي جناح پنهنجي پهرين تقرير ۾ چيو هو تہ هڪ گولي هلائڻ کان سواءِ ۽ هڪ ڦڙو رت جو وهائڻ بنا مون پاڪستان حاصل ڪيو آهي. ڪراچيءَ ۾ نندي پيماني تي ايڪڙ ٻيڪڙ فساد ٿيا هئا. اهي فساد اصل ۾ هڪطرفا هئا. هندستان مان ڪهي آيل اسانجي دين ڀائرن برنس روڊ ۽ فريئر روڊ جي بلڊنگن تي حملا ڪري هندن کي فليٽ ڇڏي هندستان هلي وڃڻ تي مجبور ڪيو هو. هندن شهر ۾ ڪٿي بہ هندستان مان لڏي آيلن تي جوابي حملو نہ ڪيو هو. انهن فسادن ۾ رتن تلاءُ پرائمري اسڪول کي باهہ ڏيئي ڇڏيائون. مون رتن تلاءُ اسڪول ۾ پرائمريءَ جا چار درجا پڙهيا هئا۔ 1942 کان 1946 تائين. انهن ڏينهن ۾ پرائمري تعليم ڇئن درجن تائين هوندي هئي. ميٽرڪ ڪرڻ لاءِ سيڪنڊري اسڪول ۾ ست درجا پڙهڻا پوندا هئا. مون هڪ سال اڳ پرائمريءَ جا چار درجا پڙهي رتن تلاءُ اسڪول ڇڏيو هو. اسان جو فليٽ رتن تلاءُ اسڪول کان پري نہ هوندو هو. اسڪول کي لڳل باهہ جي خبر ٻڌي مان ڊڪندو، ڊوڙندو، سهڪندو رتن تلاءُ اسڪول وٽ پهتو هوس. اسڪول جي در ۽ درين مان باهہ جا اُلاوَ ايري رهيا هئا. اندر اسڪول جو فرنيچر ۽ بينچون سڙي رهيون

هيون. فائربرگيڊ جي گاڏين باهه وسائي ڇڏي. پر، منهنجي وجود ۾ لڳل باهه اڄ تائين ٻري رهي آهي، ۽ مرڻ گهڙي تائين ٻرندي رهندي. ڪا به فائر برگيڊ منهنجي وجود ۾ لڳل باهه وسائي نه سگهي آهي. منهنجي وجود جو هڪ حصو هميشه لاءِ چتا تي چڙهي ويو ۽ چتا جي باهه انهت سالن ۾ ٺري نه آهي.

مان پنهنجن احساسن ۽ نظرين جي ٻين لاءِ منجهائيندڙ ڪيفيتن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان. اِهوئي سبب آهي جو منهنجي باري ۾ ماڻهو انيڪ رايا رکندا آهن ـ هندو آهي؟ مسلمان آهي؟ سک آهي؟ عيسائي آهي؟ ڪافر آهي؟ امر جليل ڪير آهي؟ پر، مان ڪنهن به مونجهاري ۾ ورتل نه آهيان. مون کي يا ته ڳالهه سمجهه ۾ ايندي آهي، يا نه ايندي آهي. مان منجهندو نه آهيان. ماڻهو منجهندو تڏهن آهي جڏهن ڪيس ڪجهه ڳالهه سمجهه ۾ ايندي آهي، ۽ ڪجهه ڳالهه سمجهه ۾ نه ايندي آهي. اهڙو ماڻهو منجهي پوندو آهي. ٻڌتر ۾ رهندو آهي. ڪو به فيصلو ڪري نه سگهندو آهي. پر، منهنجي سوچ واضح آهي. مان شڪ شبهن ۽ وهمن گمانن جو شڪار نه ٿيندو آهيان. مان مسلمان ان لاءِ سڏبو آهيان جو مسلمانن جي گهر ۾ جنم ورتو هيم. ڪنهن هندوءَ جي گهر جنم وٺان ها ته هندو ٿي وڃو ٿيان ها. عيسائيءَ جي گهر جنم وٺان ها ته عيسائي هجان ها. سِکَ جي گهر جنم وٺان ها ته اڄ سِکَ هجان ها. پارسين وٽ پيدا ٿيان ها ته پارسي هجان ها. ان باري ۾ مان منجهندو نه آهيان. مون منطق کي طاق تي نه رکيو آهي. اِها ڳالهه منهنجي فهم ۽ فراست کان خارج آهي ته مسلمانن جي گهر ۾ پيدا ڪري الله سائينءَ مون تي ڪو احسان ڪيو آهي. جيڪڏهن اِهو احسان آهي ته پوءِ اهڙو احسان هن ڪرشن چندر تي ڇو نه ڪيو؟ اهڙو احسان هن گربخشاڻيءَ تي ڇو نه ڪيو؟ اهڙو احسان هن دادي ليلا تي ڇو نه ڪيو؟ هن اهڙو احسان سوڀي گيانچنداڻيءَ تي ڇو نه ڪيو؟ سئي ڌاڳي کان وٺي هوائي جهازن ۽ زندگيون بچائڻ لاءِ اينٽي بايوٽڪ دوائن ۽ آپريشن لاءِ مشينون ايجاد ڪرڻ وارن کي الله سائين پنهنجي احسان کان ڇو محروم رکيو؟ هنن کي به مسلمانن جي گهر ۾ پيدا ڇو نه ڪيائين؟ نابينن لاءِ ڪتابن لکڻ ۽ ڇپائڻ جهڙو ڪرشمو ڪندڙ هيلن ڪيلر کي پنهنجي احسان کان

چو محروم رکيائين! ڇونه هيلن ڪيلر کي ڪنهن مسلمان جي گهر جنم ڏنائين؟ آئنسٽائن کي به ڪنهن مسلمان گهراڻي ۾ ڇونه پيدا ڪيائين؟ سائنسدان اسٽيفن هاڪنگس کي ڪنهن مسلمان جي گهر پيدا ٿيڻ جو شرف ڇو نه بخشيائين؟ مان پنهنجي وجود جي بار کي بنيادي سوالن جا جواب ڏيئي نه سگهيو آهيان، ڇو جو مان اڻپڙهيل ۽ گمراهه آهيان. مان الله جي جوابن جو منتظر آهيان.

هيءَ هڪ ڪائنات، ۽ هِن هڪ ڪائنات جهڙيون لکين ڪروڙين ڪائناتون هڪ خالق، هڪ مالڪ، هڪ رام، هڪ رحيم، هڪ ايشور، هڪ الله جون ايجاد ڪيل آهن. هڪ ۽ فقط هڪ خالق Creator کي اسان انيڪن پنهنجي پنهنجي خواهشن، سوچ ۽ سمجهه مطابق نالا، رنگ روپ، صفتون ۽ رَوَيا ڏيئي ڇڏيا آهن. ڪيس پنهنجي پنهنجي بولي به ڏيئي ڇڏي آهي. سندس هدايتن کي مختلف ماڻهن ۽ مختلف قومن تائين پهچائڻ لاءِ اسان کي مختلف بولين ۾ ترجمو ڪرڻيون پونديون آهن. مون مختلف عقيدن جي ماڻهن کي پنهنجي خالق، پنهنجي مالڪ متعلق ائين اُچاترو ڳالهائيندي ٻڌو آهي جڻ خلقڻهار سان ڪچهري ڪري آيا هجن. مان انيڪ خدائن جو منڪر آهيان. انيڪ خالقن جو انڪاري آهيان. منطق تي منحصر عقيدي موجب مان هڪ سرجڻهار جو مڃيندڙ آهيان ـ معتقد آهيان. اهو اوهان سوچ سمجهه تي ڇڏيل آهي ته ايڪ کي انيڪ ڪري ڇڏيو. ڪيس مختلف نالا ۽ مختلف سڃاڻپون ڏيئي ڇڏيون ڪيس رب سڏيو يا رام ـ الله سڏيو يا ايشور، اوهين ايڪ کي انيڪ ڪري نه سگهندا. اِهو ڏيان ۽ گيان مونکي ايڪ جي انيڪ گيانين، درويشن، صوفين ۽ سنتن طرفان جاري ۽ ساري صدقي ۽ دياواڻيءَ مان مليو آهي. ڪنهن تي به جهل پل نه آهي. درياهه پيو وهي. اوهان جي مرضيءَ تي ڇڏيل آهي. ڪپ ڪناري ويهي درياهه کي وهندي ڏسو يا درياهه ۾ ڪاهي پئو ۽ وهڪري سان وهي وڃو. فيصلو اوهان کي ڪرڻو آهي. پنهنجي فيصلي تي پهچڻ کان اڳ اوهان کي ٻين طرفان، مٿن ماڻتن ۽ مدرسي استادن طرفان اوهان لاءِ ڪيل حتمي فيصلن کان اوهان کي خود مُڪت يعني آزاد ٿيڻو پوندو. ذهني نقل مڪاني ڪرڻ لاءِ اڳ وارن مڪانن کان تياڳ وٺڻو پوندو آهي. اوهان هڪئي

وقت، هڪئي مهل، ٻن گهرن ۾ رهي نہ ٿا سگهو. اهو امڪان کان ٻاهر آهي.

سوچ ۽ سمجهہ جو درياهہ وهندو رهي ٿو۔ عقيدن خاطر رت جون نديون وهائڻ ۽ ڪٽرپڻي خلاف شاهدي ڏيندو رهي ٿو. هڪ ٻئي تي انڌا عقيدا مڙهڻ جي جنون ۾ ايڪ خالق کي انيڪ روپن ۾ مڃڻ وارن ڌرتيءَ کي دوزخ ڪري ڇڏيو آهي. ان جي باوجود، سوچ ۽ سمجهہ جو درياهہ وهندو رهي ٿو۔ مذهبن جي نالي ۾ وڙهيل جنگين ۽ خونريزين جو احوال ڏيندو رهي ٿو. مختلف مذهبن جي دعويدارن جي اِها دعويٰ تہ مذهب محبت، امن ۽ ڀائيچاري جو پرچار ڪندا آهن، صداقت جي ابتڙ آهي. تاريخ گواهہ آهي تہ زلزلن، سونامين، ٻوڏ، ڏڪر، ٻرندڙ جبلن جي لاوي ۽ ان قسم جي قدرتي آفتن ۾ ايترا ماڻهو نہ مئا آهن، جيترا ماڻهو مذهبن جي نالي ۾ جوٽيل جنگين، خونريزين ۽ ملڪگيريءَ ۾ مئا آهن. مان معمولي، ڪک پن، ڌرتيءَ جي ڌوڙ آهيان. مان ڪافر. مان ملحد. مان دهريو. منهنجي ڪا حيثيت نہ آهي. پر، سچن کان سچي سچل سرمست جو هڪ بيت هزارين دليلن تي حاوي آهي:

**مــــذهبن ملـــڪ ۾ مـــاڻهو منجهايـــا،**
**پيـــرن، پنـــڊتن، بـــزرگن بيحـــد پلايـــا،**
**ڪي نمـازون نـوڙي پـڙهن، ڪـن منـدر وسـايا،**
**اوڏو ڪـــين آيـــا، عقـــل وارا عـــشق کـــي.**

عام طور تي آتم ڪٿا واقعن مطابق ۽ سلسليوار لکبي آهي. پر، ان قسم جي آتم ڪٿا لکڻ منهنجي وس کان ٻاهر آهي. جيئن مون ڇڙوڇڙ، بيترتيب، بنا ڪنهن رٿابنديءَ جي زندگي گذاري آهي، تيئن منهنجي آتم ڪٿا آهي، منتشر، ٽڙيل پکڙيل ۽ رولاڪ. نہ منهن اٿس، ۽ نہ سِرُ۔ نہ اٿس شروعات، ۽ نہ ئي هوندس پڇاڙي. قسطن ۾ اوهان کي ورجاءِ ملندو. آتم ڪٿا ۾ ظاهر حاوي، ۽ باطن پوشيده رهندو آهي. اڄ مون روايتن جي ابتڙ ظاهر کي مخفي ۽ باطن کي واڳڪو ڪيو آهي۔ اِهو انڪري بہ ضروري ٿي پيو هو جو هر دور ۾ ماڻهو منهنجي باري ۾ انومان ڪيندا آهن. ڪافر آهي، مومن آهي؟ انڪاري آهي، يا اقراري آهي؟ اهنڪاري آهي، يا خاڪ نشين آهي، يا رمتو

جوڳي آهي؟ مان دنيا جي سمورن عقيدن جو احترام ڪندو آهيان. اِهو منهنجو ايمان آهي تہ ڪل جڳ جهان جو خالق ۽ مالڪ هڪ آهي ـ ايڪ آهي. دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ آباد مخلوق انيڪ آهي. اُن ايڪ جي باري ۾ انيڪ متجس ماڻهن هزارين سالن کان پنهنجي پنهنجي تصور مطابق ايڪ کي سمجهڻ ۽ کيس ڪانہ ڪا سڃاڻپ ۽ نالو ڏيڻ جي سعي ڪئي آهي. پر، اصل ۾، حقيقت ۾ هو هيڪلو ۽ هڪ آهي، ايڪ آهي.

اڪ قـــــصر در لـــــک
جيـــڏانهن ڪريـــان پـــرک،
تيـــڏانهن ســـڄڻ ســـامهون ـ

اِها راهہ ۽ رمز صوفين جي آهي. مان صوفي آهيان.

18 Feb. 2015

# ڪي مري تين نہ مات

منهنجو عقيدو آهي تہ تاريخ ۾ ڪي ڪي ماتم اهڙا بہ ٿيندا آهن جن جي آهہ ۽ زاريءَ جو آواز صدين ڪان پوءِ بہ ايندو رهندو آهي. منهنجو عقيدو آهي تہ تاريخ ۾ تلوارن جا ڪي ڪي گهاوَ اهڙا بہ ٿيندا آهن جيڪي صدين پڇاڻان پرجي نہ سگهندا آهن. منهنجو عقيدو آهي تہ تاريخ ۾ ڪا ڪا گولي اهڙي بہ هلندي آهي جيڪا صديون گذرڻ باوجود نسل در نسل هر نسل کي گهائيندي رهندي آهي. رڪ اسٽيشن تي هلايل گوليءَ جو گهاءُ مون کي تاريخ جي ورثي مان مليو آهي. مون کي يقين آهي تہ درويش ڀڳت ڪنور رام تي گولي هلائيندڙ جان محمد جلباڻيءَ کي مون اندر جي اک سان چٽي نموني ڏٺو هو. سندس شڪل شبيهہ چٽي طرح منهنجي دل ۽ دماغ تي واضح آهي. هو رنگ روپ ۽ نالو مٽائي اڄ بہ جيئرو آهي. مان ڏسڻ شرط کيس سڃاڻي وٺندو آهيان. منهنجو عقيدو آهي تہ ظالم ۽ مظلوم تاريخ جي ڪنهن بہ دور ۾ نہ مرندا آهن. هو ٻئي تاريخ جي هر دؤر ۾ جيئرا رهندا آهن فقط سندن نالا ۽ سڃاڻپ بدلجي ويندي آهي. ڪجهہ سال اڳ جڏهن سنڌ هاءِ ڪورٽ رنڪل کي ڪيس جي پڇاڻيءَ تائين ڪراچيءَ جي دارالامان ۾ پناهہ ڏيئي رهائڻ جو حڪم ڏنو هو تڏهن جان محمد جلباڻي پوليس يونيفارم ۾ ٻئي ڪنهن نالي ۽ سڃاڻپ سان رات جو رهزنن کي رنڪل سان نويڪلائيءَ ۾ ملرائيندو هو. ڪنهن شڪ شبهي جي ڳالهہ نہ آهي. هو ساڳيو جان محمد جلباڻي هو جنهن رڪ اسٽيشن تي ڀڳت ڪنور رام تي گوليون هلايون هيون.

ڪجهہ واقعا پنهنجي نوعيت ۾ ڏاڍا پُراسرار هوندا آهن. واقعہ جون ڪڙيون ڪڙين سان ملائڻ ڪان پوءِ منطق ۽ سمورا دليل بيمعنيٰ ٿي پوندا آهن. اٺويهہ سئو اڻيتاليهہ (1939) ساڳيو سال آهي، جنهن سال انساني

تاريخ ۾ سڀني جنگين کان وڌيڪ خوفناڪ ۽ تباهه ڪندڙ جنگ، Second World War، ٻي مهاڀاري جنگ شروع ٿي هئي. تڏهن مان ٽن سالن جو هوس. اسين گارڊن روڊ تي، موجوده اينڪل سيريا نرسنگ هوم جي پاسي واري بلڊنگ ۾ رهندا هئاسين. هينئر اُها بلڊنگ اينڪل سيريا نرسنگ، هينئر هاسپٽل، جو حصو آهي. جيتوڻيڪ ڪراچيءَ تي هوائي حملو نه ٿيو هو تنهن هوندي به هڪ ٻن راتين کان پوءِ سائرن وڄائي ۽ بليڪ آئوٽ ڪري هوائي حملي لاءِ تيار رهڻ جي ريهرسل ڪرائيندا هئا. سائرن وڄڻ ۽ اوندهه ٿيڻ شرط گهر جا سمورا ڀاتي ڏاڪڻين ۾ لڪي ويهي رهندا هئا. امان مونکي هنج ۾ جهلي ڏاڪڻ جي پٽ کي ٽيڪ ڏيئي ويهي رهندي هئي. امان وزن ۾ سرس هوندي هئي. اڄ به جڏهن حالتن جا سائرن وڄندا آهن ۽ ماحول اوندهه ۾ غرق ٿي ويندو آهي، تڏهن مان پاڻ کي امان جي ڪونئري هنج ۾ محفوظ محسوس ڪندو آهيان. اهو تاريخ جو تسلسل آهي. مون کي ٻن اڍائي، سالن جي عمر ۾ شعور ملي ويو هو. عام طرح سان ٻار کي شعور پنجن ڇهن سالن جي عمر ۾ ملندو آهي، تڏهن هو پنهنجي پسند جو بوٽ، ۽ پنهنجي پسند جي رنگ واري قميص پائڻ تي ضد ٻڌي بيهندو آهي. پر، شعور اچڻ کان اڳ مائٽ مت ٻار کي پنهنجي پنهنجي عقيدي جا ٻنڌڻ ٻڌي ڇڏيندا آهن. ۽ ڪي ٻار عقيدن جي سنگهرن مان آزاد ٿي سگهندا آهن.

اٺويهه سئو اٺيتاليهه جي سرد رات هئي. اوندهه هئي. گهر ۾ اوچتو چوٻول ٿيو. وڏن وڏي آواز ۾ ڳالهايو ۽ چپ ٿي ويا. پراسرار خاموشيءَ کان پوءِ هنن سڙٻاتن ۾ ڳالهايو. مون روئڻ ٻڌو. اوچنگار جو آواز ٻڌو. اُها رات عام راتين کان وڌيڪ اونداهي هئي. درويش، صوفي، الهلوڪ، سنت ڀڳت ڪنور رام کي رڪ ريلوي اسٽيشن تي شهيد ڪيو ويو هو. اُها رات پاڻ سان خونريزي، تباهي بربادي ۽ هيبتناڪ موت کڻي آئي هئي. ٻي مهاڀاري جنگ. دنيا کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏڻ واري جنگ جو انت ڇهن سالن کان پوءِ اٺويهه سئو پنجيتاليهن ۾ ٿيو. دنيا سان گڏ سنڌ پنهنجي سڃاڻپ وڃائي ڇڏي. جنهن سنڌ جي سيني ۾ صوفي مت جو سندور پيو جرڪندو هو تنهن سنڌ پنهنجي مٿي ۾ مذهبي ڪٽرپڻي جا ٽانڊا وجهي ڇڏيا. سکر ۾ گراٽ

# لڇمڻ ڪومل

جنهن ڏينهن لڇمڻ ڪومل گذاري ويو هو تنهن ڏينهن منهنجي وجود جو هڪ حصو هيءَ جڳ ڇڏي هليو ويو هو. مونسان اڪين ٿيندو رهيو آهي. مڪمل طرح هيڪلي زندگي گذارڻ ڪانپوءِ بہ مان ماڻهن، مقامن، موجوده ۽ پراڻن آثارن، ماڳن، خوشبوءِ ۽ موسيقيءَ سان جڙيل رهندو آهيان. اهي مظهر منهنجي وجود جا عنصر آهن. جنهن ڏينهن قمر شهباز هيءُ جڳ جهان ڇڏي هليو ويو هو تنهن ڏينهن منهنجي اندر ۾ گهڻو ڪجهہ مون ڪان ڌار ٿي هليو ويو هو. طارق اشرف ڪي هيءَ پوڻ پاڻ نہ آئي. اڏري ويو. ان ڏينهن منهنجي زندگيءَ جو هڪ دور پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتو. آتم ڪٿا جي مختلف بابن ۾ مون ڪڏهن سڌي طرح ۽ ڪڏهن اڻسڌي طرح قمر شهباز ۽ طارق اشرف جو ذڪر ڪيو آهي- ۽ آئينده بہ ڪندو رهندس. پر، مون پنهنجي آتم ڪٿا ۾ اڄ تائين لڇمڻ ڪومل جو ذڪر نہ ڪيو آهي. ان جي برعڪس لڇمڻ ڪومل پنهنجي آتم ڪٿا جي ٽن جلدن ۾ ڪٿي نہ ڪٿي منهنجو ذڪر ڪندو رهيو آهي. مان سندس ٿورائتو آهيان. مان رُکو، هيڪلائين جو هيراڪ سندس قرب ۽ گرمجوشيءَ جي موٽ ايڏي پاٻوهہ سان ڏيئي نہ سگهيو هوس. اسان ٻنهي جي وچ ۾ واضح نموني محسوس ٿيندڙ پر نظر نہ ايندڙ وڇوٽي هئي. اهڙي ئي قسم جي وڇوٽي منهنجي ۽ قمر شهباز جي وچ ۾ عمر جي پوئين حصي ۾ پيدا ٿي پيئي هئي. لڇمڻ عمر ۾ مون ڪان ست اَٺ مهينا وڏو هو. پر منهنجي آڏو نہ ڇڪيندو هو سگريٽ ۽ نہ پيئندو هو شراب. ٻنهي عادتن جو محتاج هو. سگريٽ ۽ شراب ڪان گهڻو وقت پري رهي نہ سگهندو هو. تنهنڪري وقفن وقفن ۾ مون سان ملندو هو. ڊگهو وقت مون سان گذاري نہ سگهندو هو. ٻنهي عادتن جي باڙ ماري وڃهندي هئس. انهن ٻن عادتن ڪان پنهنجي پتا آڏو بہ آر نہ

ڪندو هو. هن جي آمهون سامهون شراب پيئندو هو. مون کان ڇو حجاب ڪندو هو.اِها ڳالهه مون کي اڄ تائين سمجهه ۾ نہ آئي آهي؟ شرم ڪندو هو؟ احترام ڪندو هو؟ پر، ڇو ڪندو هو؟

سمجهائيندو هومانس. زور پريندو هو مانس، تہ يار تون منهنجي سامهون دل کولي پيءُ بلڪ انگريزي پهاڪي چواڻي مڇيءَ وانگر پيءُ. سگريٽ ڇڪ. سوتا هڻ. بي معنيٰ احترام جي پٽ ڪيرائي ڇڏ. پر، هن ائين ڪڏهن بہ نہ ڪيو. اهو معمو ڪنهن ڳجهارت وانگر مان سلي نہ سگهندس. اڌ رات تائين شراب پي ٽُن ٿي دهليءَ مان مونکي فون ڪندو هو. ڪڏهن فون ڪٽندو هومانس، ۽ ڪڏهن نہ. ڪنهن ڪنهن مهل ساڻس رُکو ڳالهائيندو هومانس. سمجهندو هيم، لڇمڻ وري پيهر مون کي فون نہ ڪندو. پر، مونکي غلط ثابت ڪرڻ لاءِ هن ڪڏهن بہ فون تي رابطو رکڻ نہ ڇڏيو. ايندي ويندي هٿان ڪونہ ڪو ڪتاب موڪليندو هو. گهڻو ڪري انگريزي ڪتاب موڪليندو هو. ڪتاب جي اندرين صفحي تي لکندو هو پياري امر لاءِ. اڄ جڏهن لڇمڻ هن دنيا ۾ نہ آهي، مان شدت سان محسوس ڪري سگهان ٿو تہ لڇمڻ ۽ منهنجي وچ ۾ جڙ ڪو پُراسرار تعلق هو. ڪو بندڻ هو. ڪو رشتو هو ڪو ناتو هو جنهن جي سمجهاڻي نہ مون وٽ آهي، ۽ نہ لڇمڻ ڪومل وٽ هئي. جڏهن بہ سنڌ ايندو هو، تڏهن وقت ڪڍي، ڪيئن بہ ڪري مون سان ڪلاڪ ڏيڍ ڪن لاءِ ضرور ملندو هو. ان دوران اڻ ٿانئينڪو ۽ بيچين رهندو هو. انهن سان ڏاڍو ٿانئينڪو ٿيندو هو جن سان گڏ ويهي ڪلاڪن جا ڪلاڪ پيئندو هو. مان نہ ڪنهنجي ڳچيءَ ۾ پوندو آهيان، ۽ نہ ئي ڪنهن کي پنهنجي ڳچيءَ ۾ پوڻ ڏيندو آهيان. مان شخصي آزاديءَ جو احترام ڪندو آهيان. ۽ مان اميد رکندو آهيان تہ ٻيو شخص پڻ منهنجي شخصي آزاديءَ جو احترام ڪندو. لڇمڻ ۽ مون هڪ ٻئي جي شخصي آزاديءَ جو احترام ڪيو هو. سواءِ ميڊيا ۽ ادب سان وابستہ هئڻ جي اسان ٻنهي اڌ صديءَ کان مٿي، سٺ سالن تائين ڏاڍي پابوهہ، ڏاڍي پيار، ڏاڍي عزت سان هڪٻئي کي ياد ڪندا رهندا هئاسون. اِهو سڀ ڪجهہ اِن ڪري ممڪن ٿي سگهيو هو جو اسان ٻئي هڪٻئي جي شخصي آزاديءَ جو احترام ڪندا هئاسين. زندگيءَ طرف هڪٻئي جي رجحان کي سمجهي سگهندا هئاسين.

ڪمال جو ماڻهو هو لڇمڻ. نفس ڏاڍو نفيس هوس. ڪيترن ئي ماڻهن منهنجي ناليِ ۾ لڇمڻ سان نڀي ڪئي هئي. سنڌ مان سنڀري هندستان گهمڻ ويندا هئا. وڃي لڇمڻ کي منهنجا سلام ڏيندا هئا. ڪي ته وٽس گهر ۾ رهي پوندا هئا. ڪي جٽا ڪوڙ ڳالهائي ته سنڌ پهچڻ شرط توکي اوڌر موٽائي موڪليندا سين. ڪانئس ڪڏهن ڏهه هزار، ڪڏهن ويهه هزار، ڪڏهن ٽيهه هزار، ڪڏهن چاليهه هزار رپيا وني گم ٿي ويندا هئا. اشراف ورهين جا ورهيه ڪڏهن به مون سان نڀين جي ڳالهه نه ڪئي. پوءِ جڏهن اتفاق سان ڳالهه کلي پيئي ته لڇمڻ نڀين جو سربستو احوال ڏنو. پر نالو ڪنهن جو به ظاهر نه ڪيائين. ان ڪان پوءِ خبردار ٿي پيو. ڪنهن به نڀ کي ويجهو اچڻ نه ڏنائين. باقي سنڌ جي مفت خور شرابين سان وچن ويڙهيچڻ وارو ڪري ڇڏيو هئائين. انهن ۾ ڪي ته اهڙا به هئا جن جو ادب سان ڪنهن به قسم جو واسطو نه هو. انهن کي جٿن ۾ گهرائي سنڌي ساهت سڀا جي سرڪاري خرچ تي هندستان جو خوب سير ڪرايائين. سنڌ ايندو هو ته ازل جي اجايلن لاءِ سوٽ ڪيسن ۾ ولايتي شراب جون بوتلون ڀري ايندو هو. پاڪستان ۾ ولايتي شراب فقط وي وي آئي پي VVIP پي سگهندا آهن. باقي موڪيءَ جا متارا ٺري ۽ ڪچي شراب تي گذران ڪندا آهن. لڇمڻ جي اُسهڻ کان پوءِ هاڻي ڏسجي ته ڪير ٿو هندستان مان اچي ولايتي شراب سان سندن اُڄ اجهائي! لڇمڻ جهڙو مولائي مڙس ڪين ورلي ملندو.

مون کي سن، سال، مهينو ڏينهن ۽ تاريخ ياد ناهي جڏهن لڇمڻ ۽ مان پهريون دفعو لهه وچڙ ۾ آيا هئاسين. اٽويهه سئو ٻاهٺ 1962 ۾ بمبئي مان شايع ٿيندڙ رسالي **ڪونج** طرفان هند ـ سنڌ ڪهاڻي چٽا ڀيٽي ڪرائي ويئي هئي. ڪونج رسالي جو ايڊيٽر هوندو هو درويش صفت انسان. هري موٽواڻي. چٽا ڀيٽيءَ جو ڪٺو فقير جي نالي نڪتو هو. **ڪونج** جي ڪُٽي پڙهندڙن جو ڌيان مون ڏانهن ڇڪايو. هندستان مان شايع ٿيندڙ ڪجهه رسالن جي ايڊيٽرن مون سان رابطو ڪيو. مون ڪين ڪهاڻيون موڪلڻ شروع ڪيون ـ ڪچيون، ڦڪيون، ابتيون سبتيون ڪهاڻيون جن جي نه هوندي هئي شروعات ۽ نه هوندي هئي پڇاڙي. ان قسم جو اسلوب ايڊيٽرن کي وڻي ويو. ويا شايع ڪندا. ۽ پوءِ پڙهڻ وارن وٽان خطن اچڻ جو سلسلو شروع ٿيو.

روزانو ٻہ چار خط ايندا هئا. ٻن ٽئن مان وڌي ٿيا پنج ڇهہ خط روزانو. سال کن کان پوءِ ڏهہ پنڌرهن خط روزانو اچڻ لڳا. ان زماني ۾ نہ هوندي هئي انٽرنيٽ. نہ اي ميل، نہ ايس ايم ايس. فقط خَطَ رابطي جو ذريعو هوندا هئا. هڪڙي ڏينهن دهليءَ مان موڪليل وڏو لفافو مليو. ٽائيمز آف انڊيا جو نمايان مونوگرام ۽ نالو ڏسي تعجب ٿيو. لفافو کوليم. ٻہ تصويرون ۽ هڪ خط لفافي مان نڪتو. خط ۾ هٿ اکر تمام سهڻا، ۽ لفظ رواني‌ءَ وارا هئا. اهڙي نج ۽ سليس سنڌيءَ ۾ لکيل خط مون کي پهرين دفعي مليو هو. خط لکڻ واري جو نالو ڏنم ـ لڇمڻ ڪومل. خط شروع ڪيو هئائين، "پيارا امر،" سان. آخر تائين لڇمڻ اِهو اسلوب قائم رکيو هو. ڪجهہ عرصو اڳ دهليءَ مان انگريزي ڪتاب موڪليو هئائين، "اي مونڪ هو سولڊ هز فيراري" ڪتاب جي پهرين پني تي سٺ سال اڳ وارو اسلوب قائم رکيو هائين ـ "پياري امر لاءِ" خط ۾ منهنجين ڪچين ڦڪين ڪهاڻين جي واکاڻ کان پوءِ پنهنجو تعارف ڪرايو هئائين ـ شاعري ڪندو آهيان ـ ڊراما لکندو آهيان. مضمون لکندو آهيان ـ ٽائيمز آف انڊيا جي ايڊيٽوريل اسٽاف ۾ سب ايڊيٽر آهيان ـ جرنلسٽ آهيان. هڪ تصوير سنڌس پورٽريٽ هئي. ٻي تصوير ۾ هو پنهنجي آفيس ۾ وڏي ميز آڏو ويٺو هو. هڪ هٿ سان ڪن تي ٽيليفون جو رسيور رکيو هئائيس، ۽ ٻئي هٿ ۾ آڱرين ۾ سگريٽ هئس. اتان شروع ٿيو هو اَڌ صدي کان ڏهاڪو کن سال مٿي اسانجي پُراسرار دوستيءَ جو سفر. ٻہ شخص جن جو زندگيءَ ۽ معاشري طرف رويو هڪٻئي کان بنهہ ابتڙ هو سٺ سال لاڳيتو رابطي ۾ رهيا. هڪٻئي جي پل پل کان واقف رهيا.

اٺويهہ سئو اٺهٺ ڌاري هندستان ۾ لڇمڻ جو هڪ ڊرامو اسٽيج ٿيو هو. ڊرامي جو عنوان هو **"جڏهن مان نہ هوندس."** انهن ئي ڏينهن ۾ مون انقلاب لاءِ سرگردان هڪ سرڪش باغيءَ جي باري ۾ ڪهاڻي لکي هئي. ڪهاڻيءَ لاءِ مناسب عنوان نہ پي مليو. مون لڇمڻ کي لکي موڪليو اجازت ڏي تہ تنهنجي اسٽيج ڊرامي جو نالو "جڏهن مان نہ هوندس" کي پنهنجي ڪهاڻيءَ جي عنوان طور رکان. هڪدم لکي موڪليائين، منهنجي لاءِ خوشيءَ جي ڳالهہ آهي. مون پنهنجي ڪهاڻيءَ جو نالو رکيو "جڏهن مان نہ هوندس." مون کي چڱي طرح ياد ناهي، پر سمجهان ٿو تہ اُها ڪهاڻي سهڻي

رسالي يا ڪتابي سلسلي ۾ شايع ٿي هئي. ٻن سالن کان پوءِ اٽويهه سؤ سترهن ۾ منهنجين ڪهاڻين جو ٻيو ڪتاب ساڳئي عنوان سان شايع ٿيو هو- **"جڏهن مان نہ هوندس"**. انهن ڏينهن ۾ مان گهڻو ڪري هندستان جي سنڌي رسالن ۾ شايع ٿيندو هوس. جڏهن بہ ڪا ڪهاڻي شايع ٿيندي هئي. لڇمڻ هڪدم ڪهاڻيءَ تي پنهنجو رايو لکي موڪليندو هو. منهنجيون رواجي ۽ رد ڪرڻ جهڙيون تحريرون پڙهي الاءِ ڇو اڇرج ۾ پئجي ويندو هو. مونکي ٻي ڪا مخلوق سمجهندو هو. مون سان ڏاڍو پيار ڪندو هو. پر ان کان وڌيڪ منهنجو احترام ڪندو هو. ۽ مانُ ڏيندو هو. ائين ڪندي مون کي حيران ڪري وجهندو هو. ڪنهن ڪنهن وقت مونکي محسوس ٿيندو هو تہ لڇمڻ کي مون کان پوءِ ٿيندو هو. پوءِ جو ٻيو ڪو ڪارڻ تہ مونکي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي. پر انومان آهي تہ هو منهنجو اَنت لهڻ جي ڪوشش ڪندو هو. پر لهي نہ سگهندو هو. مون کي ڪا پُراسرار شيءِ سمجهندو هو- جِنُ. ڀوت ۽ Freak سمجهندو هو.

شراب جو شيدائي هو. شروعاتي دور ۾ مون کي ڪٽر شرابي سمجهندو هو. مون کي عورتن ۽ سيڪس جو شوقين سمجهندو هو. جيئن تہ جوانيءَ واري دور ۾ مان فلم، ٽيليويزن، ريڊيو، رسالن ۽ اخبارن لاءِ لکندو هوس. تنهن ڪري لڇمڻ مون کي ڏنوان ۽ دولتمند سمجهندو هو. پوءِ وقت گذرڻ سان هو جيئن جيئن منهنجي ويجهو ايندو ويو. تيئن تيئن سندس تجسس وڌندو ويو. انيڪ دفعا سڌي طرح ۽ اڻ سڌي طرح پنهنجي تجسس جو اظهار ڪندي پڇيو هئائين: نہ پڙهين نمازون. نہ رکين روزا. نہ پيئن شراب. نہ شباب! تون ڪير آهين؟ ڪهڙي قسم جو ماڻهو آهين؟ ماڻهو آهين يا ٻيو ڪجهہ آهين؟ پنهنجي آتم ڪٿا ۾ لڇمڻ ان ڳالهہ جو اظهار ڏاڍي شائستي نموني ڪيو آهي- ياڻ کي ٻُرو ڀلو لکڻ کان پوءِ هن مونکي ڏاڍو پڌايو آهي. بنا ڪنهن مروت جي اعتراف ٿو ڪريان تہ مان لڇمڻ جي واکاڻ لائق نہ آهيان. مان شراب ان لاءِ نہ پيئندو آهيان جو مان زندگيءَ جو هر پل پوري هوش حواس ۾ گذارڻ چاهيان ٿو. چوندا آهن تہ ماڻهو شراب پيئڻ کان پوءِ سچ ڳالهائيندو آهي. اِها ناقص راءِ آهي. اُهو سچ ئي ڪهڙو جيڪو شراب پيئڻ کان پوءِ بيهوشيءَ ۾ ڳالهائجي. وٺ پڪڙ ٿئي تہ نشي ۾ هئڻ جو

بهانو بنائي جند ڇڏائجي. سچ اُهو جيڪو پوري هوش حواس ۾ ڳالهائجي. سچ ڳالهائڻ جي نتيجي ۽ انجام جي پوريءَ ريت پروڙ هجي. لڇمڻ جو ڪمال اِهو هو، جو هو شراب پيئڻ کان اڳ ۽ شراب پيئڻ کان پوءِ به سچ ڳالهائيندو هو. پنهنجي سيڪس لائيف جو بنا ڪنهن حجاب جي ذڪر ڪندو هو. چوندو هو، تون هندستان اچ. مان توکي ڪاجوراءِ وٺي هلندس جتي عورتون اهڙي مالش ڪنديون آهن جو صدين جا ٿڪ لهي ويندا آهن، ۽ چارئي طبق روشن ٿي پوندا آهن. منهنجي هندستان وڃڻ کان اڳ ئي لڇمڻ کي پروڙ پئجي ويئي هئي ته گهڻو اڳ، جوانيءَ ۾ ئي مون سيڪس کان تياڳ وٺي ڇڏيو هو. جوڳ وٺي ڇڏيو هو. مان ٻه دفعا هندستان ويو آهيان. ٻنهي دفعي لڇمڻ ڪڏهن به مونکي مساج پارلر يا ان قسم جي ڪنهن هنڌ هلڻ جي آڇ نه ڪئي. مان هڪ دفعي روزبيٽل هوٽل ممبئي ۾ رهيل هوس. خاص منهنجي ڪري دهليءَ مان ممبئي هليو آيو هو. نند جويريءَ سان سندس فليٽ تي رهيل هو. هڪڙي ڏينهن ملڻ آيو ته تورو تورو ٽُن هو. مون کي هن سان پڇنن جون سيڊيون ۽ ڪيسٽ وٺڻ لاءِ شهر وڃڻو هو. چيائين، ڳالهه ٻڌ. توکي ڪيسٽ ۽ سيڊيون مان وٺي ڏيندس. ڪيس سمجهائيندي چيم ته مون وٽ جام ڏوڪڙ آهن. تون فڪر نه ڪر. مان پنهنجي ڪيسٽ ۽ سيڊيون پاڻ وٺندس. تون رڳو مونکي دڪان تي وٺي هل. جذباتي ٿي پيو. ڪيسي مان پرس، ۽ پرس مان پنجن ڇهن بينڪن جا ڪريڊٽ ڪارڊ ڪڍي منهنجي سامهون رکيائين. هڪ هڪ ڪريڊٽ ڪارڊ هٿ ۾ کڻي، مونکي ڏيکاريندي چوندو رهيو. هن بينڪ ۾ منهنجا هيترا لک آهن. هن بينڪ ۾ هيترا ڪروڙ آهن. تون فڪر نه ڪر. جيڪي وڻيئي خريد ڪر.

مون کي دڪان تي وٺي هليو. دڪان جو نالو ڪجهه پل اڳ تائين ياد هو. هينئر ذهن تان ٿڙي ويو آهي. مون کي فقط ايترو ياد آهي ته هڪ گهٽيءَ طرف اشارو ڪندي لڇمڻ چيو هو ته اِن گهٽيءَ ۾ هري موٽواڻي رهندو هو. هري موٽواڻي ورهين جا ورهيه **ڪونج** رسالي جو ايڊيٽر رهيو هو. منهنجي هر ڪا ڇپي ڻڻدي تحرير ڇپي ڇڏيندو هو. ڳڏوڳڏ پڙهندڙن جا رايا، تنقيدون، تعريفون ۽ ٽيڪا ٽيڻيون پڻ شايع ڪندو هو. اهڙي طرح شروعاتي دور ۾ ئي مون کي فيڊ بيڪ Feedback جي خبر پئجي ويئي.

ورنہ ان کان اڳ ڪا ڪهاڻي لکڻ مهل ۽ لکڻ کان پوءِ منهنجي ذهن ۾ نامور سنڌي ليکڪن جا نالا ايندا رهندا هئا ـ فلاڻي عظيم ليکڪ کي منهنجي ڪهاڻي پسند ايندي! فلاڻو ناليوارو ليکڪ منهنجي ڪهاڻيءَ جي باري ۾ ڪهڙو رايو ڏيندو! رشيد آخوند، رشيد ڀٽي، ع ق شيخ، بشير مورياڻي، ثميرا زرين، غلام رباني آگرو، اياز قادري، جمال ابڙي کي منهنجي ڪهاڻي وڻندي! منهنجي ذهن ۾ وسوسا ۽ سوداوَ هوندا هئا. هري موٽوانيءَ ڪونج ۾ فيڊبيڪ ذريعي مونکي وسوسن ۽ وهمن کان آزاد ڪرائي ڇڏيو. مان وڏن ليکڪن جي دٻدٻي کان آزاد ٿي ويس. مونکي پنهنجي مرضيءَ مطابق لکڻ لاءِ وٿ ملي ويئي. اُن ڏينهن کان اڄ تائين نامور ليکڪن بدران منهنجي لاشعور ۾ عام پڙهندڙن جاءِ والاري ورتي آهي. مان هنن سان پنهنجين تحريرن ۾ ڳالهائيندو آهيان. هنن سان اندر جو حال اوريندو آهيان. پنجيتاليهہ سال اڳ شايع ٿيل ڪتاب **دل جي دنيا** ۽ جڏهن مان نہ هوندس کان وٺي تازو شايع ڪتاب، **زوال جو عڪس** تائين مهربان پڙهندڙ منهنجا ڪتاب خريد ڪري پڙهن، ريل گاڏين، هوٽلن، گهرن ۽ هاسٽلن ۾ پڙهندا آهن. پڙهندڙن جي قرب ڪري فقير جا ڪتاب پنجيتاليهہ سالن کان شايع ٿي رهيا آهن. اِن ۾ مون مٿيءَ هاٿي جو ڪو ڪمال ڪونهي. سارو ڪمال هري موٽواڻي ۽ سندس رسالي **ڪونج** جو آهي. منهنجي لاءِ اهڙوئي ڪمال طارق اشرف پنهنجي رسالي **سهڻيءَ** ۾ ڪري ڏيکاريو.

**ڪونج** جي ڪري لڇمڻ ڪومل مون سان مليو. بلڪ مون کي مليو. زندگي ۽ سوسائٽي ڏانهن روين ۾ هڪٻئي کان بنهہ مختلف هئڻ جي باوجود لڇمڻ ۽ مان سٺ سالن کان هڪٻئي جي ساهہ ۾ رهياسين. لڇمڻ ٽن W جو شيدائي ۽ مان ٽن W جو متنفر معنيٰ انڪاري. لڇمڻ کي ٽن W ۾ ڀرپور زندگي لڳندي هئي. مان ٽن W کي انسان لاءِ ذاتي غلاميءَ جا زنجير سمجهندو آهيان جن کي ڳچيءَ ۾ وجهي انسان شخصي آزاديءَ کان محروم ٿي ويندو آهي. شخصي آزاديءَ کان اتاهون، مٿاهون منهنجي لاءِ ڪجهہ بہ نہ آهي. ٽي ڊبليو (Three Ws) مان مراد آهي: Women, Wine and Wealth ڳجهو ۽ مخفي مطلب آهي. جنسي حوس، شراب ۽ مايا. اِهي ٽيئي عنصر انسان جي شخصي آزاديءَ جا ازلي دشمن آهن. ٽيئي عنصر ڪوريئڙي جو ڄار آهن. جيڪو ڦاٿو،

سو مُئي پڇاڙان نہ نڪتو. ٽيئي عنصر اصل ۾ زنجير آهن. جڪڙي وجهندا آهن. ٻيو ڪجهہ ڪسين يا نہ ڪسين، اِهي ٽي عنصر انسان کان سندس شخصي آزادي ڪسي ڪيس غلام ڪري وجهندا آهن. جوانيءَ ۾ پير پائڻ کان گهڻو اڳ مونکي پنهنجي وجود ۾ ويٺل شخصي آزاديءَ جي ڪُڙڪ پئجي ويئي هئي. آگاهيءَ کان پوءِ راز ۽ رمزن جي پروڙ پوڻ شروع ٿيندي آهي. اسڪول کان پوءِ ڪاليج، ڪاليج کان پوءِ يونيورسٽيءَ تائين پهچندي پهچندي مون محسوس ڪري ورتو هو تہ منهنجي ڪل ڪائنات جو مرڪز ۽ محور منهنجي شخصي آزاديءَ تي بيٺل هو. مون تڏهن کان تمام سختيءَ سان پنهنجي شخصي آزاديءَ جي حفاظت ڪئي آهي. ٽي ڊبليو (Three Ws) منهنجي زندگيءَ ۾ ترجيتري بہ جاءِ والاري نہ سگهيا آهن. لڇمڻ ڪومل ٽنهي ڊبليوز (Three Ws) جو متوالو هو بلڪ مجبور ۽ لاچار هو. ٽن ڊبليوز طرف هڪٻئي کان بلڪل مختلف رويا رکڻ سبب لڇمڻ مون سان ايترو گهرو ٿي نہ سگهيو جيترو گهرو هو سنڌ ۾ انهن ماڻهن سان هوندو هو جن جي لاءِ هو سوٽ ڪيس ۾ شراب جون بوتلون ڀري ايندو هو.

لڇمڻ کي مون مان عجيب قسم جو ڀوءُ ٿيندو هو. شايد منهنجي شڪل شبيهہ ۽ ڏيک ويک سبب هو مونکي جن ڀوت يا ٻي ڪا مخلوق سمجهندو هو. اسان جو تعلق انگريزي ادب بابت ڪتابن ۽ راين سان ٻڌل هو. اسهڻ کان اڳ لڇمڻ مونکي هڪ عاليشان ڪتاب موڪليو هو. The Monk Who Sold his Ferrari ان کان اڳ موڪليو هئائين. An Autobiography of an Unknown Indian. اسان ٻنهي جي وچ ۾ هڪ تعلق چوٿين ڊبليو W سبب بہ هو. چوٿين ڊبليو مان منهنجي مراد آهي Worship، بندگي. مونکي خبر ڪونهي تہ لڇمڻ بندگي چو نہ ڪندو هو. پر مونکي خبر آهي تہ مان بندگي چو نہ ڪندو آهيان. سٺ سالن جو ساٿ پڇاڙيءَ تي پهتو. منهنجي وجود جي هڪ حصي ساهہ ڪڍڻ ڇڏي ڏنو.

16.3.2015

# ٻرامڻ جي دنيا

اسان سڀيئي پنهنجي پنهنجي وجود ۾ مختلف لاڙا، رجحان، جهڪاو ۽ طبعي ميلان کڻي پيدا ٿيندا آهيون. سڌريل ملڪن ۽ معاشرن ۾ ٻار جي قدرتي صلاحيتن کي باريڪ بينيءَ سان ڏٺو ويندو آهي. سندس صلاحيتن کي نکرڻ لاءِ مڪمل ماحول ميسر ڪيو ويندو آهي. سندس رجحانن آڏو ڪنهن به قسم جي رنڊڪ نه وڌي ويندي آهي. ان جي برعڪس، ان جي ابتڙ اسان جي ملڪ ۽ معاشري ۾ ٻارن جي قدرتي صلاحيتن جي ٽڙڻ، ٻهڪڻ ۽ نشونما لاءِ سازگار ماحول ايڪويهين صديءَ ۾ به پيدا ٿي نه سگهيو آهي. اسان جي ملڪ ۽ معاشري ۾ ٻار جي آئيندي جو دارومدار سندس قدرتي صلاحيتن مطابق نه هوندو آهي. ٻار جي مستقبل جو فيصلو ماءُ پيءُ ڪندا آهن. ماءُ پيءُ طئي ڪندا آهن ته سندن ٻار انجنيئر ٿيندو، ڊاڪٽر ٿيندو، مالياتي ماهر ٿيندو. يا چٽاڀيٽي جو امتحان ڏيئي ڪمشنر، آءِ جي، انڪم ٽيڪس ڪمشنر، يا ڪسٽم ڪليڪٽر ٿيندو— يا فوج ۾ ويندو. جيڪڏهن فوج ۾ ويندو ته ڇا آرميءَ ۾ ويندو، نيويءَ ۾ ويندو، يا ايئر فورس ۾ ويندو! اِن قسم جا فيصلا اسان جي معاشري ۾ ماءُ پيءُ ڪندا آهن. پر، اسان جهڙي دقيانوسي ملڪ ۽ معاشري ۾ ڪي ڪي فيمليون اهڙيون هونديون آهن جيڪي ٻار جي پيدائشي، قدرتي ذات آڏو نه اينديون آهن. اهڙيون فيمليون سندس راهه ۾ رنڊڪ نه وجهنديون آهن. ها، ماءُ پيءُ ايترو سو ضرور ڪندا آهن جو ڪيس رحجان مطابق وک کڻڻ کان اڳ ان ڪيتر ۾ مُروج ماحول ۽ حالتن کان آگاهه ڪري ڇڏيندا آهن.

پڪي پختي تاريخ مون کي ياد نه آهي. اٺويهه سئو سٺ ايڪهٺ جو زمانو هو. مان ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ايم اي ايڪنامڪس جو شاگرد

هوس. فيڪلٽيز ڪراچي يونيورسٽيءَ جي ڪرڪيٽ ٽيم جو ڪيپٽن هوس. ايوب خان جي مارشل لا خلاف شاگردن جي ويڙهه ۾ ڀرپور حصو وٺندو هوس. پاڪستان چوڪ ڪان گرومندر تائين قانون نافذ ڪرڻ وارين منفي قوتن سان دوبدو جهڙپون روزانو دستور تي پيو هو ان دور ۾ شاگردن جون فقط ٻه تنظيمون هونديون هيون. هڪ جميعت طلبا، ۽ ٻي هئي، نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن. جميعت طلبا جماعت اسلامي جي نظرداريءَ ۾ سندن هدايتن مطابق ڪم ڪندي هئي. نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن ترقي پسند شاگردن جي تنظيم هئي. سندن لاڙو روس طرف هوندو هو. تنهنڪري، نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن کي ڪميونسٽن، دهرين، ۽ ملحدن جي تنظيم سمجهيو ويندو هو. منهنجو تعلق نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن سان هوندو هو.

هڪ شام نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي ڪلچرل ونگ جو انچارج احمد ظهير مون سان گهر ملڻ آيو. هن سان گڏ عجيب ڏيک ويک وارو شخص گڏ هيو. ٻنهي کي وٺي وڃي بارنيس اسٽريٽ تي واقع يڏداني ريسٽورنٽ ۾ ويهاريم، يا گهر جي اوطاق ۾ ويهاريم. ٺيڪ سان ياد نه ٿو اچي. چانهن پيئندي ۽ ڪارا بسڪٽ کائيندي احمد ظهير اجنبيءَ جو مون سان تعارف ڪرايو. اجنبيءَ جي جيتري جسامت هئي، ان کان وڌيڪ ۽ وڏا سندس مٿي جا وار هئا. نالو هئس، اقبال اي خان. پاڪستان ٿيٽرس نالي هڪ اداري جو ايگزيڪٽوِ ڊائريڪٽر هو. آواز ۽ سندس لهجو ڪنهن ريڊيو آرٽسٽ جهڙو هو. ڪرشن چندر جي هڪ افساني تي مبني اسٽيج ڊرامو "سائبان کے نيچے" ڪرڻ جي آخري تيارين ۾ هو. هڪ ڪردار کان سواءِ هن ڊرامي لاءِ سموري ڪاسٽ چونڊي ورتي هئي. ڪين ڊرامي جي اسڪرپٽ ٻه ڏيئي ڇڏي هئائين. معاملو هڪ ڪردار جي چونڊ تي اٽڪي بيهي رهيو هو. انيڪ آرٽسٽن سان ملي چڪو هو. پر، مخصوص ڪردار لاءِ ڪيس ڪوبه آرٽسٽ مناسب نه لڳو هو. بمبئي جي آواره منش، توائي، ۽ دنيا کان رنل هڪ نوجوان جو ڪردار هو. احمد ظهير ڪلي ڪجهه هن طرح چيو هو "اِهي صفتون مون تو ۾ ڏٺيون آهن. اقبال اي خان اسان جو ڀاڙيسري آهي. مان ڪيس فقط ان لاءِ تو وٽ وٺي آيو آهيان ته جيئن پنهنجي ڊرامي جو ڪردار

پُنهنجين اکين سان ڏسي سگهي- جيئرو، جاڳندو، هوبهو ڪرشن چندر جي خلقيل ڪردار جهڙو!"

ان دوران اقبال اي خان مون مان اک نہ ڪڍي. ميز جي ماربل ٽاپ تي رکيل منهنجي هٿ تي پنهنجو هٿ رکندي ڪجهہ هن طرح چيو هئائين: توهان جي باري ۾ احمد ظهير مونکي سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيو آهي. اوهان جو ايم (Aim) پروفيشنل ڪرڪيٽر ٿيڻ آهي. مان اهان جي مقصد جو قدر ڪريان ٿو. اوهان مون تي احسان ڪريو. ڊرامي جو ڪردار قبول ڪريو. مون اسڪرپٽ جي ڪاپي بہ آندي آهي.

منهنجي ٻئي هٿ تي احمد ظهير پنهنجو هٿ رکي ڇڏيو. جڻ چوندو هجي- يار انڪار نہ ڪجانءِ. احمد ظهير ڪراچي يونيورسٽي جي ايڪنامڪس ڊپارٽمينٽ ۾ منهنجو ڪلاس ميٽ هوندو هو. ايوب خان خلاف هلندڙ جنگ ۾ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن سان وابستہ شاگرد هڪ مٺ وانگر هوندا هئاسين. مون هاڪار ڪري ڇڏي. اقبال اي خان ڊرامي "سائبان کے نيچے" جي اسڪرپٽ مون کي ڏيئي ڇڏي.

مان اسڪرپٽ کڻي گهر ايس. اسڪرپٽ پڙهندي ان رات مون کي اين جي وي هاءِ اسڪول وارو دور دل تي تري آيو. سائين عبدالعلي قلباڻي اسان کي سنڌي پڙهائيندو هو. سندس پڙهائڻ جو طريقو ڏاڍو دلڪش هوندو هو. شاهہ لطيف جا بيت پڙهائيندي ۽ سمجهائيندي ڪٿان ڪان ڪٿي وڃي نڪرندو هو. اسان کي وحدت الوجود جون ڳجهيون ڳالهيون ذهن نشين ڪرائڻ لاءِ اڪثر شاهہ جي رسالي مان سورمين تي مبني ننڍا ننڍا ڊراما ڪرائيندو هو- ڪڏهن نوري ڄام تماچي، ڪڏهن سسئي پنهون، ڪڏهن سهڻي ميهار، ڪڏهن ليلا چنيسر، ۽ ڪڏهن عمر مارئي. اين جي وي هاءِ اسڪول ۾ ورهاڱي کان اڳ ڪو ايجوڪيشن سسٽم هلندو هو. ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا گڏ پڙهندا هئا. ورهاڱي کان پوءِ ڪيترن سالن تائين اهو سلسلو جاري رهيو هو. سائين عبدالعلي قلباڻي عورتن جا ڪردار ڇوڪرين کان، ۽ مردن جا ڪردار ڇوڪرن کان ڪرائيندو هو. تڏهن هن ڪافي ڊرامن ۾ مون کان بہ ڪم ڪرايو هو. خاص ڪري تڏهن جڏهن ڪرڪيٽ ٽورناميٽن

جي موسم نہ هوندي هئي، ۽ مان پابنديءَ سان ڪلاس ۾ ايندو هوس.

اسڪول جي فليش بيڪ جي ڏارا مون کي پوئتي وٺي ويئي. بال اوستا، يعني ننڍپڻ جو دور اڪين آڏو اچي بيٺو. ورهاڱي کان اڳ وارو سمو هو. سعيد منزل پرسان اسان جي گهر کان سڌ پنڌ تي هيون سينيمائون. تاج محل سينيما، پلازا سينيما، ريگل سينيما، اسپيريل سينيما، ميجسٽڪ سينيما ۽ هڪ ٿيٽر. ايلائيٽ. بابا سان گڏ ڏٺل فلمن مان مونکي ٻہ فلمون چٽي طرح ياد آهن. هڪ فلم جو نالو هو **قسمت**، ۽ ٻي فلم جو نالو هو **شڪنتلا**. پر، ايلائيٽ ٿيٽر ۾ ڏٺل ڏرمي ڊرامن جا پاڇولا ۽ پرڇايون مون کي اڄ بہ نظر اينديون آهن. مان ايڏي تہ غور سان فلمون ۽ ڊراما ڏسندو هوس جو فطري طرح اسڪرپٽ جو حصو ٿي ويندو هوس. مونتي عجيب قسم جي ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي. اها منهنجي جبلت هئي. فطري عمل هو. اندر ۾ مونکي وڏو تحرڪ محسوس ٿيندو هو. مون کي لڳندو هو، مان ڄڻ ان سموري تخليقي عمل جو حصو آهيان، يا اِن عمل ۾ ڀاڱي ڀائيوار آهيان. يا سموري تخليقي عمل جو مون سان ڪو گهرو تعلق هو. وقت گذرڻ سان گڏ اِن انوکي ڪيفيت جون پاڙون منهنجي وجود ۾ پختيون ٿينديون ويون. تان جو منهنجي روح جو حصو ٿي ويون. آرٽ سان مڪمل وابستگي شعوري طور يا لاشعوري طور منهنجي زندگيءَ تي ڇانئجي ويئي. آرٽ جي تشريح ۾ پينٽنگ، مجسمہ سازي، موسيقي، ۽ تخليقي ادب آرٽ جون مختلف صورتون ۽ اظهار جو انداز آهن. هينئر جڏهن مان اسي ورهين جي عمر کي اچي پهتو آهيان تڏهن بہ آرٽ سان منهنجي روحاني وابستگي آهي. مان پڙهان، لکان، موسيقي ٻڌان، آرٽ گيلريءَ ۾ پينٽنگز ۽ مجسمہ ڏسان، ان عمل ۾ مان مڪمل طرح غرق ٿي ويندو آهيان. تنهنڪري، آرٽ منهنجي لاءِ اڪيلائي جو ادراڪ آهي. تخليقي عمل آهي.

خليل جبران ۽ رابندر ناٿ ٽيگور جهڙي ذات هر ڪنهن کي نہ ملندي آهي. جبران پينٽنگ ڪندو هو، لکندو هو. رابندر ناٿ ٽيگور نثر ۽ نظم لکندو هو. اسٽيج ڊراما لکندو هو. ڊرامن ۾ ڪم ڪندو هو. ڊرامن جي ڊائريڪشن ڏيندو هو. موسيقار هو. اهڙي ذات ورلي ملندي آهي. مون

جهڙا معمولي ماڻهو آرٽ جي ڪنهن هڪ وصف کي اظهار جو ذريعو ڪري سگهندا آهن. لکڻ منهنجي لاءِ اپٽار جي اوسر ۽ بنياد آهي. مون کي موسيقيءَ سان عشق آهي. پر، مان موسيقار ٿي نه سگهيس.

پاڪستان ٿيٽرس جي ڊرامي **"سائبان کے نیچے"** ۾ ڪم ڪرڻ کان پوءِ مون سندن ٻئي ڊرامي **"ایک کمہار سب کھلونے"** ۾ ڪم ڪيو. ان دوران ڪاٻي ڌر جي شاگردن نيشنل ٿيٽرس جي نالي سان تنظيم ناهي ورتي. اِها ڳالهه اٺويهه سئو ايڪهٺ ۾ ٻاهٺ جي آهي. نيشنل ٿيٽرس لاءِ مون اردوءَ ۾ ڊرامو لکيو **"انسان"** مون ڊرامي ۾ ڪم ڪيو هو، ۽ ڊرامي جي ڊائريڪشن به ڏني هيم.

اسان دوستن يونيورسٽيءَ مان ڊگري وٺي عملي زندگيءَ ۾ قدم رکيو. وقت کي پرَ لڳي ويا. اک ڇنڀ ۾ ورهيه وهامي ويا. ڪرڪيٽ راند پهرين پيار وانگر سِرَ تي سوار رهي، ۽ اڄ تائين سوار آهي. باقي اسٽيج ڊراما، ٿيٽر ۽ يونيورسٽيءَ جا دوست ڪک پن ٿي ويا، منتشر ٿي ويا. واچوڙن واري دور ۾ مون سمورن خدائن کي خيرآباد ڪيو ۽ ادب جي بارگاهه ۾ هميشه لاءِ سِرُ جهڪائي ڇڏيو. ڪهاڻي ڪيتر ۾ ڳالهائيندڙ ٻولهائيندڙ ڪردارن جون ڪهاڻيون لکيم. اٺويهه سئو ڇاهٺ ۾ ريڊيو پاڪستان ۾ وڃي نوڪري ڪيم. عبدالڪريم بلوچ اُن سمي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي پروڊيوسر هوندو هو. هن مون کان پهريون ريڊيو ڊرامو لکرايو **"درياهه توتي دانهن"**. سن هو اٺويهه سئو سٺهٺ. سٺٽ ئي عبدالڪريم بلوچ ريڊيو پاڪستان ڇڏي، پاڪستان ٽيليويزن ۾ وڃي پروڊيوسر ٿيو جتان آخر ۾ جنرل مينيجر ٿي رٽائر ٿيو هو. اٺويهه سئو انهٺ ڌاري عبدالڪريم بلوچ مون کان ٽيليويزن لاءِ پهريون اردو ڊرامو **"سفر زندگی کا"** لکرايو. ان ڊرامي ۾ منظور قريشي هيرو جي رول ۾ پهريون دفعو متعارف ٿيو هو. ايڏو عاليشان پرفارمنس ڏنو هئائين جو ڏسنديئي ڏسندي پاڪستان ٽيليويزن جي ڊرامن تي ڇانئجي ويو هو. ڪجهه مهينن کان پوءِ عبدالڪريم بلوچ مون کان سنڌيءَ ۾ ڊرامو لکرايو هو **"ماءُ"**. ڊرامو ايڏو ته هٽ ٿيو جو پاڪستان ٽيليويزن جي سمورن سينٽرن تان بار بار ڏيکاريو ويو. اِهو عبدالڪريم جي پروڊڪشن ۽ ڊائريڪشن جو ڪمال هو. ڊرامي کي "رول

آف آنر" لاءِ منتخب ڪيو ويو هو. اهڙي طرح عبدالڪريم بلوچ منهنجي ڀهرين سنڌي ريڊيو ڊرامي، ڀهرين سنڌي ٽيليويزن ڊرامي ۽ ڀهرين اردو ٽيليويزن ڊرامي جو پروڊيوسر ۽ ڊائريڪٽر هو. هڪ ٻن سالن کان پوءِ مون پاڪستان ٽيليويزن لاءِ "ماءُ" ڊرامي تي مبني پندرهن قسطن واري اردو سيريل "ڀهنور" لکي هئي. سيريل جي مرڪزي ڪردار ۾ ايوب کوسي ڪمال پرفارمنس ڏني هئي. اٺ ڏهه سال اڳ هڪ پرائيويٽ پروڊڪشن لاءِ مون اردو سوپ سيريل لکي هئي، "ميرے دل ميرے مسافر". پي ٽي وي ڪراچيءَ تان هلي هئي. ان ڊرامي جو ٽائيٽل گيت، ۽ گيت جي ڌن مون ناهي هئي. پنجيتاليهه قسطون هلڻ کان پوءِ پروڊيوسرن ۽ اداڪارن ۾ ڏقير سبب سيريل بنا پڄاڻيءَ جي ختم ٿي ويئي. ڪتابن ۽ ڪهاڻين تي پيل پابندين سبب سرڪار جي حساس ادارن پندرهن سورهن سال مونکي ٽيليويزن لاءِ آزاديءَ سان لکڻ جي ڇوٽ نه ڏني هئي. هڪ دفعي هلندڙ سيريز جي ستن اٺن قسطن کان پوءِ خفيه ادارن پاڪستان ٽيليويزن وارن تي زور وڌو ته سيريز بند ڪريو يا سيريز جو ليڪڪ مٽايو. سيريز جو نالو "گهروندے" هو. پي ٽي وي جي اسلام آباد سينٽر تان هلي هئي. ڊائريڪٽر هو اقبال انصاري، تنهن تڏهن تازو شادي ڪئي هئي. سندس گهرواري اڳتي هلي بشري انصاريءَ جي نالي سان مشهور ٿي هئي. اقبال انصاري تمام سنو ڊائريڪٽر هوندو هو. سيريز يا سيريل جون گهٽ ۾ گهٽ چار پنج قسطون اڳواٽ رڪارڊ ڪري ڇڏيندو هو. جڏهن سرڪار سڳوريءَ بندش وڌي تڏهن اقبال انصاري مون سان صلاح ڪئي. اڳ رڪارڊ ٿيل سيريز جون چار قسطون اوپن يونيورسٽيءَ ۾ منهنجي ڪليگ رضيه عباس جي نالي ۾ ٽيليڪاسٽ ٿيون هيون. اهڙي طرح هڪ سيريل تي به سرڪار سڳوريءَ جي حساس ادارن اعتراض ڪيو هو. سيريل جو نالو شايد زيست هوا تيرهن قسطن واري سيريل نائين قسط تي بند ڪرائي ڇڏي هئائون. ان جي باوجود ان سيريل کي اسلام آباد ٽيليويزن سينٽر تان 1991 کان 2000 تائين ڏهن سالن دوران ٽيليڪاسٽ ٿيل سيريلز ۾ Best Serial of the Decade (ڏهن سالن جي بهترين سيريل) جو ايوارڊ مليو هو.

پنهنجي ادبي وابستگيءَ مان وقت ڪڍي مان ٽيليويزن لاءِ ڊراما ۽

سيريل لکندو هوس. هڪ حقيقت سمجهڻ ۾ مونکي ٽيهه سال لڳي ويا ته ٽيليويزن ۽ ريڊيو لاءِ لکڻ هوائي ڪم آهي. اليڪٽرانڪ ميڊيا لاءِ لکڻ جو سنجيده ادب سان ڪو تعلق ڪونهي. جيڪڏهن ائين نه هجي ها ته اڄ اردو ادب ۾ سيني ڪان وڏيڪ نامور مصنف حسينه معين هجي ها جنهن جي شهرت ٽيليويزن ڊرامن جي ڪري آهي. هن نه لکيا افسانا ۽ نه لکيا ناول. هونءَ به تخليقي ادب اڪيلي سر، هيڪلاين ۾ لکبو آهي. ان جي ابتڙ ٽيليويزن ۽ ريڊيو ڊرامو هڪ سڄي سموري ٽيم ذريعي ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙن تائين پهچندو آهي. ان ٽيم ۾ ليکڪ کان علاوه شامل هوندا آهن. پروڊيوسر، ڊائريڪٽر، ڪيميرامين، لائيٽنگ انجنيئر، سائونڊ رڪارڊسٽ، سيٽ ڊزائينر، ايڊيٽر، ميڪ اپ آرٽسٽ، ايڪٽر، اسپيشل افيڪٽس مين، ميوزڪ ڊائريڪٽر ۽ ٻيا انيڪ ڪم ڪندڙ. هڪ ڪهاڻيڪار ۽ ناولسٽ فقط هڪ پبلشر معرفت پنهنجن پڙهندڙن تائين پهچي سگهندو آهي.

پڇتاءُ زندگيءَ جو حصو هوندا آهن. ڪي پڇتاءُ وسري ويندا آهن. ڪي پڇتاءُ سڄي جمار پيڇو ڪندا آهن. عمر جي آخري حصي ۾ ڪي ڪي پڇتاءُ ماري وجهندا آهن. انهن پڇتاون جو ازالو ٿي نه سگهندو آهي. هونءَ به زندگي جي وڊيو رڪارڊنگ نه ٿيندي آهي جو پڇاڙيءَ ۾ ايڊيٽنگ روم ۾ ويهي، زندگيءَ جو وڊيو هلائي، اٽوٽندڙ ۽ پڇتاءَ جو سبب ٿي پوندڙ زندگيءَ جا اوڀ ل ايڊٽ ڪري ڪڍي ڇڏجن! پڇتاون ڪي پوڳٽو پوندو آهي. مون زندگيءَ جا سڄا سمورا ٽيهه پنجٽيهه سال، سي به ڀرپور جوانيءَ وارا سال، مون ٽيليويزن ڊرامن جي نذر ڪري ڇڏيا. ڏاڍو پڇتاءُ آهي. اهڙا اهڙا موضوع مون ٽيليويزن سيريل ۽ سيريز ۾ ضايع ڪري ڇڏيا جن تي هوند ناول ۽ انيڪ ڪهاڻيون لکي سگهجن ها. ٽيهه پنجٽيهه سال ڪو معمولي عرصو نه آهي. غلطي ۽ گناهه ڪرڻ مهل ماڻهوءَ کي غلطي ۽ گناهه سرزد ڪرڻ کان پوءِ روح کي ملندڙ عذاب ۽ پڇتاءَ جي خبر نه پوندي آهي. مون کي ڏاڍو ڏک آهي پنهنجي زندگيءَ جا ٽيهه پنجٽيهه سال ضايع ڪرڻ جو.

26.6.2015

# رڪارڊ درست رهڻ گهرجي

منهنجي لاءِ دنيا ۾ اجا ڏهه ڏاڍو ڳاڙهو بچيل آهي. اجا ڪجهه ساهه پاڇيءَ ۾ پيا آهن. اجا ڪجهه ساهه مونکي هن دنيا ۾ ڪٽڻا آهن. تنهنڪري جڳ جهان ۾ اجا تائين ٻيڙو آهيان. اڄوڪي آتم ڪٿا ۾ مان اهڙن محققن، دانشورن، عالمن، اديبن ۽ علم جي پيڊارن جو ذڪر ڪندس جن ڪي جڏهن ڪنهن ليکڪ، شاعر، ڪهاڻيڪار جي باري ۾ لکڻ لاءِ چئبو آهي تڏهن هڪدم بسم الله ڪري قلم ڪاڳر ڪڻي ويهي رهندا آهن، ۽ مضمون پورو ڪري اُٿندا آهن ۽ آرس موڙيندا آهن. هنن اڄ تائين ٻين ليکڪن جي باري ۾ ڇا لکيو آهي، ان سان منهنجو ڪو واسطو نه آهي. هنن منهنجي باري ۾ جيڪي ڪجهه لکيو آهي، جيڪا ڄاڻ ۽ آگاهي اوهان تائين پهچائي آهي، ان باري ۾ مونکي ڪجهه لکڻو آهي. ڪجهه ڳالهائڻو آهي. ايئن ڪرڻ ڪان اڳ، جيڪڏهن مري ويس ته سمجهاڻي ڏيڻ لاءِ مونکي ٻيو جنم وٺڻو پوندو. مونکي موٽي اچڻو پوندو.

مون لکڻ کي ڪڏهن به تفريحي مشغلو واندڪائيءَ جي وندر، ۽ شوق نه سمجهيو آهي، ۽ نه ئي محسوس ڪيو آهي. لکڻ منهنجي وجود ۾، منهنجي شعور ۾، منهنجي لاشعور ۾ ائين هلندو رهندو آهي، جيئن سيني ۾ ساهه کڄڻ، دل جو ڌڙڪڻ، ۽ دماغ ۾ سوچن جي سهسين سجن جو لهڻ ۽ چڙهڻ ـ آتش فشائن جو سمهڻ ۽ جاڳڻ ـ موسمن جو اچڻ ۽ وڃڻ. مان بنيادي طرح پڙهندڙن جو ليکڪ آهيان، جيڪي منهنجا ڪتاب خريد ڪندا آهن، خريد ڪري منهنجا ڪتاب پڙهندا آهن. دانشور ۽ محقق منهنجي باري ۾ متضاد ڳالهيون لکي منهنجن سنجيده پڙهندڙن کي منجهائي وجهندا آهن.

تنهن ڪري، مون لازمي سمجهيو آهي تہ آتم ڪٿا جو هڪ اهڙو باب لکان جنهن ۾ دانشورن ۽ محققن پاران پيدا ڪيل غلطفهميون ۽ مونجهارا دور ڪريان. مان ڪنهن جو بہ نالو ڪٿي ڪجهہ نہ لکندس سواءِ هڪ شخص جي. مون کي هنن لاءِ بي انتها عزت ۽ احترام آهي. مونکي هنن جي نيت تي ڪنهن قسم جو شڪ نہ آهي. هنن هِتان هُتان بڌل ڳالهين تي اعتبار ڪندي منهنجي باري ۾ لکيو آهي.

آتم ڪٿا جي هن قسط ۾ سمجهاڻي طور مان جيڪي ڪجهہ لکي رهيو آهيان، سو سڀ ڪجهہ آتم ڪٿا جي مختلف بابن ۾ لکي چڪو آهيان. پر، ڇا ڪجي. دانشور ۽ محقق تمام مصروف رهندا آهن ۽ اُن ليکڪ کي ڪڏهن ڪونہ پڙهندا آهن جنهن جي باري ۾ کين لکڻ لاءِ چيو ويندو آهي. هو ڪنهن بہ ليکڪ جي باري ۾ لکڻ کي ذاتي هٿ جو ڪم سمجهندا آهن. نتيجو اِهو نڪرندو آهي جو نقاد ۽ محقق ۽ دانشور ليکڪ کي پنهنجي پسند جو جنم سال ڏيئي ڇڏيندا آهن. کيس پنهنجي پسند جي اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائيندا آهن. کيس پنهنجي پسند جون نوڪريون ڪرائيندا آهن. کيس پنهنجي پسند جي مصيبت ۾ مبتلا ڪندا آهن. کيس طرحين طرحين جي تڪليفن ۾ ڦاٿل ڏيکاريندا آهن. مطلب تہ جيڪا جٽ کين وڻندي آهي، ليکڪ سان منسوب ڪندا آهن. تنهنڪري، اجوڪي آتم ڪٿا مون پنهنجن پڙهندڙن لاءِ لکي آهي جيڪي منهنجا ڪتاب خريد ڪندا آهن ۽ مونکي پڙهندا آهن. غور سان پڙهندا آهن. دانشور ۽ ڏاها بہ آتم ڪٿا جي هيءَ قسط سنڀالي رکن. منهنجي مرڻ کان پوءِ منهنجي باري ۾ لکڻ لاءِ کين مستند معلومات ملندي.

1. **جنم:** هڪ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جي هيڊ آف دي ڊپارٽمينٽ مون بابت پنهنجي ليک ۾ لکيو هو تہ امر جليل 1930 ۾ ڄائو هو. عرض ڪري چڪو آهيان تہ مان ٻي مهاڀاري جنگ يعني ورلڊ وار شروع ٿيڻ کان ٽي سال اڳ اٺويهہ سئو ڇهہ تيهن 1936 ۾ پيدا ٿيو هوس. مطلب تہ ٻي مهاڀاري جنگ 1939 ۾ شروع ٿي هئي. مان 1936 ۾ ڄائو هوس. تاريخ هئي، اُنيهن نومبر.

2. **جنم جو هنڌ:** مان روهڙيءَ ۾ ڄائو هوس. امان کي ويم مڊوائيف رام پياريءَ ڪرايو هو. مان اِسٽل Still يعني بنا چرپر ۽ ساهه کڻڻ جي پيدا ٿيو هوس. چون ٿا تہ رام پياريءَ مونکي پيرن کان جهلي، ابتو لٽڪائي، پنيءَ ۾ چُٽڙن تي بہ چار چنبا هنيا هئا. مان اوچتو ٻاڱها ڦاڙي روئي پيو هوس. مان نپيو درويش صوفياڻيءَ جي پيٽ ۾ هوس. مونکي ڄڻايو هو رام پياريءَ. تنهن ڪري، اڳتي هلي مان رام پيارو ٿي پيس. اڃا تائين رام پيارو آهيان، پر گوتم جو گياني، گوتم جو ڀڪشو ٿي پيو آهيان. پر، ڪريل.

3. **ڪٿي پڙهيم:** مون پرائمري تعليم رتن تلاءَ پرائمري اسڪول، ٽيمپل روڊ ڪراچيءَ مان حاصل ڪئي هئي ـ اٺويهہ سئو ٻائيتاليهن کان اٺويهہ سئو ڇاهيتاليهن تائين (1946 – 1942). منهنجي سوچ، منهنجي سمجهہ، منهنجن عقيدن ۽ اعتقادن جو پختو بنياد رتن تلاءَ پرائمري اسڪول ۾ پيو هو. روزانو صبح جو اسيمبلي لڳندي هئي. اسيمبليءَ ۾ اسين بہ ترانا ڳائيندا هئاسين ـ هڪ ترانو علامہ اقبال جو: سارے جهان سے اچها هندستان همارہ ـ ۽ ٻيو ترانو هوندو هو رابندرناٿ ٽيگور جو: جن من گن، اڌينايڪ جيہ هي، ڀارت ڀاڳيہ وڌاتا. تراني کان پوءِ هيڊ ماستر ترنگو جهنڊو چاڙهيندو هو. ان کان پوءِ قطارن ۾ بيٺل اسين ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون پنهنجي پنهنجي ڪلاس طرف وڌي ويندا هئاسين. اٺويهہ سئو سنيتاليهن ۾ فسادن دوران رتن تلاءَ اسڪول کي وڳوڙين باهہ ڏني هئي. اها باهہ مون لڳل ڏٺي هئي. درن، دريون ۽ بالڪونين مان اُلاءُ آسمان طرف اڀري رهيا هئا. فائر برگيڊ وارن باهہ وسائي ڇڏي هئي. پر، رتن تلاءَ اسڪول کي لڳل باهہ اڄ تائين منهنجي وجود ۾ وسامي نہ سگهي آهي.

بہ هزار ڏهن، 2010، ۾ عمر ٽريولز لنڊن وارن مون کان ڪراچيءَ متعلق هڪ ڊاڪيومينٽري لکائي ۽ اينڪر ڪرائي هئي. ڊاڪيومينٽريءَ جو نالو هو My Vanishing Karachi تڏهن، رتن تلاءَ اسڪول جي وڊيو رڪارڊنگ ڪندي، منهنجي نگاهہ اسڪول جي ٻاهرين ديوار تي، تمام مٽي، سيمينٽ ۽ پٿر ۾ اُڪريل بن ترنگي جهنڊن ۽ وچ ۾ مها آتما گانڌيءَ

جي چرخي تي پيئي هئي. اصلي حالت ۾ جهنبا ۽ چرخو ڏسي مان عجب ۾ پئجي ويو هوس. رڪارڊنگ دوران اسڪول جي باري ۾ ڳالهائيندي ڳالهائيندي مان روئي پيس. مون بنيادي، پرائمري تعليم رتن تلاءُ اسڪول مان حاصل ڪئي هئي. منهنجو عاليشان اسڪول تمام بُري حالت ۾ آهي.

4. **ميٽرڪ کان اڳتي:** مون اٺويهه سئو تيونجاهه 1953 ۾ اين جي وي هاءِ اسڪول ڪراچيءَ مان ميٽرڪ پاس ڪئي هئي. فرسٽ ايئر ڊي جي سائنس ڪاليج مان ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي ضدي طبيعت سبب مونکي گهر ڇڏي نوابشاهه وڃڻو پيو هو. ان ڳالهه جو تفصيلي ذڪر مون اڳ شايع ٿيل آتم ڪٿا جي بابن ۾ ڪيو آهي. نوابشاهه جي گورنمينٽ ڪاليج مان انٽر ڪيم ۽ اڻويهه سئو اٺونجاهه 1958 ۾ بي اي ڪرڻ کان پوءِ مان موٽي پنهنجي گهر ڪراچيءَ ويس ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ وڃي داخلا ورتم. اتان اڻويهه سو ايڪهٺ ۾ اقتصاديات Economics ۾ ايم اي ڪيم.

5. **نوڪريون:** ايڪنامڪ افيئرس ڊويزن اسلام آباد جي نظرداريءَ ۾ هلندڙ اقوام متحده UN جي عالمي پروجيڪٽ World Population Growth Estimation ۾ پهرين نوڪري ڪيم (1962). ايوب خان جو دور هو. يونين ڪائونسلن جي وڏيرن سان آمهون سامهون ٿيڻ کان پوءِ مونکي نوڪري بنهه نه وڻي. استعيفا ڏيئي ڇڏيم. ڪراچي موٽي اچڻ کان پوءِ ڏيڍ کن سال پنهنجي عبادتگاهه جهڙي اسڪول. اين جي وي هاءِ اسڪول ۾ پڙهايم. اڻويهه سئو چوهٺ 1964 ۾ Unesco طرفان اخبارن ۾ نوڪرين جا اشتهار ڏنم. ڪراچيءَ ۾ عالمي معيار جو Karachi Milk Scheme نالي ادارو ۽ پلانٽ لڳايو هئائون. مارڪيٽنگ آفيسر طور چونڊجي ويس. اڻويهه سئو ڇاهٺ 1966 ۾ فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن جي چٽاپيٽيءَ ۾ چونڊجي ريڊيو پاڪستان ۾ لسز ريسرچ آفيسر ٿي لڳس. ۽ بعد ۾ پروگرام مينيجر ٿيس. اڻويهه سئو چوهتر 1974 ۾ پروموشن ڏيئي اسلام آباد گهرايائون جتي مون ريڊيو پاڪستان جي ايڪسٽرنل سروسز ۾ بطور اسسٽنٽ ڪنٽرولر ڪم ڪيو. اڻويهه سئو پنجهتر 1975 ۾ نئين کوليل پيپلز اوپن يونيورسٽي جي ميڊيا سينٽر، انسٽيٽيوٽ آف

ايجوڪيشنل ٽيڪنالوجيءَ ۾ بطور ڊائريڪٽر ٽي لڳس. جتان اٺويهه سئو
ڇهانوي 1996 ۾ رٽائر ٿيس. ڪجهه عرصي لاءِ مونکي يونيورسٽيءَ جو
وائيس چانسلر بہ ڪيو هئائون. يونيورسٽي ۾ نوڪريءَ دوران مرڪزي
سرڪار پنهنجي اداري پاڪستان نيشنل ڪائونسل آف آرٽس لاءِ بطور
ڊائريڪٽر جنرل ٽن سالن لاءِ (1989 کان 1991) يونيورسٽيءَ کان
مونکي ڊيپوٽيشن تي گهرائي ورتو هو.

6. **اضافي ذميداريون:** ڪنسلٽنٽ ايشين ڊيولپمينٽ بئنڪ بطور ايجوڪيشنل ٽيڪنالاجسٽ، ڪنسلٽنٽ يونيسڪو UNESCO، ميمبر فيڊرل فلم سينسر بورڊ، اسلام آباد.
7. **سنڌي لينگئج اٿارٽي:** مونکي سنڌي لينگئج اٿارٽيءَ ۾ چيئرمين ٿيڻ لاءِ آڇ ڪئي هئائون. سنڌ سرڪار اپائنٽمنٽ آرڊر ڪڍي اسلام آباد موڪليو هو. مان سنڌيءَ ۾ لکندو آهيان، پر سنڌي منهنجو سبجيڪٽ نہ آهي. مان سنڌي ٻوليءَ جو ماهر نہ آهيان. مون آڇ قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. مون هڪ ڏينهن بہ سنڌي لينگئج اٿارٽيءَ ۾ نوڪري نہ ڪئي هئي.
8. **مومن بلو جي مضمون ۾ چڪن جي درستگي:** مومن بلو سرڪاري پروجيڪٽ تحت سنڌ جي مختلف شهرن بابت تصويري تاريخون لکندو آهي. هن منهنجي باري ۾ مضمون چو لکيو سو بہ انگريزيءَ ۾. ۽ لاهور جي هفتيوار فرائيڊي ٽائيمس ۾ شايع ڪرايو؟ اهو مضمون پنڌرهن سالن کان پوءِ سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿي مون بابت مضمونن جي ڪتاب نمبر ٻئي "هڪ ليکڪ جو تخليقي سفر 1975 کان 2000"، ۾ شايع ٿيو آهي. مان مڃان ٿو تہ مضمون ڏاڍي پابوهہ ۽ چاهہ سان لکيل آهي. پر مضمون ۾ حقيقتن جي برعڪس غلطيون آهن. تنهن ڪري ضروري آهي تہ مان پنهنجن پڙهندڙن کي اصلي حقيقتن کان آگاهہ ڪريان.

A۔ مون گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد مان گريجوئيشن نہ ڪئي هئي. مون گورنمينٽ ڪاليج نوابشاهہ مان گريجوئيشن ڪئي هئي. مون کي ڪنهن بہ قسم جون مشڪلاتون درپيش نہ آيون هيون.

B۔ سعيد منزل واري گهر کان ڪراچي يونيورسٽي اچڻ وڃڻ ۾ ڪنهن بہ

قسم جي مشڪل نہ هئي. سعيد منزل تان هليل بس اسان کي گرومندر وٽ ڇڏيندي هئي. اتان يونيورسٽيءَ لاءِ پوائنٽ بسون هلنديون هيون. آمدرفت ۽ سواري ڪراچيءَ ۾ جام هوندي هئي. ايم اي ڪرڻ دوران مان ۽ قمر شهباز يونيورسٽي هاسٽل ۾ رهندا هئاسين. اهي ٻہ ابتدائي سال منهنجي زندگيءَ جا عاليشان ۽ يادگار سال هئا. مومن بلي پنهنجي طرفان الاءِ ڪهڙيون ناميديون مون سان ڇنبڙائي ڇڏيون آهن!

C ـ جنگ اخبار لاءِ ڪالم "شهر سے باره ميل پرے" مان نہ ٻيو ڪو لکندو هو. تڏهن منهنجو سڄو ڌيان ٽيسٽ ڪرڪيٽر ٿيڻ تي هوندو هو.

D ـ گورنمينٽ ڪاليج نوابشاهہ ۾ 1956 ڌاري پهريون افسانو "اندرا" مون جليل پريميءَ جي نالي سان لکيو هو. سنت پوءِ قمر شهباز جي نالي پنيان مان امر جليل تي ڪهاڻيون لکڻ لڳس. اِهو سڀ ڪجهہ منهنجي ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ داخلا کان اڳ تي چڪو هو.

E ـ منهنجين نوڪرين بابت مومن بلي غلط معلومات ڏني آهي. آتم ڪٿا جي هن قسط ۾ مون جز 5 ۽ 6 ۾ نوڪرين بابت تنصيل ڏنا آهن.

F ـ ڪهاڻي، "سنڌي گدڙان اسلام آباد". جو موضوع سنڌين کي اسلام آباد ۾ درپيش تڪليفون نہ هو. "سنڌي گدرڙان اسلام آباد" احساس ڪمتريءَ ۾ مبتلا اهڙن سنڌي ڪامورن جي باري ۾ هئي. جيڪي ساهہ ۽ وک ٻہ ڏجي ڏجي کڻندا هئا تہ ڪٿي سندن نااهلي ظاهر نہ ٿي پوي.

G ـ مومن بلي "سرد لاش جو سفر". کي ٻہ پنهنجي مضمون ۾ کنيو آهي. ريڊيو پاڪستان اسلام آباد ڏانهن منهنجي بدلي اڻويهہ سئو چوهتر 1974 ۾ ٿي هئي. ڪنڌڪوٽ وارو وحشي واقعو ڊسمبر اڻويهہ سئو ٻاهتر 1972 ۾ پيش آيو هو. ان واقعي تي مبني ڪهاڻي مون اڻويهہ سئو ٽيهتر 1973 ۾ لکي هئي. ڪهاڻيءَ جا پڙاڏا سڄي ملڪ ۽ ملڪ کان ٻاهر ٻڌا ويا هئا. ڏاڍو گوڙگهمسان ٿيو هو. سنڌ ۾ جيئڻ جنجال ٿي پيو هو. اڻويهہ سئو چوهتر 1974 ۾ پاڪستان براڊڪاسٽنگ ڪارپوريشن مونکي اسلام آباد گهرائي ورتو هو.



امر جليل جو خزانو

## پرائيڊ آف ڪراچي ايوارڊ-2014




ڪراچيءَ جي ڊيڍ ڪروڙ آباديءَ مان چونڊيل شهرين کي پرائيڊ آف ڪراچي Pride of Karachi جو ايوارڊ ڏنو ويو آهي. ان فهرست ۾ امر جليل کان علاوه حڪيم محمد سعيد، مشتاق يوسفي، عبدالستار ايڌي، ڊاڪٽر عابد رضوي، جون ايليا، زهره نگاهه، مهدي حسن، معين اختر ۽ حنيف محمد جا نالا شامل آهن. ڪراچي اليڪٽرڪ طرفان مڃتا طور کين تاعمر اعزازي بجلي ڏني ويندي آهي.



سين فرانسسڪو ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سان (1999)



سين فرانسسڪو آمريڪا: حسن مجتبيٰ، امر جليل، دودو مهيري
۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ



امر جليل، ممتاز مرزا، عبدالحميد آخوند، ظفر ڪاظمي ۽ علڻ فقير

اوپن يونيورسٽي اسلام آباد ۾ (1986)



"ناياب ڪتاب ۽ ڪتابن جون فوٽو ڪاپيون، ۽ باب، چيپٽر،
۽ حوالا موڪلي عبدالسلام شاهه بادشاهه مون فقير کي مالامال ڪري ڇڏيو آهي."
بدين ۾ بادشاهه جي گهر. (2012)



سوني ڪارپوريشن ٽوڪيو، جاپان (1992)



امر جليل، مصطفيٰ قريشي ۽ پلي بيڪ سنگر رجب علي (1989)



جڳ مشهور ماهر نفسيات پروفيسر ڊاڪٽر هارون احمد، امر جليل،
سينيئر ميڊيامين غازي صلاح الدين ۽ ڊاڪٽر هيرا لال (2016)




پرتَ ڪمار کان مقدس ڪتاب گروگرنٿ صاحب جو انمول تحفو قبول ڪندي
گڏ آهن اي ڊي خواجا. (2016)



گانڌي ڌام، احمد آباد ۾ مهاتما گانڌيءَ جي مورتي (پتلي) سان ويٺل.
”مهاتما گانڌي منهنجي لاءِ سياستدان گهٽ، ۽ درويش وڏيڪ آهي،
جنهن زندگي اڇوتن سان گڏ گذاري ڇڏي.“ (فوٽو لڪمي ڪلاٽي – 2006)

H ـ مومن بلي پنهنجي مرضيءَ سان مون کي الاءِ ڪهڙين ڪهڙين مجبورين ۾ وجهي ڇڏيو آهي! مونکي حيرت آهي. مونکي فقط ايترو چوڻو آهي تہ آپگهات جي پڪَ تي هلندي زندگي گذارڻ وارا مجبور نہ ٿيندا آهن.

I ـ مومن بلي ناول "نيٺ گونگي ڳالهايو" بابت بہ لکيو آهي. "نيٺ گونگي ڳالهايو" روس افغان جنگ، ۽ بينظير ڀٽو جي شروعاتي دور جي پسمنظر ۾ لکيل آهي.

اعتراف ٿو ڪريان تہ مومن بلي ڏاڍي پيار ۽ پابوهہ مان مضمون لکيو آهي ـ ڏاڍي چاهہ سان لکيو آهي. ڳالهہ فقط ايتري آهي جو واقعا هڪبئي ۾ وچڙي پيا آهن. مان تڏهن بہ مومن بلي جو دل سان شڪرگذار آهيان. مان مومن بلي کان معافيءَ جو طلبگار بہ آهيان جيڪڏهن سندس دل آزاري ٿي هجي. هڪ دفعو وري اعتراف ٿو ڪريان تہ تمام گهٽ ماڻهن ايڏي ايثار سان مون بابت لکيو آهي. شل خوش رهي، آباد رهي. مومن بلي جو مضمون پندرهن سال پراڻو آهي. ڪتاب کي ترتيب ڏيندڙ ايڊيٽر ۽ محقق ٿورڙو احتياط ڪن ها، مضمون پڙهي ڏسن ها تہ هوند مونکي ايڏي وڏي پڃاڙ ڪرڻي نہ پوي ها.

25.6.2015

# دوزخ دڙڪوم بهشت دلاسو

نـ سن. نـ سال. نـ تاريخ. نـ وقت. الاءِ ڪهڙي مهل هئي! ڪجهہ ياد ڪونهي. امان سچل سرمست جو رسالو آسماني ڪتابن وانگر ڏاڍي عقيدت ۽ احترام سان پڙهندي هئي. سُرَ سان جهونگاريندي هئي. اڪثر اکين مان لڙڪ لاڙي وجهندي هئي. اَسُر ويل تائين پئي جاڳندي هئي. اَسُر ويل تائين جاڳڻ مونکي ماءُ طرفان ورثي ۾ مليو آهي. اصل نج صوفياڻي هئي. "ميري آهيان, مندي آهيان- بيشڪ تنهنجي بندي آهيان." پئي عبادتگاهون گهمندي هئي. ڪڏهن ايشور جي گهر, تـ ڪڏهن الله جي گهر. ڪڏهن عيسيٰ جي گهر, تـ ڪڏهن موسيٰ جي گهر! مونکي گڏ وٺي هلندي هئي. انيڪ اسمن ۾ امان کي هڪ خلقٺهار نظر ايندو هو. سيني عقيدن جو احترام هڪ ماڻهون تڏهن ڪندو آهي جڏهن کيس علم هوندو آهي, جاڻ هوندي آهي. آگاهي هوندي آهي تـ انسان ازل کان پنهنجي خالق, پنهنجي مالڪ لاءِ سرگردان آهي. پنهنجي تصور ۾ هن Creator کي, پيدا ڪندڙ کي, خلقيندڙ کي مختلف, رنگ ۽ روپن ۾ محسوس ڪيو آهي. کيس مختلف نالا ڏنا آهن. انساني تاريخ ۾ هڪ اوائلي دور اهڙو بـ آيو هو جڏهن هو سمجهہ کان باهر هر اسرار کي خلقيندڙ سمجهي کانئس ڊڄندو هو. کيس پوڄيندو هو. کانئس دعائون گهرندو هو. هُن کنوڻ کي پوڄيو. هن درياهن ۽ آبشارن کي پوڄيو. هن سمنڊن کي پوڄيو. هن جبلن کي پوڄيو. هن بڙ ۽ پپل جهڙن گهاٽن وڻن کي پوڄيو. نانگن کي پوڄيو. باهہ کي پوڄيو. پر پوءِ جيئن جيئن انسان جو علم ۽ مشاهدو وسيع ٿيندو ويو. هو هٽرادو خدائن جو منڪر ٿيندو ويو. جيئن موجوده دور ۾ ملڪ, ماڻهون ۽ گروهہ مذهب خاطر هڪٻئي سان وڙهندا آهن, جنگ جوٽيندا آهن. تيئن قديم دور ۾ بـ ماڻهون هٽرادو خدائن لاءِ پاڻ ۾

وڙهندا هئا. هو پنهنجي پنهنجي خدا کي اُتم ۽ اعليٰ سمجهندا هئا ۽ ٻين جي خدائن کي ادنيٰ ۽ ڪمتر سمجهندا هئا. اهڙن معاشرن مان امن موڪلائي ويندو آهي. اهڙن معاشرن ۾ ملڪن ۾ وِڪَ وِڪَ تي عقيدن جي نالي ۾ نفرتن جا ٻنيٺ ٻرندا رهندا آهن. ماڻهون وائڙو وياڪل، ويڳاڻو ٿي پوندو آهي. هو نيٺ چئي وجهندو آهي:

مــــذهبن ملـــــڪ ۾ مـــــاڻهو منجهايــــا،
پيـــرن، پنـــڊتن، بـــزرگن بيحـــد پلايـــا،
ڪي نمازون نوڙي پڙهن، ڪن مندر وسايا،
اوڏو ڪـــين آيـــا، عقـــل وارا عـــشق کـــي.

هڪ خالق، مالڪ، جيئارينڌڙ ۽ مارينڌڙ جي باري ۾ ڀرين آگاهي مونکي Soul to soul، روحاني طرح پنهنجي ماءُ معرفت ملي هئي. ڪتابن ۽ مطالعي مان آگاهي بعد ۾ ملي هئي جڏهن مان ڪاليج ۾ هوس.

ويندي ويندي انگريزن مذهبن جي نالي ۾ هندستان جو ورهاڱو ڪري ڇڏيو هو. انگريزن آل انڊيا مسلم ليگ جو نظريو قبول ڪري ورتو هو ته هندو ۽ مسلمان ٻه مختلف قومون آهن. ٻنهي قومن جو گڏ رهڻ امڪان کان ٻاهر آهي. تنهنڪري هندستان جي هڪ حصي تي مسلمانن لاءِ الڳ ٿلڳ ملڪ ٺاهيو ويجي. پاڪستان وجود ۾ آيو. مذهبن جي نالي ۾ سڄي هندستان ۽ پاڪستان کي فسادن جي باهه وڪوڙي ويئي. جيتوڻيڪ سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد، هاڻوڪو صوبو خيبر پختون خوا ۾ ورلي وفساد ٿيا هئا، پر پنجاب، بهار، بنگال، يوپي ۽ سي پي ۾ ٿيل فسادن جي آڳ سڄي برصغير کي تپائي لوهه ڪري ڇڏيو هو. مذهبن جي نالي ۾ وحشي خونريزي جا پڙاڏا اُپ سان ٽڪرائجي ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ گونجي رهيا هئا. ننڍي وهيءَ ۾ مذهبن بابت منهنجي من ۾ وسوسا پيدا ٿي پيا. مونکي اِها ڳالهه سمجهڻ ۾ دير نه لڳي ته مذهَبَ ماڻهن کي محبت جي مالا سان ملائڻ بدران نفرت جي ڏڪار سان هڪٻئي کان دور ڪري ڇڏيندا آهن. انهن ئي ڏينهن ۾ مون سچل سرمست جا ٻه بيت پڙهيا يا ٻڌا هئا، مون کي ٺيڪ سان ياد ناهي. مان

سمجهان ٿو ٻئي بيت مون ٻڌا هئا. هڪ بيت هو:

دوزخ دڙڪـــــو بهـــــشت دلاســـــو
ڀاهـــــ ويـــــا ســـــپ ڀهـــــي ڀهـــــي.

ڪــو رد چــوي ڪــو بــد چــوي، ڪــو بيــديني بيحــد چــوي.
ڪــو مُشرڪ ۽ مُلحد چوي، مان جوئي آهيان سوئي آهيان.

ڪــو صــورت ۾ انــسان چــوي، ڪــو شــر پريــو شــيطان چــوي.
ڪو بزرگ ڪومستان چوي، مان جوئي آهيان، سوئي آهيان.

تاريخ ۾ اقتصادي، ملڪگيري ۽ وسعت پسندي ڪان وڌيڪ قومن ۽ ملڪن درميان مذهب جي نالي ۾ خونريز جنگيون هليون آهن. انساني تاريخ ۾ قدرتي آفتن جهڙوڪ زلزلا، ٻرندڙ جبلن جو ڦاٽڻ، سمنڊن جو اٿلڻ، ڏڪار، ۽ وبائن ايترا ماڻهو نـ ماريا آهن جيترا ماڻهو مذهبن جي نالي ۾ فسادن ۽ جنگين ۾ مئا آهن. اڻويهه سئو ستيتاليهه 1947 ۾ مون مذهبن جي نالي ۾ تباهي، بربادي ۽ انسانيت جي المناڪي ڏٺي. منهنجي پيڙهـ جو پٿر سماڌين ۽ قبرن تي لڳل ڪتبو تي پيو. ان ڏينهن ڪان اڄ ڏينهن تائين مان جڏهن بـ مذهبن ۽ عقيدن جي نالي ۾ خونريزي ڏسندو ۽ ٻڌندو آهيان، تڏهن پنهنجي روح ۾ آتش فشان واري آڳ ڪڙهندي محسوس ڪندو آهيان. دل چاهيندي آهي اهڙي تنگ نظر، تنگ دل، جاهل معاشري مٿان اُٿلي پوان ۽ پمپئي (اٽلي) وانگر سڀ ڪجهه ڀسم ڪري ڇڏيان. ڪوئيٽا ۾ شيعن جو قتلِ عام ۽ ڪراچيءَ ۾ صفوران چوڪ وٽ پرائيويٽ بس ۾ سفر ڪندڙ پنجاهـ آغاخانين جو قتل ثبوت آهن مذهبن جي بيوسي جو. مَذهَب انسان کي سڌاري نـ سگهيا آهن. انسان اڄ بـ ساڳيو وحشي آهي جهڙو وحشي هزارين سال اڳ پٿر واري دور ۾ هوندو هو- اُگهاڙو ۽ ذهني طرح مفلس.

ڊسمبر اڻويهه سئو ٻاهتر 1972، اڄ ڪان تيتاليهه سال اڳ ڪنڌ ڪوٽ جي نانڪ پاڙي تي مذهب جي ٺيڪيدارن الله اڪبر جا نعرا هڻي

انسانيت جو برهنہ (اگهاڙو) جنازو ڪڍي ڇڏيو هو. انهن ڏينهن ۾ قمر شهباز گورنمينٽ ڪاليج ڪنڊ ڪوٽ ۾ پروفيسر يا پرنسپال هو. هن هندن تي برپا ٿيل قيامت جو اهڙو احوال ڏنو جو مان پاڻ اُن المناڪ واقعي جو ڪردار ٿي پيس. مون شدت سان محسوس ڪيو تہ مان نانڪ پاڙي جو رهواسي آهيان. مذهب جي ٺيڪيدارن الله اڪبر جا نعرا هڻي منهنجي پيڻ جي بيحرمتي (ايمان Outrage) ڪئي آهي. منهنجي گلن جهڙي ننڍڙي پيڻ ڇيچلائي ڇيچلائي مري ويئي آهي. چتا جي باهہ وسامي ويئي آهي. ارٿين جي رک اڏامي وڃي درياهہ شاهہ ۾ پئي آهي. شمشان گهاٽ ۾ اوندهہ آهي. پر، منهنجي وجود ۾ برندڙ چتا جي آڳ ٺڌي نہ ٿي آهي. مان مهاتما گوتم ٻڌ جو ڪريل ڀڪشو آهيان. سمجهان ٿو تہ اِهو ڪروڌ آهي. مون کي نرواڻ نہ ملندو. مون کي وساري ڇڏڻ گهرجي- ڀُلائي ڇڏڻ گهرجي. پر اِهو منهنجي وس ۾ نہ آهي. مون نرواڻ تان هٿ کڻي ڇڏيو آهي. مون ڀنهنجي ڀيڻ جي بيحرمتي نہ وساري آهي.

جڏهن آئين، قاعدا ۽ قانون باضابطہ متعارف نہ ٿيا هئا، تڏهن مذهبن معرفت معاشري ۾ نظم وضبط رکيو ويندو هو. اصل ۾ مذهب هڪ فرد جو ذاتي معاملو آهي. پنهنجي خالق کي مالڪ کي ڄاڻڻ ۽ سڃاڻڻ جي تمنا انفرادي جستجو ۾ آهي. خدا قارون جو خزانو نہ آهي جنهن جي اجتماعي تلاش ۾ مهمجو جتا ٺاهي ڪوچ ۾ نڪري پوَن. اڪثر مذهبن ۾ آخرت جو ذڪر ڏاڍي تفصيل سان آيل آهي. Day of Judgment يوم محشر تي هر هڪ فرد کي پنهنجو پنهنجو حساب ڏيڻو پوندو. توهان کان توهانجي پاڙيسرين سان قطار ۾ بيهاري اجتماعي حساب نہ ورتو ويندو. هر شخص پنهنجي فعل لاءِ پاڻ ذميوار هوندو آهي. هن کي قيامت ڏينهن پنهنجو حساب پاڻ ڏيڻو پوندو. ملڪن ۽ معاشرن ۾ وِگوڙ تڏهن پيدا ٿيندو آهي جڏهن هڪ فرد انفراديت مان نڪري، اجتماعيت ۾ شامل ٿي، جٿا ٺاهي ٻئي عقيدي جي ماڻهن تي اثرانداز ٿيڻ جي غلطي ڪندو آهي. جهيڙا جهڳتا وڏي پيماني تي جنگين ۾ بدلجي ويندا آهن. هڪ ئي خالق جا خلقيل بندا مختلف عقيدن ۽ اعتقادن سبب هڪٻئي کي وحشي طريقي سان نيست ۽ نابود ڪندا آهن.

دنيا کي في الحال پاسيرو ڪري ٿا ڇڏيون. اٺويهه سئو ڇٽيهه 1936 ۾ منهنجي جنم کان وٺي اڄ ڏينهن تائين 2015. مڊل ايسٽ يعني وچ مشرق ۾ جيڪي به جنگيون هليون ۽ هلي رهيون آهن سي سڀيئي ثبوت آهن سچل سرمست جي پيشنگوئي جو:

مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا –

عمر جي اسي سالن جي وچهو ايندي ايندي مونکي پڪ ٿي وئي آهي ته فرد جيستائين پنهنجي عقيدي کي پنهنجو سمجهي پاڻ تائين محدود رکندو ۽ ٻئي عقيدي جي ماڻهن تي مسلط ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪندو تيستائين دنيا ۾ امن امان رهندو. ڀائي چارو هلندو. ذهن ۽ دل تي ٻين لاءِ چڙهيل ڪٽُ لهندي. نفرت محبت ۾ بدلجي ويندي. دنيا جي جنهن به ملڪ مذهب کي هڪ شخص جو انفرادي معاملو سمجهي مذهب کي سياست ۽ حڪومتي وهنوار کان پري رکيو آهي، ان ملڪ بيپناهه ترقي ڪئي آهي. اتي امن آهي. شانتي آهي. ماڻهن کي هڪٻئي لاءِ احترام آهي. هڪٻئي جي عقيدي لاءِ عزت آهي. آمريڪا ڏسو. يورپ جا ملڪ گهمي ڦري اچو. هانگ ڪانگ ۽ سينگاپور جو سير ڪريو. اتي سڀني کي پنهنجي پنهنجي عقيدي مطابق زندگي گذارڻ جو پورو پورو حق آهي. ڪنهن کي به ٻئي عقيدي وارن سان ڪونس ڪرڻ جي اجازت نه آهي. ها، مٺ جيترا مجهول دنيا جي هر ملڪ ۾ ڪاهي پيا آهن. ۽ پنهنجي عقيدي جو پرچار بندوق جي گولي ۽ خونريزيءَ سان ڪري رهيا آهن- بم ڌماڪن سان ڪري رهيا آهن. هندستان جي ورهاڱي کان اڳ مون ڪراچيءَ ۾ بلڪل اهڙو ماحول ڏٺو هو جهڙو ماحول هِنَ وقت سئزرلينڊ ۽ سينگاپور ۾ آهي. مليشيا ۾ آهي. فنلينڊ ۾ آهي. ڀانت ڀانت جي عقيدي جا ماڻهون ڪراچيءَ ۾ رهندا هئا، هندو، مسلمان، سک، عيسائي، يهودي، پارسي وغيره. ان کان علاوه مسلمانن جي مختلف فرقن جا پوئلڳ ڪراچيءَ ۾ رهندا هئا، شيعا، سني، وهابي، حنفي، مالڪي، بوهرا، آغاخاني ۽ ٻيا انيڪ گروهه. مجال آهي جو ڪنهن هڪ فرقي يا گروهه ٻئي فرقي يا گروهه کي اچايو هجي! سڀئي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي، پنهنجي پنهنجي فرقي ۽ عقيدي ۾ مگن رهندا

هئا. اهڙي ماحول ۾ منهنجي پرورش ٿي هئي. اهڙي ماحول ۾ مون پنهنجي ٻال اوستا يعني ننڍپڻ گذاريو هو. اهڙي پُرامن ماحول کي مون ورهاڱي کان پوءِ برباد ٿيندي ڏٺو. هندن ۽ سکن سان گڏ مون پارسي ۽ ڪرسچين کي ملڪ ڇڏيندي ڏٺو. مختلف فرقن جي پوئلڳن کي مون هڪٻئي جي عبادتگاهن تي حملا ڪندي ۽ باهيون لڳائيندي ڏٺو. مون سيڪيولر ڪراچيءَ جو عروج ڏٺو هو. مون سيڪيولر ڪراچيءَ جو زوال ڏٺو آهي. ڪراچيءَ جي صوفي تهذيب ۽ تمدن کي مون تڏا ويڙهي ڪوچ ڪندي ڏٺو هو.

مونکي اُچاترو پڙهڻ وارا سمجهندا آهن تہ مان مذهبن جي خلاف آهيان. اهو تاثر صحيح نہ آهي. مان انهن جي خلاف آهيان جيڪي مذهب جي ٺيڪيداري ڪندا آهن. مذهب جي نالي ۾ ماڻهن جو استحصال ڪندا آهن. ماڻهن جو برين واش ڪري کين جڳ جهان کي سمجهڻ ۽ ذهني طرح اڳتي وڌڻ جي سگهہ کان محروم ڪري ڇڏيندا آهن. مان انهن جي خلاف آهيان جيڪي پاڻ کي ۽ پنهنجي عقيدي کي اعليٰ ۽ ٻين کي ۽ ٻين جي عقيدن کي ادنيٰ ۽ ڪمتر سمجهندا آهن. مٿن حملا ڪندا آهن. کين قتل ڪرڻ ۽ مارڻ جائز سمجهندا آهن. پنهنجين خونريز ڪارواين تي فخر ڪندا آهن. مان وحشين جي خلاف آهيان. مذهبن جي اسرار پنيان انسان سان وابستہ ٿن رازن ۽ رمزن بابت ماڻهوءَ کي تجسس آهي جنهن کيس عملي طرح سوچڻ تي آماده ڪيو آهي، هڪ تہ مان ڪير آهيان ۽ دنيا ۾ ڪٿان آيو آهيان. ٻيو تہ مرڻ کان پوءِ مان ڪيڏانهن ويندس. ٽيون ۽ سيني کان اهم اسرار تہ مون کي ڪنهن خلقيو آهي. دنيا جو هر مذهب انهن ٽن بنيادي رمزن جي آڌار تي بيٺل آهي. هر مذهب ٽنهي رمزن کي پنهنجي پنهنجي نموني سمجهائڻ ۽ سلجهائڻ جي سعي ڪئي آهي. پهرين ٻن رمزن جي باري ۾ مختلف مذهبن جي سمجهاڻين ۾ تر جيترو فرق آهي. پر، خلقيندڙ ۽ پيدا ڪندڙ جي باري ۾ تر جيترو بہ تفاوت نہ آهي. خلقيندڙ پيدا ڪندڙ Creator هڪ آهي، هڪ آهي، هڪ آهي. باقي سڀ ڪجهہ انيڪ آهي. اِهائي صوفي مت، Mysticism, Sufism جي ابتدا آهي، اهائي انتها آهي. صوفي پنهنجي اندر ۾ الله ڏسندا آهن. ڏسڻ مان مراد آهي الله کي پنهنجي

وجود ۾ محسوس ڪندا آهن. هنن کي ڪاشي ۽ متر، مڪي ۽ مديني وڃڻ جي ضرورت محسوس نہ ٿيندي آهي. اِهو ويچار هن فقير جو عقيدو آهي. ان عقيدي جي رنگ ۾ منهنجي درويش ماءُ مونکي ٻال اوستا (ننڍپڻ) ۾ رڱي ڇڏيو هو. پوءِ جڏهن جوانيءَ ۾ پير پائڻ کان اڳ ادب جي بارگاهہ ۾ سجدہ ريز ٿيس، تڏهن پڙهڻ ۽ ڪڙهڻ جي ڪل پئي. پوءِ هڪ ڏينهن اهڙو بہ آيو جو گوتم جي گيان سمورا در کولي ڇڏيا. مان، ڪريل سهي، مهاتما گوتم ٻڌ جو ڀڪشو ٿي پيس. ■

ٻاويهين جون. 2015

# موليٰ پلوڙ دانشورن کان بچائي!

ويجهڙائيءَ ۾ سيد صالح محمد شاهه جي فن ۽ حياتي بابت هڪ ڪتاب شايع ڪيو اٿائون. ڪتاب جي پٺئين پاسي پنهنجي طرفان ڪجهه سٽون لکي منهنجي نالي ۾، مون سان منسوب ڪري ڇاپي ڇڏيون اٿائون. اِهو به نه سوچيائون ته هر ليکڪ کي اظهار لاءِ لفظن ۽ جملن جو پنهنجو اسلوب هوندو آهي، پنهنجو ڏانءُ هوندو آهي. اِها هوڙهيائي آهي- ناجائز حجت آهي. اِها ادبي داداگيري آهي. مون کي لاڳيتو ڇوايو هئائون ته اسين صالح محمد شاهه بابت ڪتاب ڇپرائي رهيا آهيون- اوهين هڪ ليک صالح محمد شاهه بابت لکي موڪليو. مون معذرت ڪندي عرض ڪيو هو ته مان ڪنهن جي چوڻ تي، يا فرمائش تي هڪ اکر به لکي نه سگهندو آهيان. اِها منهنجي اوڻائي آهي، جنهن تي مان ڪڏهن به پشيمان نه ٿيو آهيان. زورآور نه مڙيا. پنهنجي طرفان ڪجهه سٽون لکي منهنجي نالي سان ڪتاب جي بيڪ ٽائيٽل تي ڇاپي ڇڏيائون. منهنجن پراڻن پڙهڻ وارن کي هڪدم پروڙ پئجي ويئي. تڏهن به مان واضح ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو ته ڪتاب جي پوئين پاسي لکيل سٽون هرگز منهنجيون نه آهن.

منهنجي نالي ۾ لکيو اٿائون، "سيد صالح محمد شاهه دنيا جي بهترين مردانه آوازن مان هڪ هو." جملي جي بولي، ۽ جملي جي لهجو منهنجو نه آهي. مون مردانه ۽ زنانه قسم جا لفظ ڪڏهن به لکڻ ۾ يا ڳالهائڻ ۾ استعمال نه ڪيا آهن. لفظ مردانه ۽ زنانه مون ريلوي اسٽيشنن، ايئرپورٽن ۽ ردي سرڪاري آفيسن جي ٽائليٽ ٻاهران لکيل ڏٺا آهن. مان ايڏي وڏي ٻتاڪ، ايڏي وڏي هام ڪيئن هڻندس ته صالح محمد شاهه دنيا جي بهترين

صداڪارن مان هڪ هو؟ مون کي ڪهڙي خبر تہ انگلينڊ، آمريڪا، فرانس، جرمني، چين ۽ جاپان جا بهترين صداڪار ڪير آهن! مان ڪوڙا قصا لکندو آهيان. پر، ڪوڙا قصا لکڻ ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ ۾ فرق آهي.

اڳتي هلي منهنجي نالي ۾ لکيو اٿائون. ”هو جي ريڊيو مائيڪ تي رڳو هون يا هان جو تاثر ڏيڪارڻ چاهيندو هو تہ ٻڌندڙن تي هڪڙو لقاءُ ۽ جادو اثر پيدا ڪري ڇڏيندو هو.“

مٿيون جملو افسوسناڪ حد تائين چسو ۽ واڻڙو جملو آهي. اهڙي جملو لکڻ کان پوءِ ماڻهو خودڪشي ڪري ڇڏيندا آهن. مان جيئرو آهيان. اهڙي بيربط جملي تي ٽيڪا ٽپڻي ڪرڻ لاءِ مون وٽ اجايو وقت ڪونهي. باقي، مان اعتراف ڪريان ٿو تہ ان قسم جي ادبي وبساگهاتي ڏسي مان ڪنبي ويندو آهيان. منهنجو روح ڪنبي ويندو آهي. ان قسم جي هوڙهيائيءَ کي مان پنهنجي ذاتي زندگيءَ تي ڪاهہ سمجهندو آهيان.

گهڻ پڙهيلن، ڏاهن، دانشورن، سگهارن ۽ پلوڙن کان مونکي پؤ ٿيندو آهي. مونکي هنن جا هٿ لڳل آهن. مان ڪانئن پري ڀڄندو آهيان. لفظ پلوڙ ٻڌي مون کي پولڙو ياد ايندو آهي. زندگيءَ ۾ هڪ دفعو هڪ منٽ لاءِ اوهان سان ملندا، ۽ اوهان سان گهرا ٿي ويندا. هڪ منٽ جي ملاقات کان پوءِ هو اوهان جي باري ۾ هڪ هزار صفحا لکي وٺندا. اوهان جي مخفي زندگيءَ جي تهن تائين پهچي ويندا ـ اوهان ڪٿي جنم ورتو ڇو جنم ورتو ۽ اُهي ڪهڙا سبب هئا جن جي ڪري اوهان جنم ورتو. اوهان ڪهڙن شهرن ۽ ڪهڙن درسگاهن ۾ پڙهيءَ. نوڪري ڪهڙي ڪيوَ ۽ چاڪري ڪنهن جي ڪيوَ. اوهان ڪيترا ڪامياب ۽ ڪيترا ناڪام عشق ڪيا. اوهان جي ڪاري زال ڪهڙي ڪاري سان ڀڄي وڃي پيار جو پرڻو ڪيو هو. ويندي جو پلوڙ پولڙا، ۽ شُڪل سگهارا اوهان جي مرڻ بابت اڳڪٿي ڪري ڇڏيندا. اِهو بہ لکي ڇڏيندا تہ اوهين ڪهڙي نموني مرندا ـ ٻڏي مرندا يا زهر کائي مرندا. ڳالهہ اتي انت نہ ڪندي. هو اوهان متعلق اهو بہ لکي ڇڏيندا تہ ٻئي جنم ۾ اوهين ڪٿي ۽ ڪڏهن پيدا ٿيندا ۽ ڇا ٿي پيدا ٿيندا ـ گڏهہ، گهوڙو يا خچر.

ٻه ڀيرا منهنجي باري ۾ لکيو هئائون ته اسان کيس صلاح ڏني هئي ته رٽائر ٿيڻ کان پوءِ حيدرآباد نه اچجانءِ. ڪراچيءَ وڃي رهجانءِ. اسان جي چوڻ تي ڪلفٽن ۾ فليٽ ورتائين. اسان جي زور ڀرڻ تي پنهنجي لينڊ ليڊيءَ سان آخرڪار شادي ڪري ڇڏيائين. پر اسلام آباد مان موٽي اچڻ راس نه آيو اٿس.

هاڻي مرڻ ڪنڌيءَ تي آهي. دعا ڪريوس. مشڪل آسان ٿئيس. شل الله سائين ڪيل لچاين ۽ بدمعاشين معاف ڪريس. اهڙي دعا اسان عيني آپا لاءِ به گهري هئي، پر هوءَ ويچاري الله کي پياري ٿي ويئي. هونءَ به عيني آپا ڏاڍي پياري نئي. هيءُ نود (يعني مان) الله کي اصل پيارو ناهي، تنهنڪري اجا تائين جيئرو آهي.

مولي شل مونکي گهڻ پڙهيل، سگهارن ۽ پلوڙ دانشورن کان بچائي ۽ پنهنجي امان ۾ رکي. ■

11-09-2015

# منهنجي پرائيويٽ دنيا

مون اهڙيون انيڪ ڪهاڻيون لکيون آهن جن ڪهاڻين جا مکيه ڪردار چينوءِ چريٽ آهن. مون کان اڪثر پڇيو ويو آهي تہ چينوءِ چريٽ ڪير آهن؟ اهو سوال ايترا دفعا تہ مون کان پڇيو ويو آهي جو هيئنر ضروري سمجهان ٿو ان سوال جو جواب پنهنجي آتم ڪٿا ۾ لکي ڇڏيان.

چينوءِ چريٽ منهنجي وجود جو حصو آهن. منهنجي روح ۾، ۽ منهنجيءَ دل ۾ رهندا آهن. اصل ۾ چينوءِ چريٽ مون سان گڏ جنم وٺي ايندڙ هڪ ٻار جا ٻہ نالا آهن. هو منهنجو جاڙو ڀاءُ آهي. مون کي ڏاڍو وڻندو آهي. مان هن کي وڻندو آهيان. اسين ٻئي هڪٻئي سان اندر جو حال اوريندا آهيون. اهڙن اهڙن موضوعن ۽ مامرن ۽ مسئلن تي ڳالهائيندا آهيون جن تي گهٽ ۽ ٻوسٽ واري ماحول ۾ ڳالهائڻ ۽ لکڻ امڪان کان ٻاهر آهي. اسان جو معاشرو زوال پذير، متعصب، عصبيت پرست، تنگ دل، تنگ نظر ۽ سهپ ۽ رواداري کان محروم معاشرو آهي. مُلن مذهب جي نالي ۾ سموري ملڪ کي يرغمال ڪري ڇڏيو آهي. ذوالفقار علي ڀٽي جي دور کان وٺي موجوده دور تائين هر حڪومت مُلن آڏو گوڏا کوڙي ڇڏيا آهن. حڪومت کي همٿ نہ آهي جو ملن جي مرضيءَ کان سواءِ هڪ قاتل کي موت جي سزا ڏيئي سگهن. قاتل موج ۾ آهي، ۽ سندس نالي ۾ کوليل بينڪ اڪائونٽ ڪروڙن جي مَدَ کان اڳتي نڪري ويو آهي. منهنجو اشارو پنجاب جي گورنر سلمان تاثير جي قاتل ممتاز قادريءَ ڏانهن آهي. هڪ خوني ملن جو محبوب هيرو ٿي پيو آهي. پاڪستان ۾ هڪ خلائي تحقيق جو مستند ادارو آهي. هنن وٽ چنڊ ستارن کان اڳتي انيڪ گرهن ۽ اپگرهن تي کوجنا ڪرڻ لاءِ برقي مواصلاتي مشينن کان علاوه جديد ترين دوربينون آهن. پر، عيد جو چنڊ

ڏسڻ بلڪ هر مهيني اسلامي مهيني جي شروعات لاءِ چنڊ ڏسڻ جي ذميواري حڪومت ملن کي ڏيئي ڇڏي آهي. جرئت ڪري اوهان جيڪڏهن ڪنهن ملان کان پڇي ورتو ته ڇا اڄ کان چوڏهن سئو سال اڳ مسلمان دوربينن سان چنڊ ڏسندا هئا؟ عين ممڪن آهي ته اهڙي سوال پڇڻ کان پوءِ ملان اوهان تي بلاسفيميءَ جو الزام هڻي اوهان کي موت جي سزا ڏياري ڇڏي.

چينو هجي يا چربٽ اسين پاڻ ۾ ممنوع مسئلن ۽ معاملن تي ڳالهائيندا آهيون. جيڪي ڳالهيون تنگ دل ۽ متعصب معاشري جي برداشت کان ٻاهر محسوس ٿينديون آهن. سي ڳالهيون سڏو سنئون تحرير ۾ آڻي اوهان تائين پهچڻ نه ڏيندو آهيان. مان ٻي ڪا واٽ وٺي اوهان تائين ايندو آهيان. جڏهن به مذهب جي نالي ۾ رتوڇاڻ ٿيندي آهي، منهنجي وجود جي آڊيٽوريم ۾ بحث ڇڙي پوندو آهي. چينو ۽ مان وڏي واڪ سوچ ۾ پئجي ويندا آهيون ته ڇا مذهب وڏو آهي يا انسانيت؟ تڏهن اسين اِن نتيجي تي پهچندا آهيون ته دنيا جو ڪوبه مذهب انسانيت کان مٿاهون نه آهي. اِها ازلي منطق اسان کي نج صوفين کان ورثي ۾ ملي آهي. مون کان اڪثر پڇندا آهن ته نج Puritan صوفيءَ مان تنهنجي مراد ڪهڙي آهي؟

صوفين جي تاريخ ۾ اڪثر صوفي پنهنجي پنهنجي دين ڌرم جي حوالي سان صوفي مت جي ماري ۾ گيان، ڌيان، وعظ، درس ۽ نصيحتون ڏيندا آهن. هو ايترو سو ضرور ڪندا آهن جو ملن، پنڊتن، پادرين وانگر هڪٻئي جي مذهبن ۽ عقيدن تي تنقيد ۽ حملا نه ڪندا آهن. هو پنهنجي مذهب کي اعليٰ ۽ ٻين جي مذهبن کي ادني نه سڏيندا آهن. هو پنهنجي پنهنجي عقيدي ۽ مذهب سان آخر تائين وابسته رهندا آهن. اِهوئي سبب آهي جو مسلمان صوفي، مسيحي صوفي، يهودي صوفي، هندو صوفي، سک صوفي Interfaith بين المذاهبي دائري ۾ داخل ٿي، هڪ نه ٿي سگهيا آهن. مسلمان صوفي مسلمانن جا صوفي آهن، ۽ مسلمانن جو ڌيان ڇڪيندا آهن. مسيحي صوفي مسيحين جا صوفي هوندا آهن، ۽ مسيحي عقيدي وارن جو ڌيان ڇڪيندا آهن. هندو صوفي هندن جو ڌيان ڇڪندا آهن. هنن جا پنهنجا پنهنجا دائرا آهن. سيني کي پنهنجا پنهنجا معتقد ۽ ٻڌڻ وارن جو انگ هوندو آهي. ائين ورلي ٿيو آهي جو هڪ عقيدي سان تعلق رکڻ واري ڪنهن صوفيءَ ٻئي

عقيدي سان تعلق رکڻ وارن جو ڏيان پاڻ ڏانهن ڇڪايو هجي! ورهاڱي کان اڳ سامي ۽ دلپت صوفي سنڌ ۾ هندو ۽ مسلمانن جا صوفي شاعر هوندا هئا. وقت جي وهنوار ۾ هينئر شايد ئي ڪنهن سنڌي مسلمان سامي؛ يا دلپت صوفي؛ کي پڙهيو هجي يا سندن نالو ٻڌو هجي! پر. ڪي صوفي اهڙا بہ آهن. جن جو عقيدو ڪهڙو بہ هجي، هنن بين القوامي سطح تي مختلف مذهبن سان واسطو رکڻ وارن جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪايو آهي. مثال طور. عمر خيام. رومي، ڀڳت ڪبير. ۽ خليل جبران سڄي جڳ جهان جا صوفي آهن.

مان مهاتما گوتم ٻڌ کي Puritan يعني نج صوفين جو پيغمبر مڃيندو آهيان.

چينو ۽ مان پنهنجي وجود جي آڊيٽوريم ۾ گنڀير کان گنڀير موضوع تي ڳالهائيندا آهيون. سوچيندا آهيون. ڪنهن حتمي نتيجي تي پهچڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. منهنجو وجودي پاءُ ڪڏهن چينو ۽ ڪڏهن چريٽ تي پوندو آهي، ۽ اک ٻچائي نانگن ۾ وڃڻ جي ٻرن ۾ هٿ وجهندو آهي. مان جڏهن بہ پنهنجي وجودي پاءُ جي نگاهہ ۽ زاويي سان دنيا کي ڏسندو آهيان. تڏهن دنيا مون کي ڏاڍي مختلف ۽ نرالي محسوس ٿيندي آهي. ورهين کان رازن تي پيل پڙدا کڄي ويندا آهن. مبهم سوالن کي واضح جواب ملي ويندا آهن. جيڪي ماجرائون سمجهہ ۾ نہ ايندڙيون آهن. سي سمجهہ ۾ اچڻ لڳنديون آهن. مون اهڙيون انيڪ ڪهاڻيون لکيون آهن جن ڪهاڻين جا مکيہ ڪردار بار آهن. ذهن تان اُتاري ڪاغذ تي لکي ڇڏڻ کان پوءِ مان موضوع سميت ڪهاڻي وساري ڇڏيندو آهيان. اِن ڪيفيت جو منهنجي شعوري ڪيفيت سان ڪو واسطو نہ آهي. پر. ٻارن جي حوالي سان لکيل ڪجهہ ڪهاڻيون مونکي ياد رهجي ويون آهن. جهڙوڪ. پلصراط. موسٽ ڊينجرس مين اِن پاڪستان. سرد لاش جو سفر. To Kill Hemingway. ۽ ڪاري ڪتي آهي.

عام طرح سان سمجهيو ۽ مڃيو ويندو آهي تہ هڪ انسان جي هڪ عمر هوندي آهي. اِهو درست آهي. پر عُمر بابت ماهرن جي تجزيي مطابق هڪ انسان جون ٽي عمرون هونديون آهن ـ هڪ طبعي Physical عمر جيڪا سال بہ سال وڌندي رهندي آهي. اوهين ويهن سالن جا ٿيندا آهيو.

چاليهن سالن جا ٿيندا آهيو. پنجاهہ سالن جا ٿيندا آهيو سئو سالن جا ٿيندا آهيو. ٻي عمر هوندي آهي ظاهري Appearance عمر. هڪ شخص طبعي عمر مطابق چاليهہ سالن جو هوندو آهي. پر لڳندو سٺ سالن جو آهي. ڪي شخص سٺ سالن جا هوندا آهن. پر لڳندا چاليهہ سالن جا آهن. منهنجي ريڊيو پاڪستان واري دور جو ساٿي عنايت بلوچ سٺ سالن جي ڄمار ۾ رٽائر ٿيو هو پر لڳندو ٽيهن سالن جو هو. ٽين عمر ٿيندي آهي، ذهني عمر Mental age. اوهان اهڙا انيڪ پوڙها ڏٺا هوندا جيڪي وار ڪارا ڪري، فيشني ڪپڙا پائي گهمندي ڦرندي، پارٽين ۾، ميٽنگن ۾، آفيسن ۾ نظر ايندا آهن. هو جوان نظر اچڻ لاءِ ساڻ سنوڻ ان ڪري نہ ڪندا آهن جو سندن ذهني عمر ويهہ پنجويهہ سالن جي ڪنهن نوجوان جيتري هوندي آهي. هنن کي پنهنجي پوڙهي هئڻ جو احساس پريشان ڪندو آهي. اهڙا پوڙها پنهنجي رنگين مجازيءَ تي نوجوانيءَ جو چوغو چاڙهي ڇڏيندا آهن. ذهني عمر جو اندازو هڪ شخص جي دلچسپين، لاڙي، روين ۽ مشغولين مان لڳائي سگهبو آهي. هڪ شخص، پوءِ سندس ظاهري عمر ڪٽي ڪيتري بہ هجي، جيڪڏهن سندس اٿڻ ويهڻ پوڙهن سان آهي، راندين کي ٻاراڻي ڪيڏ سمجهندو آهي، فلمون ۽ ڊراما ڏسڻ کي ڇوڪرن جي وندر مڃيندو آهي، اهڙي شخص جي ذهني عمر خفخاني پوڙهي جي عمر جيتري هوندي آهي.

منهنجي طبعي عمر اسي سال آهي. دوستن ۽ دشمنن چواڻي مان ظاهري طرح پنجاهہ يا سٺ سالن جو لڳندو آهيان. باقي منهنجي ذهني عمر بابت ڪنهن کي ڪابہ خبر نہ آهي. منهنجي ذهني عمر مختلف درجي بندين Categories ۾ ورهايل آهي. منهنجيون مشغوليون ۽ مصروفيتون منهنجي ذهني عمر جو تجزيو ڪنديون آهن. قديم آثارن، ڪنڊرن، ڦٽل ڊٺل پراڻين محل ماڙين ۽ جاين ۾ گهمڻ ڦرڻ ۽ رهڻ مون کي ڏاڍو وڻندو آهي. اسلام آباد ۾ اناويهہ سال ٻن واس ڪاٽيندي مان اڪثر ٽيڪسيلا هليو ويندو هوس. ڏينهن رات ٻڌمت جي قديم آثارن ۾ پيو گهمندو ڦرندو، ڀٽڪندو هوس. خاص طرح سان ٻڌمت يونيورسٽيءَ جي ڪنڊرن ۾ مونکي آنند ايندو هو. مان پاڻ کي سچ پچ آنند ڀڪشو سمجهي ويهندو هوس. اهڙي ڪيفيت ۾ مان ٽي چار هزار سال پراڻو شخص ٿي پوندو آهيان. قديم تاريخ

۽ آثارن طرف منهنجو ذهني لاڙو اسڪول واري دور کان شروع ٿيو هو. ۽ اڄ تائين پڪو پختو پهاڙ ٿي پيو آهي. ڪرڪيٽ، فٽبال ۽ ايٿليٽڪس رانديون منهنجي زندگيءَ جو لازمي حصو آهن. ميڊيا سان منهنجو سٺ سال پراڻو رشتو آهي، تنهنڪري زمان حال مان هڪ لمحي لاءِ باهر نه نڪرندو آهيان. ڪهڙيون فلمون، ڪهڙا سيريل، سيريز، ڊاڪيومينٽريز هلي رهيون آهن، ڪهڙيون اچي رهيون آهن، ۽ رليز ٿي رهيون آهن. منهنجي دلچسپين ۾ شامل آهن. انٽرنيٽ جي گهوڙي تي سوار ٿي دنيا جا سير سپاٽا ڪندو آهيان. ليپ ٽاپ، نوان نوان سافٽ ويئر، ايپليڪيشن ۽ موبائيل فونن جي طلسماتي دنيا کان دور نه ٿيندو آهيان. ان قسم جي مشغولين ۽ مصروفيتن جي حوالي سان منهنجي ذهني عمر ويهه ٽيهه سال آهي. مون کي رانديڪا وڻندا آهن. ٻار وڻندا آهن. انهن سان ٻار ٿي راند ڪندو آهيان. پکين ۾ مونکي چهرو owl وڻندو آهي، ۽ جانورن ۾ گهوڙو. گوتم ٻڌ جي مجسمن کان علاوه مان چيني، ماربل، ڪرسٽل ۽ سيرامڪ سان ناهيل چهرا پنهنجي ويجهو رکندو آهيان. ٽينس بال سان اڪيلي سر راند ڪندو آهيان. اهڙي ڪيفيت ۾ مان چينو ۽ چريٽ هوندو آهيان. تڏهن منهنجي ذهني عمر ڏهن سالن کان گهٽ هوندي آهي.

ڪجهه ماڻهو پنهنجيون عبادتگاهون پاڻ ناهيندا آهن. پنهنجا دوزخ ۽ پنهنجي جنت پاڻ ناهيندا آهن. پنهنجا ڪنسرٽ هال ناهي، اڪيلا ويهي، اکيون بند ڪري موسيقي ٻڌندا آهن. اهڙا ماڻهو پنهنجي الڳ ٿلڳ پرائيويٽ دنيا ناهي وٺندا آهن جنهن ۾ ڪنهن جو به عمل دخل نه هوندو آهي. منهنجي به پنهنجي پرائيويٽ دنيا آهي جنهن ۾ مان لکندو آهيان، پڙهندو آهيان، موسيقي ٻڌندو آهيان. رانديڪن سان راند ڪندو آهيان. اُها دنيا منهنجي لاءِ مقدس آهي. ان دنيا ۾ منهنجون ٽيئي عمرون Ages، طبعي، ظاهري ۽ ذهني عمرون منهنجين تحريرن کي تقويت ڏينديون آهن.

21.12.2015

# ماضيءَ ۾ جھاتي

ايم اي جو امتحان ڏيئي بظاهر واندو ٿي پيو هوس (1961). خاص ڪري صبح کان منجهند تائين. منجهند کان پوءِ ڪرڪيٽ پريڪٽس ڪرڻ لاءِ جهانگير پارڪ هليو ويندو هوس. پريڪٽس ڪرڻ کان پوءِ ڪجھ ساٿي رانديگرن سان گڏجي ڪڏهن بومن ايراني ريسٽورنٽ ۾ وڃي ويهندا هئاسين ۽ ڪڏهن منوءَ جي ٻاڪڙا هوٽل تي وڃي ڪڙڪ چانهه پيئندا هئاسين. بومن ايراني ريسٽورنٽ جهانگير پارڪ جي سامهون بوهري بازار جي ساڄي پاسي مهڙ ۾ هوندي هئي. هوٽل ۾ داخل ٿيڻ واري در آڏو تمام وڏو صديون پراڻو نم جو وڻ هوندو هو. صدر مان سيڏو سامان ۽ ڪپڙا لٽا، بوٽ، ڪراڪري ۽ ٻي ڪا خريداري ڪرڻ لاءِ ايندڙ ماڻهو بومن ايرانيءَ جي چانهه پيئڻ ۽ ڪارا بسڪوٽ کائڻ لاءِ ريسٽورنٽ ۾ اچي پڙاءُ ڪندا هئا. بومن ايراني ريسٽورنٽ کان سڌ پنڌ تي، هينئر جتي ڪو شو روم آهي. ان جي پاسي کان منوءَ جي ٻاڪڙا هوٽل هوندي هئي، جنهن ۾ ڪجھ ڪرسيون ۽ باقي ڪاٺ جون بينچون ويهڻ لاءِ رکيل هونديون هيون. چانهه بيحد سوادي، گهاٽي ۽ مني هوندي هئي. مٿان ملائي وجهي ڪوپ آٽي سامهون رکندو هو. ملائيءَ واري چانهه سان ملنديون هيون، موهٽيون، ميدي جون منيون تڪنديون تڪيون، خالص گيهه ۾ تريل ۽ پرپريون. اهي ڳالهيون آهن اٽويهه سئو ايڪهٺ 1961 جون. جتي بومن ايرانيءَ جي هوٽل هوندي هئي اتي هينئر ستن گهڙيالن، واچن، اڳنن، ڪچن، جورابن ۽ چڊين جا دڪان کلي ويا آهن. جتي منوءَ جي ٻاڪڙا هوٽل هوندي هئي، اتي هينئر پراڻن ٽيليويزن ۽ موبائيل فونن مرمت ڪرڻ وارن جا گراٽ جيترا دڪان آهن. ماضي ڪٿي ڪيڏو به دلفريب ڇو نه هجي، پر ريوائيبڊ Rewind ٿي نه سگهندو آهي.

ذري گهٽ ٽيهن چاليهن سالن کان پوءِ وبجهڙائيءَ ۾ (2011) مونکي

جهانگير پارڪ ڏسڻ ۽ پرکڻ جو موقعو مليو هو. لنڊن ۾ ويهن پنجويهن سالن کان رهندڙ ۽ مُلڪن، تهذيبن، ۽ شهرن جون ڊاڪيومينٽريون ٺاهيندڙ جُنگ جوان عمر ڪراچيءَ آيو هو. اصل نسل قنبر جو. ڪراچي يونيورسٽيءَ مان ايم اي ڪري انگلينڊ هليو ويو هو. اتيئي ٽانيئنڪو ٽي ويهي رهيو. ڏيک ويک ۾ Greek يعني يوناني۔ قداور، ۽ انگريزن وانگر جاننو. آيو مليو ۽ چيائين ته پراڻي ڪراچيءَ تي ڊاڪيومينٽري ٺاهڻ آيو آهيان۔ اوهين اسڪرپٽ لکو ۽ اينڪر ٿيو. يعني پاڻ ماڳن مڪانن تي هلي، ڪراچيءَ جي چپي چپي جو احوال ڏيو. ڊاڪيومينٽريءَ جو نالو رکيوسين My vanishing Karachi۔ الوپ ٿيندڙ منهنجو شهر ڪراچي. چيائين، ”اصل ۾ مان اوهان جي آٽوبايوگرافي تي مبني ڊاڪيومينٽري ٺاهڻ چاهيان ٿو.“

ڊاڪيومينٽري ٺهڻ ۾ ٽي مهينا لڳي ويا. رڪارڊنگ ڪرڻ لاءِ پنهنجي پَرَ ۾ شهر جو ڪو چپو نه ڇڏيوسين. جتي جتي منهنجو ٻالڪپڻ، ٻاراڻي وهي، جواني گذري هئي انهن ماڳن مڪانن ڪي شوٽ ڪيوسين. ڊاڪيومينٽريءَ لاءِ اسڪرپٽ ۽ نوٽ لکندي مون پڪو پُهه ڪري ڇڏيو هو ته ڪراچيءَ جو ڪوبه قديم حصو اوڙو پاڙو ماڳ مڪان جتي منهنجو وڃڻ نه ٿيو هو اُتي ويندس ۽ ٻاراڻي وهي ۽ جوانيءَ جو خال پُر ڪندس. ٽن مهينن جي شوٽنگ دوران محسوس ٿيو ته مان پنهنجو ننڍپڻ ۽ جواني سٺ ستر سال پوئتي ڇڏي آيو آهيان. انهن سٺ ستر سالن ۾ مِتائڻ وارن ڪراچيءَ جون يادگار نشانيون مِٽائي ڇڏيون هيون. بولٽن مارڪيٽ جي سامهون. بندر روڊ جي ٻئي طرف ڪراچيءَ جي ڏيڍ سئو سال پراڻي پوسٽ آفيس هوندي هئي. پوسٽ آفيس جي ٻاهرين پٽ تي سنگمرمر جو بورڊ لڳل هوندو هو جنهن تي زيرو پوائنٽ لکيل هوندو هو. مطلب ته سمورا مفاصلا زيرو پوائنٽ کان ماپيا ويندا هئا. شهرن کان علاوه ملڪن جا مفاصلا به زيرو پوائنٽ کان ڳڻيا ويندا هئا. اسلام آباد ۾ اناويهه سالن وارو بن واس ڪاٽيندي مان پنهنجي شهر ڪراچيءَ ۾ هلندڙ پيچ ڊاهه، تباهه ڪاريءَ کان بيخبر رهجي ويو هوس. تاريخ سان ٿيل ۽ ٿيندڙ ويساگهاتي، دوکيبازي ڏسي مان حيران نه، پر پريشان ٿي ويس. عمر سان گڏ رڪارڊنگ لاءِ بولٽن مارڪيٽ پهتس. بندر روڊ، يعني ايم اي جناح روڊ جي ٻئي پاسي ڏيڍ سئو سال پراڻي پوسٽ آفيس جو نالو نشان نه

هو. ڏيڍ صدي پراڻي بولٽن مارڪيٽ کي ڍاهي پٽ ڪري ڇڏيو هئائون. ان جي جاءِ تي هڪ بدنما گهڻ ماڙ بلڊنگ ٺاهي ڇڏي هئائون.

جڳ جهان آڏو پنهنجي ڪلڻ ۽ روئڻ تي مان پشيمان نہ ٿيندو آهيان. ٽيمپل روڊ تي رتن تلاءُ پرائمري اسڪول جي رڪارڊنگ ڪرائيندي ڳالهائيندي دل ڀرجي آئي. ذري گهٽ روئي پيس. آتم ڪٿا جي ڪنهن باب ۾ لکيو اٿم تہ منهنجي سوچ ويچار ۽ روين جي پيڙهہ جو پٿر رتن تلاءُ پرائمري اسڪول ۾ پيو هو. باراٽي وهيءَ جون يادگيريون، حادثا، ۽ دل ڏاريندڙ واقعا انسان جي سڄي سموري عمر تي حاوي ٿي هلندا آهن۔ زندگيءَ جو حصو ٿي پوندا آهن. اسي سالن جي جمار ۾ مون انيڪ لاها ۽ چاڙها ڏٺا آهن. نوابشاهہ ۾ اٺويهہ سئو پنجونجاهہ کان اٺويهہ سئو اٺونجاهہ (1955-58) تائين منهنجي زندگيءَ جا ٿي اهم ترين سال آهن. انهن ٽن سالن ۾ فيصلو ٿي چڪو هو تہ اڳتي هلي مون کي ڇا ڪرڻو آهي، ڇا ٿيڻو آهي. نوابشاهہ ۾ قمر شهباز ڪرڪيٽ ميدان مان مونکي ڇڪي، آڻي، ادب جي بارگاهہ جو در ڏيکاريو هو۔ ۽ مون بارگاهہ جي چائنٽ تي سجدو ڪيو هو۔ سجدو بہ اهڙو جو ادب جي بارگاهہ ۾ جهڪيل ڪنڌ اڄ تائين مٿي ٿي نہ سگهيو آهي. آتم ڪٿا جي ڪنهن قسط ۾اهو اعتراف بہ ڪيو اٿم تہ مان جيڪڏهن نوابشاهہ نہ ويان ها تہ اَڄ جيڪر لکڻ پڙهڻ سان منهنجو ڪو واسطو نہ هجي ها.

ساڳئي نموني ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ اٺويهہ سئو انهٺ کان اٺويهہ سئو ايڪهٺ تائين گذاريل ٽي سال (1959-61) منهنجي سياسي ۽ نظرياتي جاڳرتا جا سال هئا. تمام اهم سال هئا. ڪابي ڊر جي نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن مان گڏجي ايوب خان آمر خلاف ڪراچيءَ جي روڊ رستن تي دوڙدو وڙهڻ جڻ روز جو معمول ٿي پيو هو. اُها ويڙهہ اڄ تائين هلندڙ آهي. پوڙها گهوڙا مرڻ بنا ميدان نہ ڇڏيندا آهن. پر، رتن تلاءُ جا چار سال، اٺويهہ سئو ٻائيتاليهن کان اٺويهہ سئو ڇائيتاليهن تائين 1942-46) منهنجي پيڙهہ پُختي ٿيڻ جا سال هئا. نہ وساري سگهيو آهيان، ۽ نہ وساري سگهندس. ڪراچيءَ بابت ٺهندڙ ڊاڪيومينٽري دوران رتن تلاءُ اسڪول جي سامهون اسڪول بابت ڳالهائيندي، چار سال اکين آڏو تري آيا. يا، مان حال جا بند ٽپي ماضيءَ ۾ موٽي ويو هوس. دل ڀرجي آئي. ٻن اچن گهوڙن واري بگيءَ ۾ اسڪول ايندڙ

اندرا اکين آڏو اچي بيٺي. ڪٿي لکيو اٿم تہ فقط هڪ دفعي لاءِ هڪ هيڪلي، وشال، سٽن سمندن جي پاتال کان اونهي ۽ پراسرار محبت اسان جي زندگيءَ ۾ هلي ايندي آهي. ابديت جي انتها تائين پهچڻ لاءِ اهڙي محبت جي نصيب ۾ فراق لکيل هوندو آهي. وصل وِشال محبت جي نفي آهي. مون کي پڪ آهي تہ مان اندرا کي ياد نہ هوندس. مون کي ياد رکڻ لاءِ مون ۾ ڪجهہ بہ نہ هو. هونءَ بہ عبادتن کان مٿاهين محبت يڪطرفي هوندي آهي.

پنجاهہ پنجاهہ منٽن جي ڏهن سي ڊيز CDs تي مائي وينيشنگ ڪراچي، **منهنجو الوپ ٿيندڙ شهر ڪراچيءَ** جي ڊاڪيومينٽري تيار ٿي. سوال پيدا ٿيو تہ ڪهڙي سنڌي چينل کي هلائڻ لاءِ ڊاڪيومينٽري ڏني وڃي. عمر پيچا ڳاچا ڪرائي. هڪ ٻن چينل جي مالڪن سان بہ مليو. سيئي چينل ڊاڪيومينٽري هلائڻ لاءِ تيار هئا، پر مفت ۾. عمر کي وڏيڪ مايوسي ان ڪري بہ نہ ٿي جو مون کيس اڳوات آگاهہ ڪري ڇڏيو هو تہ سنڌيءَ ۾ ناهيل ڊاڪيومينٽريءَ مان تون خرچ پکو بہ ڪڍي نہ سگهندين. ان کان اڳ عمر ترڪي، ايران، يونان ۽ اٽليءَ بابت انگريزيءَ ۾ ناهيل ڊاڪيومينٽريون پاڪستان جي مختلف چينلن تان لکين رپين جي معاوضي عيوض هلرائي چڪو هو. عمر پنج سئو منٽن جي ڪراچيءَ بابت ڊاڪيومنٽري مون وٽ ڇڏي لنڊن موٽي ويو. رابطي ۾ رهندو آهي. جيو اٿائين تہ هن سال، بہ هزار سورهن (2016) سياري جي مند ۾ موٽي ايندو ۽ اسين جهولي لال تي شارٽ ڊاڪيومينٽري ناهينداسين. پر انگريزيءَ ۾. ان وچ ۾ عمر چا ڪيو آهي جو ڊاڪيومينٽريءَ کي انگريزي ٽائيٽل ڏيئي، چوندبہ حصا يوٽيوب YouTube تي رکي ڇڏيا آهن.

3.6.2016

# آتم ڪٿا جي ڪٿا

مان اعتراف ٿو ڪريان تہ آتم ڪٿا جي عنوان سان شايع ٿيل منهنجا بہ ڪتاب آتم ڪٿا جي مُروج روايتن مطابق لکيل نہ آهن. پر، هڪ ڳالهہ طئي آهي تہ ٻنهي ڪتابن ۾ مون پنهنجي زندگيءَ جا ورق ورايا آهن. پنا اُٿلايا آهن. خاص طرح سان آڏين پڇائن واري آتم ڪٿا ۾ خبرچار وٺڻ وارن بنا رعايت جي جيڪي جيءَ ۾ آين، پڇيو اٿائون. پر، تڏهن بہ مان محسوس ڪريان ٿو تہ آڏي پڇا ڪرڻ وارن ڪنهن سبب جي ڪري، يا هڪ کان وڌيڪ سببن جي ڪري هنن مون کان اهڙا سوال نہ پڇيا جن جو تعلق منهنجي سوچ، سمجهہ ۽ ذهني اوسر سان آهي. مون پاڻ بہ، اڃ تائين، اِن سلسلي ۾ اهڙي واضح نموني نہ لکيو آهي جهڙي نموني خوشونت سنگهہ پنهنجي ڪتاب The End of India **هندستان جي پڄاڻي** ۾ واضح نموني لکيو آهي. يا، جهڙي نموني برٽرينڊ رسل پنهنجي ڪتاب Why I am not a Christian **مان ڇو عيسائي نہ آهيان** ۾ پنهنجن عقيدن، يقينن ۽ اعتبارن بابت پنهنجي اندر جو احوال اوريو آهي. اهڙن ڪتابن کي برداشت ڪرڻ لاءِ، تحمل لاءِ، ۽ اظهار جي آزاديءَ لاءِ اسان جي ملڪ ۽ معاشري کي گهٽ ۾ گهٽ هڪ هزار سالن جي ضرورت آهي. ڏاڍي گهُٽ آهي. ٻوسٽ آهي. سوچڻ وارا سارو ڏينهن سوچيندا آهن، پر ٻاهر ٻاڦ نہ ڪڍندا آهن.

روايتي انداز ۾ آتم ڪٿا لکي نہ سگهڻ بابت مون ڏاڍو سوچيو آهي. ڪجهہ سبب مون کي سمجهہ ۾ آيا آهن. اُنهن سببن جو وچور مان اوهان سان ونڊڻ چاهيان ٿو. مون کي محسوس ٿيندو آهي تہ مان پنهنجي آتم ڪٿا پنهنجين ڪهاڻين ۾ لکندو آيو آهيان. انهن ڪهاڻين ۾ مون پنهنجن عقيدن، اعتبارن، محبتن ۽ نفرتن، هاڪار ۽ ناڪار جو اظهار ڪيو آهي.

اڻويهه سئو پنجونجاهه (1955) ۾ لکيل پهرين ڪهاڻي **اندرا** کان وٺي ٻه هزار سورهن (2016) ۾ لکيل ڪهاڻي Fundamental Rights of a Newborn **چاول ٻار جا بنيادي حق** تائين مون پنهنجي رَوَين، لاڙن، عقيدتن، اعتبارن، محبتن ۽ وابستگين جو اظهار ڪيو آهي. ائين به چئي سگهجي ٿو ته مون پنهنجن سوچن، عقيدن، اعتبارن، چاهتن ۽ يقينن جو اظهار مضمونن بدران ڪهاڻيءَ جي پيرايي ۾ ڪيو آهي. هونءَ به دنيا جي هر ليکڪ، يعني ڪهاڻيڪار پنهنجي اندر جو احوال ڪهاڻين ۾ اوتيو آهي. اها ڪا نئين ڳالهه نه آهي. هاڻي، سوال ٿو پيدا ٿئي ته هڪ تخليقڪار يعني ڪهاڻيون ۽ ناول لکڻ واري ليکڪ کي پنهنجي آتم ڪٿا ڪيئن ۽ ڪهڙي پيرايي ۾ لکڻ گهرجي؟ ان سوال جو جواب گهٽ ۾ گهٽ مون وٽ نه آهي. جيئن منهنجون ڪهاڻيون اڌ مان شروع ٿينديون آهن، تيئن منهنجي آتم ڪٿا جي هر هڪ قسط ۽ قصي جي شروعات اڌ مان ٿي آهي. آتم ڪٿا جي ٽئين ڪتاب ۾ به منهنجي خود سر زندگيءَ بابت اهڙا قصا ۽ ڪٿائون شامل آهن جن جي شروعات غير متوقع، بيربط ۽ اتاولي آهي. جهڙي نموني مون الله بيلي زندگي گذاري آهي، تهڙي منهنجي آتم ڪٿا آهي.

ڪوشش ڪرڻ جي باوجود مان روايتن مطابق آتم ڪٿا جي ابتدا پنهنجي جمڻ سان ڪري نه سگهندس. مون کي سخت ناگوار لڳندو آهي ته مان اوهان کي اِهو ٻڌائڻ لاءِ سنڌرو ٻڌان ته مان ڪڏهن، ڪٿي، ڇو ڇاجي لاءِ پيدا ٿيو هوس! مان نه ڄمان ها ته دنيا جو ڪهڙو نقصان ٿئي ها! منهنجي پيدا ٿيڻ کان پوءِ دنيا کي ڇا مليو آهي! مان جڏهن مري ويندس تڏهن ڪائنات ۾ ڪهڙي تبديلي ايندي! الله بيلي زندگي گذارڻ وارا برسات جي بوند وانگر هوندا آهن. هڪڙي ڏينهن بي انت بحر ۾ گم ٿي ويندا آهن. نه ڏس، نه پتو. آتم ڪٿا جي ڪنهن قسط ۾ مان اوهان کي حنا جي باري ۾ ٻڌائيندس. سمورين ڪهاڻين ۾ آيل قصا ته مونکي ياد نه آهن. پر ڪجهه ڪجهه ڪهاڻين ۾ آيل قصا مونکي ياد آهن. حنا هڪ کان وڌيڪ منهنجين ڪهاڻين ۾ آئي آهي. هوءَ ڪهاڻي **جڏهن مان نه هوندس** ۾ آئي آهي، پر جزوي طور تي. حيرت ۽ اتفاق جي ڳالهه آهي ته جڏهن مان نه هوندس لکڻ ۽

شايع ٿيڻ کان اڳ مان حنا سان نہ مليو هوس. مون کي فقط ايتري خبر هئي ۽ آهي تہ سهٽيون من موهٽيون عورتون خفيہ ادارن لاءِ سڄي دنيا ۾ ڪم ڪنديون آهن. مان اهڙين عورتن سان بہ مليو آهيان جيڪي زندگيءَ جي ڪُنَ ۾، زندگيءَ جي ڀنور ۾ ڀنواٽيون کائي خود هڪ ڪهاڻي ٿي پونديون آهن. پنهنجي ماضيءَ تي پڙدو وجهي اوهان کي اهڙا اهڙا قصا ۽ آپبيتي ٻڌائينديون آهن جو واٽڙو ڪري وجهنديون آهن. رتن تلاءُ پرائمري اسڪول ڪراچيءَ کان وٺي ڪراچي يونيورسٽي ۽ پوءِ فلوريڊا يونيورسٽيءَ تائين مان ڪو ايجوڪيشن سسٽم، يعني ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي گڏيل تعليمي نظام ۾ پڙهيو آهيان. ريڊيو پاڪستان، ٽيليويزن، ٿيٽر ۽ فلم انڊسٽريءَ سان وابستہ رهڻ سبب مون زندگيءَ سان وابستہ تلخ ۽ شيرين حقيقتن جو لقاءُ ڏٺو آهي. مون ڪوڙ ۽ سچ کي هڪٻئي جي ٻانهن ۾ ڏٺو آهي. مون دوکي جي ديوارن کي ٺهندي ۽ ڍهندي ڏٺو آهي. مون پريم پرندي ڏٺا آهن. قسم ڪڄندي ڏٺا آهن. نتيجو اهو نڪتو جو حياتيءَ جي لاهن ۽ چاڙهن ۾ جيئڻ جو جتن ڪرڻ وارا ۽ واريون منهنجن قصن ۽ ڪهاڻين جا ڪردار ٿي پيا آهن. حنا هنن مان هڪ هئي، ۽ آهي.

ناول **نيٺ گونگي ڳالهايو** لکڻ تائين مان حنا سان ملي چڪو هوس. هوءَ ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ ۾ منهنجي ڪليگ هئي. منهنجي ويجهو هئي ـ تمام ويجهو هئي. اسٽيشن ڊائريڪٽر طاهر شاهہ خاص اِهو چئي حنا کي منهنجي ڪمري ۾ آڻي ويهاريو هو تہ "يار تون ڏاڍو شريف ماڻهو آهين. حنا هتي نيڪ رهندي" مونکي پنهنجي شرافت سبب وڏي آزمائش مان لنگهڻو پيو هو. مون ٻي سال Dual يعني ٻٽي زندگي گذاري هئي ـ هڪ زندگي جيڪا مان گهر ۾ گذاريندو هوس، ۽ ٻي زندگي جيڪا گهر کان ٻاهر حنا سان گذاريندو هوس. ڏاڍو اذيتناڪ ۽ روحاني تڪليف ڏيڻ وارو دور هو. ولوڙجي رهيو هوس. آتم ڪٿا جيءَ ڪنهن قسط ۾ ريڊيو پاڪستان ۾ گذاريل عرصي جو ذڪر ڪندس. ان ذڪر ۾ حنا جو احوال بہ ايندو.

اٽويهہ سئو چوهتر ۾ مونکي ريڊيو پاڪستان اسلام آباد گهرائي ورتائون. سال کن ريڊيو پاڪستان اسلام آباد سان گذاري، مون وڃي پيپلز

اوپن يونيورسٽيءَ ۾ نوڪري ڪئي. يونيورسٽيءَ اڃا ڪم شروع نہ ڪيو هو. تيارين جي مرحلي ۾ هئي. تهي پي مون کي ميڊيا انسٽيٽيوٽ (ايجوڪيشنل ٽيڪنالاجي) جو ڊائريڪٽر ڪري رکيائون ۽ يونيورسٽيءَ لاءِ ريڊيو ۽ ٽيليويزن جا اسٽوڊيو ناهرائڻ لاءِ ۽ پروفيسرن کي ميڊيا ذريعي پڙهائڻ جو درس ڏيڻ لاءِ چيائون. جنهن ڏينهن (1975) مون ريڊيو پاڪستان اسلام آباد کي خير آباد ڪيو. تنهن ڏينهن خبر پيئي تہ حنا کي پروموشن ڏيئي ريڊيو پاڪستان جي افغان پرشين سروس لاءِ اسلام آباد گهرائي ورتو هئائون. هوءَ ماءُ طرفان ايراني ۽ پيءُ طرفان افغاني هئي. اوهان حنا جهڙي خوبصورت عورت زندگيءَ ۾ ورلي ڏٺي هوندي.

ذوالفقار علي ڀٽو برطانيہ ۾ دنيا جي پهرين اوپن يونيورسٽي ڏسي آيو هو. ڪيس ڏاڍي ٽڪڙ هئي تہ ڪيئن بہ ڪري پاڪستان ۾ هڪ اوپن يونيورسٽي هڪدم کولجي، ۽ لکين ماڻهن کي ريڊيو ۽ ٽيليويزن ذريعي پڙهائجي. اسلام آباد جي سيڪٽر 8 (انين) ۾ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاءِ تمام وڏي هاسٽل ٺهي رهي هئي. تعمير جو ڪم هلندي هاسٽل جي پهرين بلاڪ ۾ پيپلز اوپن يونيورسٽي کوليائون. مون کي هاسٽل ۾ ريڊيو ۽ ٽيليويزن اسٽوڊيو ناهڻ لاءِ چيائون. مون پهرين بلاڪ جي گرائونڊ فلور تي هاسٽل جي ڊائيننگ روم کي ريڊيو ۽ ٽيليويزن اسٽوڊيوز ۾ بدلائي ڇڏيو. ڪچن يعني رنڌڻي کي ڪنٽرول روم ۾ تبديل ڪيو. اُتي هينئر نيشنل بينڪ ڪم ڪري رهي آهي. ڇت ۽ ڀتين تي ڪٿي ڪٿي اڄ بہ سائونڊ پروفنگ لاءِ لڳايل پرفوريٽيڊ شيٽ لڳل آهن. رواجي ڪيميرائن ۽ سائونڊ سسٽم سان مون پروفيسرن ۽ ليڪچرارن کي ريڊيو ۽ ٽيليويزن ذريعي پڙهائڻ جي تربيت ڏيڻ شروع ڪئي. ان دوران يونيورسٽيءَ مون کي آمريڪا جي فلوريڊا يونيورسٽيءَ ۾ ميڊيا ذريعي پڙهائڻ جي جديد سسٽم ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ آمريڪا موڪليو. هڪ لحاظ سان پاڪستان مان نڪري وڃڻ منهنجي حق ۾ بهتر ثابت ٿيو. حنا کان پري ٿي وڃڻ تمام ضروري هو. پنهنجي حضور شرميءَ سبب مونکي سڄي ڄمار اڄاين امتحانن ۽ بي معنيٰ آزمائشن مان

لنگهڙو پيو آهي. ڪنهن جي دل ڏکائڻ، ڪنهن کي تڪليف ۾ وجهڻ منهنجي عقيدي ۾ گناهه آهي.

اوهان کي احساس ٿيو هوندو ته سلسليوار آتم ڪٿا لکڻ هن فقير، هن يڪشوءَ جي وس جي ڳالهه نه آهي- هيءُ يڪشو پنهنجي ڪٿا سَرَءَ جي سڪل پنن تي لکندو رهندو- واءُ ۾ اڏامندو رهندو- ڪو پن ابتدا هوندو ته ڪو پن انتها هوندو. منهنجي هر هڪ ڪهاڻيءَ ۾ ڪٿي نه ڪٿي منهنجي آتم ڪٿا جي ريکا آهي، واضح اشارو آهي. منهنجي عقيدي بابت اوهان وڌيڪ نه سوچيو منهنجيون ڪجهه ڪهاڻيون پڙهي ڏسو- پل صراط، منهنجو پٽ مهدي، تاريخ جو ڪفن، اندرا، ڊاڪٽر ڀڳوانداس جو موت (اڻ چپيل) ۽ چاول بار جا بنيادي حق (اڻ ڇپيل)، ۽ ٻيون انيڪ ڪهاڻيون. اسين زندگيءَ ۾ هڪ وشال، وڏي ۽ ڀرپور محبت ڪندا آهيون. باقي ملير محبتون اُن وشال محبت جو عڪس، پاڇو ۽ پڙلاءُ هونديون آهن. منهنجي هر ڪهاڻي ان ڳالهه جي تصديق آهي. اهوئي سبب آهي جو منهنجي هر تحرير تي سنڌو چانيل آهي. باقي سڀ ڪجهه ثانوي آهي.

07.06.2016

# جڏهن مون خودڪشي ڪئي هئي

زندگيءَ جا اسي سال! زندگيءَ جا اسي ميل! پوئتي منهن ورائي ڏسان ٿو. زندگيءَ جي پيچرن تي پيرن جا نشان نظر اچن ٿا. گذري ويل هڪ هڪ گهڙي ڏسڻ ۾ ۽ هڪ هڪ گهڙيءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿي. سڀ ڪجهه ڪالهوڪي ڳالهه محسوس ٿئي ٿو. زندگيءَ جا ڪجهه واقعا، ڪجهه حادثا، ڪجهه خوشيون ۽ ڪجهه غم وسري ويندا آهن، ۽ ڪجهه هميشه لاءِ ياد رهجي ويندا آهن. ڪجهه زخم ڀرجي ويندا آهن. ڪجهه زخم نه ڀربا آهن، هميشه لاءِ تازا رهندا آهن. ڪجهه زخم مستقل ڇاپ ڇڏي ويندا آهن. ڪنهن اڻ پوريون تمنائون ياد رهنديون آهن، ڪجهه وسري وينديون آهن. زندگيءَ ۾ چاڙها آهن، ته لاها به آهن. ڪِربو آهي، ته اُڀبو به آهي. ٻڏبو آهي، ته تربو به آهي. زندگي روشنيءَ مان گذرندي آهي، ته اوندهه مان به لنگهندي آهي. ڏينهن ۾ به دفعا روشني ۽ اوندهه هڪٻئي تي حاوي ٿينديون آهن. اِهي زندگيءَ جو . علامتي ڪيفيتون آهن. اسر ويل روشني اوندهه تي حاوي ٿيندي آهي. ، سانجهيءَ ويلي اوندهه روشنيءَ تي ڇانئجي ويندي آهي. اسر اسان جي اچڻ جي علامت آهي. اسان جي جنم جي علامت آهي. سانجهي اسان جي اُسهڻ جي علامت آهي. اسان جي مرڻ جي علامت آهي. موت جي علامت آهي.

ڪجهه عقيدن موجب اسين مرڻ کان پوءِ ٻيهر جنم وٺندا آهيون. ائين آهي، نه آهي، ان ڳالهه سان اسان جو في الحال ڪو بحث ناهي. اسين هن زندگيءَ ۾ انيڪ دفعا حالتن هٿان مري ويندا آهيون. مري وڃڻ کان پوءِ هن ئي حياتيءَ ۾ ٻيهر جنم وٺي جيئرا ٿي پوندا آهيون. اسان کي ماري وجهڻ واريون حالتون، حادثا، وارداتون يا ته اوچتو اسان تي نازل ٿينديون آهن، يا

کان انجام وٺي ڇڏيو تہ مان پاڪستان ٿيٽرس جي ڊرامي ”ايک ڪمهار، سب کهلونے“ ۾ ڪم ڪندس. منهنجي فيصلي جي حمايت فقط ٻن دوستن ڪئي، هڪ قمر شهباز ۽ ٻيو ميزان الرحمان.

ميزان الرحمان ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ايڪنامڪس ڊپارٽمينٽ ۾ منهنجو ڪلاس ميٽ هوندو هو. بنگالي هو. تنهنڪري فائن آرٽس Fine Arts ۽ پرفارمنگ آرٽس Performing Arts سندس سرشت ۾ شامل هئا. عاليشان بيٽس مين Batsman هو. مون سان گڏ فيڪلٽيز ڪراچي يونيورسٽيءَ جي ڪرڪيٽ ٽيم لاءِ Open ڪندو هو. يعني بيٽنگ جي شروعات ڪندو هو. گڏ کيڏندي ۽ ٽيڪرون ڪندي اسين پاڻ ۾ گهرا دوست ٿي پيا هئاسين. ايم اي جي ڊگري وٺي سمورا ساٿي روزگار جي سلسلي ۾ ڇڙوڇڙ ٿي ويا سين. پر، ميزان، مان ۽ قمر شهباز صدر ڪراچيءَ ۾ شامون گڏ گذاريندا هئاسين. ميزان ۽ قمر کي منهنجو فيصلو وڻيو هو. پر. بابا کي منهنجو فيصلو قطعي نہ وڻيو هو. ميزان ۽ قمر گهرياتين وانگر اسان وٽ ايندا هئا. تنهنڪري ٻئي جڻا بابا جا بہ جڻ نوجوان ياٽتيا ۽ دوست هئا. هنن بابا کي ايلاز ڪري پاڪستان ٿيٽرس جي فقط هڪ ڊرامي ۾ ڪم ڪرڻ جي اجازت وٺ ڏني.

جيئن تہ منهنجي آتم ڪٿا جو منهن مٿو ڪونهي تنهنڪري عين ممڪن آهي تہ اڳتي هلي ميزان الرحمان جو ذڪر نہ اچي. يا رهجي وڃي. تنهنڪري، مان ميزان جي باري ۾ ڳالهائيندس. جيستائين مشرقي پاڪستان ۾ بغاوت ۽ بغاوت کان پوءِ آزاديءَ لاءِ جنگ شروع نہ ٿي هئي تيستائين ميزان ۽ مان ذري گهٽ روزانو ملندا هئاسين. ميزان يونائيٽيڊ بئنڪ جو مينيجر هو. مان ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ ۾ هوس. پراڻن ڪتابن جي دڪانن ۽ ميوزڪ سينٽرن ۾ موسيقيءَ جا آڊيو ڪيسٽ ڳوليندي، چوندبيندي ۽ ٻڌندي ڪلاڪن جا ڪلاڪ گڏ گذاريندا هئاسين. رات جي ماني بہ ڪڏهن ڪيفي جارج ريسٽورنٽ، تہ ڪڏهن فريڊرڪس ڪيفيٽريا ۾ کائيندا هئاسين. ڪڏهن ڪڏهن ڪا سني انگريزي فلم ڏسڻ ويندا هئاسين. جڏهن بنگال ۾ بغاوت شروع ٿي هئي، تڏهن ميزان ڏاڍو پريشان رهڻ لڳو هو. هن جا ويجها مٽ مائٽ

ڍاڪا ۾ هئا. هن جا پائر بہ اتي يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر هئا. ميزان الرحمان جو هڪ ڀاءُ ميجر ضيا الرحمان پاڪستان جي فوج ۾ هو. اهم عهدي تي هو. جيئن جيئن مشرقي پاڪستان ۾ بنگالين جي بغاوت باهہ وانگر پکڙجندي رهي، تيئن تيئن ڪراچيءَ ۽ اسلام آباد ۾ بنگالين خلاف وٺ پڪڙ وڌندي ويئي. پڙهيل ڳڙهيل بنگالين کي الاءِ ڪهڙين ڪال ڪوٺڙين ۾ قابو ڪري ڇڏيائون. اهم عهدي تي ويٺل بنگالين کي پاسيرو ڪري ڇڏيائون. مشرقي پاڪستان حڪومت جي هٿن مان نڪرندو پئي ويو. بنگال ۾ ڪو اهڙو گهر باقي نہ بچيو هو جنهن بغاوت جي پٺ پرائي نہ ڪئي هجي. نيٺ حڪومت کي فوج لاهڻي پئي. فوج جي ڪارروائيءَ بغاوت جي باهہ کي وڌيڪ ڀڙڪائي ڇڏيو. ڏسنديئي ڏسندي مشرقي پاڪستان جي گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ دوبدو جنگ شروع ٿي ويئي. اهڙي صورت حال ۾ هندستان جنگ ۾ ڪاهي پيو. مشرقي پاڪستان ۾ بنگالين جي بغاوت هندستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾ جنگ ڇيڙي ڇڏي. ڪراچيءَ ۾ بنگالي ڪٽنبن ۾ خوف ۽ هراس ڦهلجي ويو. ڪراچيءَ جي دور دراز علائقن ۾ بنگالين لاءِ ڪيمپون قائم ڪري هر طرف کان لوهہ جي ڇهنبائي تارن جا لوڙها ڏيئي ڇڏيائون. وٺ وٺان ۽ پڇ پڇان ۾ ميزان الرحمان الاءِ ڪهڙي ڪَيمپ ۾ ويجي ڦاٿو ۽ اتان الاءِ ڪيڏانهن هليو ويو. ان کان پوءِ اسان جو پاڻ ۾ وري ڪَڏهن رابطو ٿي نہ سگهيو. جنگ ختم ٿي. مشرقي پاڪستان ڦري بنگلہ ديش ٿي پيو. ميزان الرحمان جي باري ۾ مونکي ڪا خبر نہ ملي. بنگلہ ديش ۾ ٻن فوجي بغاوتن جي نتيجي ۾ ميزان الرحمان جو ڀاءُ جنرل ضيا الرحمان بنگلہ ديش جو صدر ٿيو. مونکي ڪيترا دفعا خيال آيو تہ خط لکي صدر ضيا الرحمان کان سندس ننڍي ڀاءُ ميزان الرحمان جي خبر چار وٺان. پر، ائين ڪندي مون کي مناسب نہ لڳو. ان وقت پاڪستان، هندستان ۽ بنگلہ ديش جي وچ ۾ بدترين قسم جي ڇڪتاڻ هلي رهي هئي. پوءِ جڏهن ميزان الرحمان جي ڀاڀي يعني جنرل ضيا الرحمان جي زال خالده ضيا بنگلہ ديش جي وزيراعظم ٿي هئي، تڏهن بہ مون کي بار بار خيال آيو هو تہ ڪانئس ميزان جو حال احوال پڇان. ان کان اڳ جو مان بنگلہ ديش جي وزيراعظم خالده ضيا سان رابطو ڪريان، هڪ بنگالي دوست انيس

الرحمان ذريعي مونکي خبر ملي تہ ميزان پنهنجي پاءُ جنرل ضيا الرحمان ۽ پاجائي خالده ضيا سان ملڪي معاملن تان ناراض ٿي بنگلہ ديش ڇڏي ڪيڏانهن هليو ويو هو.

پاڪستان ٿيٽرس جو ڊائريڪٽر ۽ ڪرتا ڌرتا اقبال اي خان ناظم آباد ۾ رهندو هو. پنهنجي گهر جو ڊرائينگ روم ننڍڙي ٿيٽر ۾ بدلائي ڇڏيو هئائين. آرٽسٽن کي ويهاري ڊرامي جو مفهوم سمجهائيندو هو- ورجائي ورجائي سمجهائڻي ڏيندو هو. سندس نظريو هو تہ جيستائين آرٽسٽ (اداڪار) ڊرامي ۾ ڪهاڻيءَ جي روح تائين پهچي نہ سگهندو تيستائين ڪهاڻيءَ جي ڪردار سان ۽ پاڻ سان انصاف ڪري نہ سگهندو. مطلب هوندو هوس تہ ڪهاڻيءَ جي روح ۾ لهڻ کان سواءِ ڪو بہ شخص سني اداڪاري ڪري نہ سگهندو. پهرين مرحلي کي ڊائريڪٽر اقبال اي خان ڊرامي جو بنياد مڃيندو هو. ڊرامي جي ڪهاڻي سمجهائڻ کان پوءِ سوالن جوابن جو مرحلو شروع ڪندو هو. آرٽسٽن کي همٿائيندو هو تہ هو ڪانئس ڊرامي بابت سوال پڇن. تمام سخت طبيعت هوندي هئس. هو پنهنجي ذهن ۾ ڊرامي جو مڪمل خاڪو ٺاهي وٺندو هو. ڊرامي جي تياريءَ دوران پنهنجي خاڪي جي برعڪس ڪا بہ ڳالهہ قبول نہ ڪندو هو. آرٽ ڏانهن سندس ان قسم جو رويو ڏسي مون کي ڏاڍو تعجب ٿيندو هو. آرٽ ڪنهن بہ صورت ۾ سائنس ۽ ميٿميٽڪس جي اصولن مطابق نہ هلندو آهي. آرٽ ۾ لچڪ Flaxability هوندي آهي. پر اِها بہ حيرت انگيز ڳالهہ آهي جو آرٽ سان وابستہ ماڻهو آرٽ بابت سدا ۽ اڻ سدا اصول ٺاهي وٺندا آهن. آرٽ جو دائرو تمام وسيع آهي- هن ڪائنات کان بہ وسيع آهي. ٿيٽر، فلم، ريڊيو، ٽيليويزن، پينٽنگ، اسڪلپچر (سنگتراشي يا مجسمہ سازي)، موسيقي، شاعري، گائڪي، قضا، ڪهاڻيون، ڪتائون، ناول آرٽ جي وسيع دائري جا عنصر آهن.

هڪدفعي مون اقبال اي خان سان آرٽ ۾ ايڏيءَ سختيءَ بابت ڳالهايو هو. ان وقت هو بہ چار پيگ (شراب جا) پي وينو هو. منهنجو سوال بڌي ڪجهہ دير لاءِ تبيءَ ۾ پئجي ويو. اباڻڪو ٿي پيو. پورا پنجونجاهہ سال پراڻي ڳالهہ آهي. سن 1961 ۽ 1962 جي پراڻي ڳالهہ آهي. تمام ڊرامائي

لهجي ۽ آواز ۾ ڳالهائيندو هو. هوبهو سندس جواب مان لکي نہ سگهندس. پر سندس جواب جو مفهوم مونکي ياد آهي. هن ڏکي پريم نگري کان هڪ اسٽيج ڊرامي لاءِ اسڪرپٽ لکرايو هو. ڏکي پريم نگري منهنجي يونيورسٽيءَ واري دور جي هڪ اسٽوڊنٽ ليڊر ۽ بيمثال اردو ڊيبيٽر معراج محمد خان جو وڏو ڀاءُ هو. معراج محمد خان جون ڳالهيون مان اوهان سان ٻئي ڪنهن دفعي ڪندس. ذوالفقار علي ڀٽي جو ٻانهن ٻيلي هو. هن ئي ذوالفقار علي ڀٽي کي عوامي جلسن ۾ اچي ماڻهن سان دوبدو ڳالهائڻ لاءِ اتساهہ ڏنو هو. ڪيس اردوءَ ۾ ڳالهائڻ لاءِ ڏانءُ ڏنو هو. حيدرآباد ۾ پهرين جلسي لاءِ ذوالفقار علي ڀٽي کي هٿ کان وٺي اسٽيج تي آڻي ويهاريو هئائين. ذوالفقار علي ڀٽو ماڻهن جو سمنڊ ڏسي پنڊ پهڻ ٿي ويو هو. تڏهن معراج محمد خان ماڻهن ڏانهن اشارو ڪندي ذوالفقار علي ڀٽي کي چيو هو تہ ، "ان سے بات کریں۔ یہ عوام آپ کی طاقت ہیں۔"

وڏيرن، سردارن، پيرن ۽ ميرن جي ور چڙهي وڃڻ کان پوءِ ذوالفقار علي ڀٽو اهو عوامي ڀٽو نہ رهيو. ڪابي ڏر جي ذهين، قابل ۽ دانش مندن ڏانهن سندس جهڪاءُ عارضي هو. معراج محمد خان کي ڏاڍي تڪليف ڏني هئائين. ان باري ۾ تفصيلي ڳالهيون ٻئي ڪنهن دفعي ڪبيون. في الحال ٻاڻ معراج محمد خان جي وڏي ڀاءُ ڏکي پريم نگري ۽ پاڪستان ٿيٽرس جي ڊائريڪٽر اقبال اي خان جي باري ۾ ڳالهيون ٿا ڪريون.

ڏکي پريم نگريءَ جو ڊرامو (ڊرامي جو نالو شايد "جال" هو) مشرقي پاڪستان جي پس منظر ۾ لکيل هو ۽ مهاڻن جي باري ۾ هو. تياريون شروع ٿي ويون. هيروئن لاءِ اقبال اي خان اُن دور جي سهڻي ريڊيو ۽ اسٽيج آرٽس طلعت صديقيءَ کي کنيو. هوءَ اول بہ اقبال اي خان جي ڊرامن ۾ ڪم ڪري چڪي هئي. زور شور جي تيارين ۾ گڙٻڙ تڏهن ٿي پيئي جڏهن ڊرامي ۾ ڪاسٽيوم (لباس) جي ڳالهہ نڪتي، اسڪرپٽ مطابق هيروئن کي بلاؤز بنا ساڙهي پائڻي هئي. طلعت صديقيءَ ئهہ پهہ اهڙو لباس پائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. اقبال اي خان جي ڪل ٿڙي ويئي. پنهنجن اسسٽنٽن سمجهايس تہ ساڙهيءَ سان بلاؤز پائڻ ڪري ڊرامي تي ڪو اثر نہ پوندو. سندس ماتحتن اهو بہ سمجهايس تہ

ڊرامي ۾ هيروئن جو مڙس شرابي آهي. اڪثر زال کي مارڪٽ ڪندو آهي. مارڪٽ ڪندي اسٽيج تي اتفاق سان ساڙهيءَ جو پلئه هيٺ ٿيو تہ وڏو مسئلو مچي پوندو. پر اقبال اي خان ضد تان نہ لٿو. پٿر جو پيپر ويٽ ميز تي سامهون رکي پنهنجن ماتحتن کي چيائين. "میں اقبال اے خان ہوں۔ میں چاہوں تو یہ پتھر بھی ایکٹنگ کر سکتا ہے۔"

طلعت صديقي ڊرامو ڇڏي هلي ويئي. اقبال اي خان هيروئن جي تلاش ۾ ڪراچيءَ جي ڪا ڪنڊ نہ ڇڏي. ويندي جو نيپئر روڊ جي ڳاڙهي بازار ۾ بہ وڃي پهتو. ٺپ جواب مليس. آپي مان نڪري ويو. هڪ مائيءَ چيس: ٺيڪ آهي. درست آهي تہ اسين ڪپڙا لاهي ڇڏينديون آهيون. پر چئن ڀتين جي اندر. اسٽيج تي نہ. هرگز نہ.

ڊرامو "جال" اسٽيج نہ ٿي سگهيو۔ هڪ بلائوز جي ڪري.

اقبال اي خان مون ڏانهن ڏسندي چيو هو: مان رميش مهتا جي ڊرامي جي ايڊاپٽيشن ڪري رهيو آهيان (ایک کمہار سب کھلونے). تون انڪار ڪري ڇڏين ها. تہ مان ڊرامون هرگز نہ ڪريان ها.

ڊرامو (ایک کمہار سب کھلونے) فٽپاٿ تي زندگي گذارڻ وارن جي باري ۾ هو. طبقاتي هيٺ مٿاهين بابت هو. ڊرامي جو مفهوم ذهن نشين ڪرائڻ کان پوءِ ڪردارن جي نفسياتي ڪيفيت ۽ سماج ڏانهن رويي بابت ليڪچر ڏيندو هو. ان کان پوءِ اسڪرپٽ جي ريڊنگ شروع ٿيندي هئي. لفظن جي اُچار ۽ ادائگيءَ تي زور ڏيندو هو. اهو ڪم اٽڪل ڏهہ پندرهن ڏينهن هلندو هو ۽ ان وقت تائين هلندو هو جيستائين مڪالما آرٽسٽن کي ياد بلڪ ذهن نشين نہ ٿيندا هئا. ان مشق دوران ڏينهن ۾ بہ وقفا ٿيندا هئا. هڪ لنچ. ۽ ٻيو چانهن جو وقفو. مشق ختم ٿيڻ کان پوءِ اسان کي چانهن پيئاري روانو ڪري ڇڏيندو هو. ڏاڍو عجيب ۽ هورا ڪورا ۾ وجهڻ وارو ماحول هوندو هو. ڊرامي جي هيروئن هئي ريحانہ صديقي. طلعت صديقيءَ جي ننڍي ڀيڻ. ريحانہ هئي تہ سانوري. پر سلوڻي ۽ پرڪشش هئي. ريڊيو پاڪستان جي ڊرامن ۾ بہ ڪم ڪندي هئي. ٻنهي ڀينرن جو سڄي ڪراچيءَ ۾ اسٽيج

ڊرامن ۾ ڪو مَٽُ نہ هو (هنن جهڙو نہ هو). ٽيليويزن اچڻ کان پوءِ بنهي پينرن ڪافي عرصي تائين ٽيليويزن ڊرامن ۾ ڪم ڪيو ۽ وڃي لاهور جي فلم انڊسٽريءَ ۾ پهتيون، جتي گم ٿي ويون.

ريحانہ ذهين هئي. گهٽ ڳالهائيندي هئي. ڪم سان ڪم رکندي هئي. لنچ ۽ چانهن جي وقفي دوران ريڊيو گرام جي پاسي کان رکيل صوفي تي وڃي ويهندي هئي. ريڊيوگرام کولي هڪئي رڪارڊ هلائيندي هئي ۽ لتا منگيشڪر جو هڪئي گيت بار بار ٻڌندي هئي: مٹی سے کھیلتے ہو بار بار کس لیے۔ ٹوٹے ہوئے کھلونوں سے پیار کس لیے۔

گيت ايتريقدر ڏک سان ڀريل هوندو هو جوسمورو ماحوُل اُداس اُداس لڳندو هو. ڏري گهٽ سمورا آرٽسٽ ۽ اسٽيج ڊرامي سان وابستہ ٽيڪنيشن ۽ مددگار لنچ بريڪ دوران پنهنجو پنهنجو لنچ باڪس کڻي. يا برياڻيءَ جي پليٽ کڻي ٽيريس تي وڃي ويهندا هئا. شام جي ٽي بريڪ دوران بہ ائين ٿيندو هو. ڊرامي سان وابستہ هر شخص پنهنجو پنهنجو ڪپ کڻي ٽيرس تي وڃي ويهندو هو. پر، ريحانہ ٻين سان گڏ ٽيريس تي ٻاهر اچي نہ ويهندي هئي. هوءَ ڊرائنگ روم ۾ رکيل ريڊيوگرام جي پاسي کان صوفي تي وڃي ويهندي هئي. هڪئي گيت ريڊيوگرام تي هلائيندي هئي. مٹی سے کھیلتے ہو بار بار کس لیے۔ ٹوٹے ہوئے کھلونوں سے پیار کس لیے۔ چانهن جي سپ سپ ڀريندي هئي، ۽ سوچيندي رهندي هئي. جيستائين لنچ ۽ ٽي جو وقفو هلندو هو، ريحانہ ورائي ورائي لتا منگيشڪر جو گيت ٻڌندي رهندي هئي. مٹی سے کھیلتے ہو بار بار کس لیے۔ ٹوٹے ہوئے کھلونوں سے پیار کس لیے۔ تمام ذهين هئي. ريهرسل دوران بہ ٽي دفعا پڙهڻ کان پوءِ اسڪرپٽ ياد ڪري وٺندي هئي. هئي پنجابڻ پر اردو لهجو اهڙو هوندو هوس، جڻ اردو سندس مادري ٻولي هئي.

ٿيٽر ۽ اسٽيج سان گذاريل بہ اڍائي سال مونکي تباهيءَ جي ڪاهيءَ تائين ڏڪي ڇڏڻ وارا سال هئا. اهي ڳالهيون آهن، اٺويھ سئو ايڪهٺ کان اٺويھ سئو تيهٺ واري دور جون. اِن دوران مون محسوس ڪيو تہ ٿيٽر ۽ ڊرامي

سان وابستہ ماڻهن جي معاشري ۾ عزت نہ هئي. ڊرامون ڏسڻ کان پوءِ پربيل ٿيٽر ۾ خوب تاڙيون وڄائي داد ڏيڻ وارا آرٽسٽن کي تماشو سمجهندا هئا. هنن لاءِ هڪ آرٽسٽ جي حيثيت تماشي کان علاوه ڪجهہ نہ هئي. آرٽسٽن ۾ سيني کان وڌيڪ بري حالت هئي ڇوڪرين ۽ عورتن جي. غنڊا سدائين سندن پيڇو ڪندا هئا. شاهوڪار امير ۽ ڪبير ڪين رات جي رونق بڻائڻ لاءِ تاڙ ۾ رهندا هئا. اڄ تائين، پنجونجاهہ سال گذري وڃڻ جي باوجود معاشري جي روش ۽ سوچ ۾ ترجيتري تبديلي نہ آئي آهي. اڳتي هلي آرٽ ۽ آرٽسٽن جي دنيا کي ويجهڙائيءَ سان ڏسڻ جو موقعو مونکي تڏهن مليو هو. جڏهن وفاقي حڪومت اوپن يونيورسٽيءَ کان ٽن سالن لاءِ اُڌار تي گهُرائي يعني Deputation تي ٺُهرائي مونکي پاڪستان نيشنل ڪائونسل آف دي آرٽس هلائڻ جي ذميداري ڏني هئي- پاڪستان نيشنل ڪائونسل آف دي آرٽس مرڪزي حڪومت جو فن. فنڪارن متعلق وڏي ۾ وڏو ادارو آهي. هن اداري ۾ موسيقي، پينٽنگ، اسڪلپچر يعني مجسمہ سازي، پپيٽري يعني پتلين هلائڻ جو هُنر، ڊرامو ٿيٽر ۽ ڪوريوگرافي يعني رقص جي ڪلا جا شعبا آهن. ان کان علاوه پاڪستان ۽ دنيا جي ٻين ملڪن درميان ثقافتي معاهدن تي عمل درآمد ڪرائڻ بہ پاڪستان نيشنل ڪائونسل آف دي آرٽس جي ذمي آهي.

پنهنجي ثقافتي وفد سان ٻاهرين ملڪن جا دورا ڪندي حيرت انگيز مشاهدا ٿيا هئا. خاص طرح سان يورپ ۾. هڪ دفعي بين الاقوامي ثقافتي فيسٽيول دوران مون کي پنهنجي وفد سميت ڪافي ڏينهن تائين بيلجيم ۽ فرانس ۾ رهڻو پيو هو. اهڙن دورن دوران مون ڏٺو تہ بيلجيم ۽ فرانس کان علاوه سمورن يورپي ملڪن جي معاشري ۾ سيني کان مٿاهون ۽ اتم درجو ٽيچر جو آهي. پوءِ اهو ٽيچر ڀلي ڪنهن پرائمري اسڪول جو ٽيچر هجي يا ڪنهن يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر هجي. ڏاڍي عزت ۽ احترام آهي ٽيچرس جو. ٻئي نمبر تي مٿاهون ۽ اتم درجو آهي. ليکڪن جو- هر قسم جي ليکڪن جو. ٽئين نمبر تي معاشري ۾ مٿاهون ۽ اتم درجو آهي.

آرٽسٽن جو هر قسم جا آرٽسٽ ـ ٿيٽر، ٽيليويزن ۽ فلمن جا آرٽسٽ، پينٽر، مجسمه ساز ڳائڻا ۽ موسيقار ۽ چوٿين نمبر تي اچن ٿا سياستدان.

سڄي دنيا جي نامور يونيورسٽين ۾ موسيقي، اداڪاري، ٽيليويزن لاءِ پروگرام ۽ فلمن ٺاهڻ جو هنر سيکاريو ويندو آهي، ۽ تعليم ڏني ويندي آهي، پي ايڇ ڊي تائين. اهڙن ادارن ۾ Visual Arts، پينٽنگ، ۽ مجسمه سازي سيکارڻ لاءِ تعليم جا شعبا آهن. سڄي سموري پاڪستان ۾ سِواءِ ميو بعد ۾ لاهور ڪاليج آف آرٽس جنهن کي ڪجهه سال اڳ يونيورسٽيءَ جو درجو ڏنو ويو هو پاڪستان جي ڪنهن به يونيورسٽيءَ ۾ ٿيٽر، ٽيليويزن، فلم، ايڪٽنگ، موسيقي، پينٽنگ، مجسمه سازي، ۽ رقص جي تعليم نه ڏني ويندي آهي. اسان جي ملڪ ۽ معاشري ۾ فائن آرٽس ۽ پرفارمنگ آرٽس کي عزت جي نگاهه سان نه ڏٺو ويندو آهي.

ايڪويهين صديءَ ۾ پاڪستان ۾، فنڪارن کي في جي صورت ۾ اجرت ملڻ شروع ٿي آهي ـ ڪنهن کي گهٽ ته ڪنهن کي وڌ. پر، ويهين صديءَ ۾ فنڪارن کي پنهنجي اجرت لاءِ ڌڪا کائڻا پوندا هئا. هو آسرن ۽ پورا نه ٿيندڙ واعدن تي زندگي فاقه ڪشيءَ جي چانئٺ تي گذاري ڇڏيندا هئا. پاڪستان ٿيٽرس جي ڊرامن ۾ ڪم ڪرڻ وارن مرد آرٽسٽن کي مون تمام گهٽ معاوضي تي ڪم ڪندي ڏٺو هو. ڪي آرٽسٽ بنهه مفت ۾ اِن آسري تي ڪم ڪندا هئا ته شايد سندن فنڪاري ۽ اداڪاري ڏسي ڪنهن پروڊيوسر يا ڊائريڪٽر کي وڻي وڃي ۽ اڳتي هلي کين اُجرت وارا ڪردار ڪرڻ لاءِ ملي وڃن. پر، ائين ٿيندو نه هو. هو مجبور ٿي، پيٽ پالڻ لاءِ ڪنهن نه ڪنهن شعبي ۾ ڇوٽي موٽي نوڪري ڪرڻ تي مجبور ٿي پوندا هئا. پاڪستان ٿيٽرس جي ڊرامي "ايک کمہار، سب کھلونے" ۾ اهم ڪردار ڪرڻ واري علي احمد کي ڊائريڪٽر رلائي رلائي ٽڪو پيسو ڏيندو هو. جنهن مان هو برنس روڊ کان ناظم آباد تائين ڊرامي جي ريهرسل لاءِ اچڻ وڃڻ جو ڀاڙو پوري سگهندو هو. ڪراچي يونيورسٽيءَ مان پوليٽيڪل سائنس ۾ ايم اي ڪيل هو. علي احمد ٿيٽر کي خيرآباد ڪري انگلينڊ هليو ويو.

اوهان کي جيڪڏهن بي بي سي ريڊيو ٻڌڻ سان دلچسپي آهي تہ پوءِ اوهان علي احمد جي آواز ۾ بي بي سي جي اردو سروس ۾ سيريبين ضرور ٻڌو هوندو. هُن پنجويهہ سال سيريبين پروگرام ڪيو هو. ريحانہ صديقيءَ ۽ ٻين چوڪرين کي معاوضو ملندو هو پر تمام حقير.

اسٽيج ڊرامن کي مافيا وانگر هلايو ويندو هو. انڪم ٽيڪس کاتي سان ناهہ ڪري ٽڪيٽن بدران دعوت نامہ وڪڻي هفتن جا هفتا ڊرامو هلائيندا هئا. ٽيڪس ٽڪيٽن تي ڏني ويندي آهي يا اوڳاڙي ويندي آهي. پر دعوتنامن تي نہ. اهو ڪم اڄ تائين ائين ئي هلندو اچي. ڪرپشن ٻهرين ڏينهن کان پاڪستان ۾ ڪاهي آئي هئي. ڪو سبب تہ آهي جو پاڪستان ۾ ٿيٽر اُڀري نہ سگهيو آهي. توهان کي اِهو پڙهي حيرت ٿيندي تہ ڪراچيءَ جهڙي شهر ۾ اسٽيج ڊرامي لاءِ هڪ بہ ٿيٽر نہ آهي. پلجو نہ. ڪراچيءَ ۾ بہ چار آڊيوٽوريم آهن، جتي ڪڏهن ڪڏهن ڊراما اسٽيج ٿيندا آهن. پر، اُهي پروفيشنل ٿيٽر نہ آهن. پاڪستان ۾ فقط بہ ٿيٽر آهن ـ هڪ الحمرا لاهور ۾، ۽ ٻيو لياقت ميموريل هال راولپنڊيءَ ۾. باقي آهن ڪاريءَ وارا ڪڪ. ورهاڱي کان اڳ ۽ ورهاڱي کان ڪجهہ سال پوءِ تائين ڪراچيءَ ۾ بہ ٿيٽر هئا. هڪ بندر روڊ تي، (جنهن کي هينئر ايم اي جناح روڊ سڏيندا آهن) ٿيا سافيڪل سوسائٽيءَ جي هال ۾، ۽ ٻيو صدر ۾ سينٽ پيٽرڪ اسڪول کان پرپرو، ڪيٿرڪ هال.

پاڪستان ۾ انتهاپسندي، بنياد پرستي، ۽ مذهبي ڪٽرپڻو هاڻي جون بيماريون نہ آهن. جيئن ڪرپشن ملڪ ۾ ٻهرين ڏينهن کان ڪاهي آئي هئي. تيئن مذهبي ڪٽرپڻو ۽ انتهاپسندي بہ ٻهرين ڏينهن کان اچي پاڪستان ۾ ڪُپ ڪوڙيا هئا. قائداعظم محمد علي جناح جي ٻهرين تقرير جو مسودو شايع ڪرڻ لاءِ اخبارن کي موڪلڻ کان اڳ ايڊٽ ڪيو ويو هو. پر، قائداعظم ڪجهہ ڪري نہ سگهيو هو. مسودي مان ڪڍيل جملا ڪجهہ هن ريت هئا: پاڪستان ۾ هندو، مسلمان، سک، عيسائين، پارسين کي هڪ جهڙا حق هوندا. نہ ڪا اڪثريت هوندي، ۽ نہ ڪا اقليت هوندي. سڀني کي پنهنجي پنهنجي عقيدي مطابق زندگي گذارڻ جي آزادي هوندي.

ان قسم جا جملا قائداعظم جي تقرير مان ايڊٽ ڪري، ڪاٽي، ڇانٽي ڪري مسودو شايع ڪرڻ لاءِ اخبارن کي موڪليو ويو هو. ٻئي ڏينهن اخبارن ۾ پنهنجي ايڊٽ ٿيل تقرير پڙهي قائداعظم ڏاڍو ڪاوڙيو هو. پر، ڪري ڪجهه به نه سگهيو هو. روزِ اول کان بيوروڪريسيءَ پاڻ کي نڪري نروار ڪيو هو. انهن ئي ڏينهن ۾ جماعت اسلاميءَ نعرو بلند ڪيو هو: پاڪستان کا مطلب کيا، لآ اِلهٰ اِلاّ الله ـ اهوئي نعرو داعش ۽ طالبان جو آهي. يعني، پاڪستان ۾ ٻئي ڪا سوچ رکڻ وارن، ۽ عقيدن کي مڃڻ وارن کي پاڪستان ۾ رهڻ نه ڏبو. ان کان پوءِ قائداعظم هڪ سال هڪ مهينو جيئرو رهيو هو سو به سلهه جهڙي بيماريءَ ۾ ورتل.

ٿياسافيڪل هال ۾ هر هفتي مسز گل مينوالا ٿياسافيءَ جي فلسفي جي سمجهاڻي سان گڏ انسانيت جي اهميت تي ليڪچر ڏيندي هئي. ميٽرڪ ڪرڻ کان گهڻو اڳ مون ٿياسافيءَ متعلق مسز گل مينوالا جا ليڪچر ٻڌڻ شروع ڪيا هئا. ٿياسافيءَ جو هڪ مقولو مان پنهنجين لکڻين ۾ اوهان سان ونڊيندو رهيو آهيان: ڪوبه مذهب سچ کان مٿاهون نه آهي. ڪافي سالن کان ان مقولي سان گڏ مون هڪ ٻيو جملو لکڻ شروع ڪيو آهي: ڪوبه مذهب انسانيت کان مٿاهون نه آهي. اِهو جملو اهڙيءَ نموني لکڻ جي ضرورت مون ان ڪري محسوس ڪئي هئي جو اڪثر پڙهندڙ سوال اٿاريندا هئا ته سچ ڇا آهي، جنهن کان ڪوبه مذهب مٿاهون نه آهي.

گل مينوالا جي ليڪچرن کي وڏي پذيرائي ملندي هئي. اخبار ۾ ڪالم شايع ٿيندا هئا. خيالن جي اپٽار ۽ ڏي وٺ ٿيندي هئي. اهو سڀ ڪجهه انتهاپسندن کي قبول نه هو. هنن مهم هلائي ته پارسي عقيدي سان تعلق رکڻ واري هڪ عورت مسز گل مينوالا هر هفتي ڪفر ۽ لادينيءَ جو پرچار ڪندي آهي. تڏهن ڪراچيءَ جي پڙهيل ڪڙهيل ماڻهن ۾ اخلاقي دم خم هوندو هو. هو اخبارن ۾ مُلن کي ڪتا جواب ڏيندا هئا. پوليس کي آگاهه ڪيو ويندو هو ته انتهاپسند ڪنهن به وقت حملو ڪري ٿياسافيڪل سوسائٽي جي هال ۽ لائبريريءَ کي نقصان پهچائي سگهن ٿا. ورهيه وهامي

وِيا. مان اوپن يونيورسٽي اسلام آباد ۾ هوس جو خبر آئي تہ انتهاپسندن ٿياسافيڪل هال تي حملو ڪري ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جي ڊائريڪٽر کي ماري وڌو هو. دهشتگردن ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ وارن کي ايتري قدر تہ خوفزده ڪري ڇڏيو جو هنن ٿياسافيڪل هال جو بورڊ عمارت تان لاهي ڇڏيو ۽ ان جي جاءِ تي جمشيد ميموريل هال جو بورڊ هڻي ڇڏيو. لائبريريءَ جا عاليشان ۽ ناياب ڪتاب ڪوکن ۾ بند ڪري محفوظ هنڌ تي لڪائي ڇڏيا اٿائون. ٿياسافيڪل هال، جتي مرزا غالب بندر روڊ پر ۽ تعليم بالغان جهڙا ڊراما اسٽيج ٿيا هئا هينئر مڪمل طرح ويران ٿي ويو آهي.

ڪيٽرڪ هال بہ پارسين جو هوندو هو. گهڻو ڪري ڪرسچين ۽ پارسي پنهنجا ثقافتي پروگرام، مقدس تهوار ۽ ڊراما ڪيٽرڪ هال ۾ ڪندا هئا. ورهاڱي کان پوءِ پارسين ۽ ڪرسچين جا ثقافتي ڏهاڙا ملهائڻ ۽ اسٽيج ڊراما ڪرڻ وارو سلسلو آهستي آهستي ذري گهٽ ختم ٿي ويو. ڪراچيءَ ۾ اسٽيج ڊراما ڪرڻ وارن ڪيٽرڪ هال جو رخ ڪيو. سنا ڊراما اسٽيج ٿيندا هئا. ورهاڱي کان اڳ اسان جي گهر کان بنهہ سڌ پنڌ تي اليئٽ ٿيٽر هوندو هو. ٿيٽر ۾ گهڻو ڪري هندو ڌرم جا ڌرمي ڊراما اسٽيج ٿيندا هئا. مان بابا سان گڏ وڃي ڌرمي ڊراما ڏسندو هوس. ورهاڱي کان پوءِ اليئٽ ٿيٽر کي ڊاهي ساڳي جاءِ تي اليئٽ سينيما ناهيائون، جنهن ۾ دليپ ڪمار جي فلم بابل گولڊن جوبلي ڪئي هئي. ورهاڱي کان پوءِ مون ورلي اسٽيج ڊرامو ڏٺو هو. هڪ دفعي ڪيٽرڪ هال ۾ هلندڙ "پتھر اور روٹی" ڊرامي جي ڏاڍي هاڪ هلي هئي. ان ڊرامي ۾ اسان جي اين جي وي هاءِ اسڪول جو اڳوڻو فاسٽ بالر اي آر يعني عبدالرحيم قاضي مرڪزي ڪردار ڪري رهيو هو ۽ سندس نائڪہ هئي ريحانہ صديقي. اي آر قاضي اسڪول ۾ مون کان ٻہ ٽي ڪلاس سينيئر هوندو هو ۽ عبدالحفيظ پيرزادي جو ڪلاس ميٽ هوندو هو. اي آر قاضيءَ جي فاسٽ بالنگ تي مون وڪيٽ ڪيپنگ ڪئي هئي. ميٽرڪ ڪرڻ کان پوءِ اي آر قاضيءَ کي برماشيل ڪمپنيءَ پنهنجي ٽيم ۾ کيڏائڻ لاءِ نوڪريءَ ۾ ڪٺي ورتو هو. اي آر قاضي برماشيل ڪرڪٽ لاءِ کيڏندو رهيو ۽ پڙهندو

به رهيو. گريجوئيشن ڪيائين. ايل ايل بي ڪيائين. اسان دوستن کي اُن وقت تائين خبر پئجي نه سگهي هئي ته اي آر قاضيءَ ۾ پرفارمنگ آرٽس جي عاليشان صلاحيت هئي. ڪيترڪ هال ۾ هلندڙ ڊرامي جي هاڪ ٻڌي "پٿر اور روٽي" ڏسڻ وياسين. اي آر قاضيءَ جي زبردست پرفارمنس ڏسي اسين اچرج ۾ پئجي ويا هئاسين. ڊرامو ختم ٿيڻ کان پوءِ اي آر قاضيءَ سان ڳالهيون ڪندي خبر پئي ته هن "پٿر اور روٽي" کان اڳ ڪافي اسٽيج ڊرامن ۾ ڪم ڪيو هو. اي آر قاضيءَ وڪالت شروع ڪئي. پنهنجي غيرمعمولي ذهانت سبب عزت ۽ نالو ڪمائي ورتائين. ناميا چار ٿيس. ڏسندي ئي ڏسندي ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد جي نامور وڪيلن ۾ شمار ٿيڻ لڳو. ڪجهه عرصي کان پوءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ جو جج ٿيو. شايد سنڌ هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس به ٿيو هو. اسان مولائي دوستن سان ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان رابطي ۾ رهندو هو. انهن ڏينهن ۾ مان ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ تي ڪم ڪندو هوس ۽ هلال پاڪستان اخبار لاءِ روزانو ڪالم لکندو هوس. ڪنهن ڪالم ۾ جسٽس اي آر قاضيءَ جو ذڪر ڪندي مون سندس فاسٽ بالنگ کان پوءِ اسٽيج ڊرامن ۾ ڪم ڪرڻ جو ذڪر ڪيو هو. هڪدم مون سان رابطو ڪيائين. چيائين ته يار، ٻيو سڀ ٺيڪ لکيو اٿئي باقي اسٽيج ڊرامن جو ذڪر ٻيهر پنهنجي ڪنهن ڪالم ۾ نه ڪجاءِ. مون کي لڳندو هو ته جسٽس اي آر قاضيءَ کي پنهنجيءَ زندگيءَ جو اهو دور قبول نه هو جنهن دور ۾ هن اسٽيج ڊرامن ۾ ڪم ڪيو هو.

سچ پڇو ته ٿيٽر سان وابسته پنهنجا به ادائي سال مون کي نه وڻندا آهن. انهن سالن جو ذڪر ڪندي مونکي مونجهه ٿيندي آهي. مونکي ٻوسٽ محسوس ٿيندي آهي. زندگيءَ ۾ جيڪڏهن ايڊيٽنگ جي سهوليت مليل هجي ها ته مان جيڪر ٿيٽر سان گذاريل به ادائي سال ايڊٽ ڪري ڪڍي ڇڏيان ها. پر، ڇا ڪجي جو زندگي ڙڪارڊ نه ٿيندي آهي. ڪجهه مثال سامهون رکي پاڻ کي پرچائڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان. پاڻ کي سمجهائيندو آهيان ته ٿيٽر سان ڪم ڪندي مون گناهه نه ڪيو هو. مون

ڏوهه نہ ڪيو هو. آخر رابندرناٿ ٽيگور بہ تہ پنهنجي لکيل ڊرامن ۾ ڪم ڪندو هو! شيڪسپيئر بہ ڊرامن ۾ ڪم ڪندو هو. آغا حشر بہ ڊراما لکندو هو ۽ ڊرامن ۾ ڪم ڪندو هو. رام پنجواڻي ڊرامن ۾ ڪم ڪندو هو! ڀڳت ڪنور رام ڇير ٻڌي، ڇيڙيون ڪٽي بازارن ۽ چوواٽن تي ڀڳت وجهندو هو ۽ نچندو ۽ ڳائيندو هو. آمريڪا جو صدر ريگن هاليوڊ جو مجيل ايڪٽر هو. مسٽر يونيورس ۽ هاليوڊ جو ايڪشن هيرو آرنولڊ سوازننگر آمريڪي رياست ڪيليفورنيا جو گورنر هو. مڃان ٿو تہ اهي تاريخي حقيقتون آهن. پر مونکي قبول نہ آهن. جسٽس آءِ آر قاضيءَ وانگر مون بہ پنهنجي زندگيءَ جي اُن دور کي هڪ ڊيچاريندڙ خواب وانگر وسارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پر، ڊيچاريندڙ خواب وسري نہ سگهندا آهن. سدائين اسان جو پيڇو ڪندا رهندا آهن. اسان کي پوندبو ڏيندا آهن

جڻ آتم ڪٿا جي قسط نہ، بلڪ پنهنجي ڏوهہ جو اعتراف ڪري رهيو آهيان. پيءُ پنهنجن پٽن سان محبت ڪندا آهن. پر، جهڙي محبت بابا مون سان ڪندو هو اهڙي محبت مون ڪنهن بئي پيءُ کي پٽ سان ڪندي ورلي ڏٺو آهي. منهنجي ٿيٽر ۾ ڪم ڪرڻ واري ڳالهہ بابا کي بنهہ نہ وڻي هئي. ادا، منهنجو اڪيلو ڀاءُ، مون کان پندرهن سورهن سال وڏو، منهنجو پهريون هيرو، تنهنکي بہ منهنجي حرڪت نہ وڻي هئي. مون کي لڳو هو، مون جڻ خودڪشي ڪري ڇڏي هئي. ٻيو جنم وٺي مان موٽي آيس. بابا ۽ ادا مون کي معاف ڪري ڇڏيو. پر، پنهنجي اندر جي عدالت ۾ مان پاڻ کي اڄ تائين معاف ڪري نہ سگهيو آهيان. منهنجو عقيدو ۽ ايمان آهي تہ اسين جڏهن بي انتها پيار ڪرڻ وارن جي دل ڏکائيندا آهيون، تڏهن اسين زندگيءَ جي آخري ساهہ تائين ضمير طرفان مليل ذلت جي سزا ڀوڳيندا آهيون.

"ايک کمهار سب کهلونے" ٿياسافيڪل هال ۾ اسٽيج ٿيو تاريخ هئي-25 جنوري 1963 ٻئي ڏينهن صبح جو اخبارن ۾ شدمد سان آيل ڊرامي متعلق رپورٽون پڙهي اسين سيئي اڇرج ۾ پئجي وياسين. ڊان اخبار ڊرامي جي تعريف ڪرڻ کان پوءِ لکيو هو:

## روزنامہ حريت، 3 فيبروري 1963

جڏهن نوڙ بڪ مختلف ڪلاڪارن ڊرامي ۾ جا نفشانيءَ سان ڪم ڪيو پر انهن ۾ سڀني تي جڳوءَ جو ڪردار حاوي هو جنهن کي ڪرڪيٽ جي رانديگر جليل قاضيءَ عمدگيءَ سان بهترين نموني نڀايو. جليل قاضي پنهنجي ڪردار ۾ ايترو قدر ڪامياب ثابت ٿيو جو جيڪڏهن هو ڊرامي جي ڪاسٽ ۾ شامل نہ هجي ها تہ ڊرامو مڪمل طرح فلاپ (ناڪام) ٿي وڃي ها.

جليل جي پتلون جا پائنچا مٿي، سرمئي رنگ جي قميص، ڳلي تي رومال ويڙهيل، وار نرڙ تي وکريل هوندا آهن. هو بمبئي وارن جهڙي ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندو آهي. هن جا مڪالما سنا لکيل آهن، پر مڪالمن جي ادائگيءَ جو طريقو ان کان بہ بهترين آهي.

جليل قاضي شروع کان آخر تائين ڊرامي تي ڇانيل رهيو. ڊرامو الميہ هو. پر جڳو جي طنزيہ ۽ دلچسپ مڪالمن ماڻهن کي کلائي پي وڌو. هن (جليل) جي خوبين ڊرامي جي عيبن تي اهڙي نموني پردو وجهي ڇڏيو جو هال ۾ حاضرين تہ ڇا، خود ڊائريڪٽر کي بہ پتو پئجي نہ سگهيو.

اخبارن ۾ تعريفون آيون، ۽ ان سان گڏ منهنجي لاءِ اجا بہ وڏي بربادي‌ءَ جو در کلي پيو. مان ڪنبي ويس. اُن وقت، ان دور ۾ جيڪي ڪجهہ مون سان ٿي رهيو هو. سو سڀ ڪجهہ منهنجي ارادي ۽ منهنجيءَ مرضيءَ خلاف ٿي رهيو هو. اُن وقت مون جيڪا اندر ۾ آنڌ مانڌ ۽ بيچيني محسوس ڪئي هئي، اهڙي ذهني ۽ دل جي ڪيفيت مون زندگيءَ ۾ وري ڪڏهن محسوس نہ ڪئي. منهنجي چوگرد جيڪي ڪجهہ ٿي رهيو هو مون کي قبول نہ هو. منهنجو وجود تيزيءَ سان ايندڙ تبديلين جي خلاف بغاوت ڪري ڇڏي. مون شدت سان محسوس ڪيو تہ پنهنجي ڪلاس ميٽ، دوست ۽ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي اهم رڪن احمد ظهير جي ڳالهہ قبول ڪري مون زندگيءَ جي سڀ کان وڏي ۾ وڏي غلطي ڪئي هئي. مون کي ڊرامي ۾ ڪم ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏڻ گهرجي ها. مان ڊرامن ۾ ڪم

ڪرڻ لاءِ پيدا نہ هيو هوس. مونکي لکٽو هو. مون کي لکٽو آهي. مان لکندس. ڪرڪيٽ ۾ مايوسيءَ کان مان مات نہ کائيندس. ادب ۾ منهنجي لاءِ بند پيل در کلندا، ضرور کلندا. اهڙي ذهني ڪيفيت ۾ مون کان گهڻو ڪجهہ غلط ٿي رهيو هو عذاب جي انتها اهڙي جو مان پنهنجي هر غلط فيصلي کان آگاهہ هيس. نيشنل ٿيٽرس مون کي اسٽيج ڊرامو لکڻ لاءِ آماده ڪري ورتو. ڊرامو لکي ڏنو مانِ تہ آزيون نيزاريون ڪري ڊرامي ۾ هڪ اهم ڪردار ڪرڻ لاءِ مون کي راضي ڪري ورتائون. ان وچ ۾ ڪراچيءَ جي ٿيٽر ۽ اسٽيج جي دنيا ۾ "ايک کمہار سب کهلونے" ڊرامي ۾ منهنجي ڪيل ڪم جي واکاڻ هلي رهي هئي. هڪڙي ڏينهن، شايد احمد ظهير معرفت هڪ پرڪشش شخص مون سان ملڻ آيو. نازڪ ۽ نفيس: لڳو پئي تہ ڊاڪٽر هو. سندس سچو نالو تہ مون کي ياد ناهي، شايد سندس نالو ڊاڪٽر اعجاز هو. سچ پچ ڊاڪٽر هو. ايسٽرن فلم اسٽوڊيو ڪراچيءَ ۾ هڪ فلم ڊائريڪٽ ڪري رهيو هو. فلم جو نالو هو "ہمیں بھی جینے دو-" فلم ۾ هڪ اهم رول ڪرڻ لاءِ مون کي چيائين. مون کي ياد نہ ٿو اچي تہ اهو شخص ڪير هو جنهن جڻ منهنجي لاءِ ڪڏ پئي ڪوتي! احمد ظهير؟ الاءِ. پنجونجاهہ سٺ سال پراڻي ڳالهہ آهي. مون کي ياد نہ ٿو اچي. مون کي فقط ڪروڌ ۽ وجود ۾ اڀري آيل بغاوت ياد آهي هنن مونکي اُهو ڪرڻ پئي چاهيو جيڪو مان نہ هيس. مان ٻين جا مڪالما ڳالهائڻ ۽ ٻين جي اشارن يعني ڊائريڪشن تي اٿڻ ويهڻ لاءِ پيدا نہ ٿيو آهيان. مون کي ياد ناهي تہ ٻيا ڪير ڪير منهنجا دوست، منهنجا دشمن ان ڪم ۾ شامل هئا.

مان اونداهي کوهہ جي پڪ تائين ڌڪجي ويو هوس. مون سڄي سموري رات فلم جي شوٽنگ ڪندي گذاري هئي. اسٽوڊيو ۾ بہ مون فلم يونٽ سان چانهن جي وقفي دوران اِهي ئي ڳالهيون ڪيون هيون تہ مان ٻين جا لکيل مڪالما نہ ڳالهائيندس. ٻئي ڪنهن جي اشارن تي نہ اٿندس، نہ ويهندس. مان پاڻ پنهنجا مڪالما لکندس. پنهنجي لکيل اسڪرپٽ مطابق زندگي گذاريندس. سڄي يونٽ کي مان توائي لڳو هوس. شوٽنگ دوران

هڪ ٻيو نوجوان بہ مون سان گڏ هو. سندس نالو هو طلعت حسين. هو اڳتي هلي ريڊيو ۽ ٽيليويزن جو زبردست آرٽسٽ ٿيو هو. ان رات کان پوءِ مون ٻيهر وري ڪڏهن بہ فلم اسٽوڊيو جو رخ نہ ڪيو. ڪنهن سان ڪو واسطو نہ رکيو. ان حد تائين جو مون فلم ۽ ٿيٽر سان وابستہ ماڻهن سان ملڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. هو منهنجي لاءِ مري ويا. مان هنن لاءِ مري ويس. مان سچ پچ مري ويو هوس. مري وڃڻ کان پوءِ ڪجهہ عرصي تائين مان جڻ عالم ارواح ۾ ڀٽڪندو رهيس. ۽ پوءِ، لڪڻ لاءِ مان ٻيو جنم وٺي موٽي آيس.

مونکي مڪمل طرح پڪي، پوري ۽ ڍاهي ڇڏڻ واري دور کي جيتوڻيڪ پنجونجاهہ سال گذري ويا آهن- پر، مان اڄ ڏينهن اڳ ڪيل ڏوهہ وساري نہ سگهيو آهيان. اڄ بہ ويڙهي ويڙهي خيالن ۾ گم ٿي ويندو آهيان. اڪ چنبي ۾ اڄ صديءَ جو سفر ڪري موٽي ايندو آهيان ۽ پاڻ کي ملامت ڪندو آهيان. عمارت جي پيڙهہ وجهڻ لاءِ مون پنهنجي زندگيءَ جا پنجويهہ چويهہ سال لڳائي ڇڏيا هئا. اُهي پنجويهہ چويهہ سال منهنجي سخت تپسيا جا سال هئا. فيصلو ٿي چڪو هو تہ ايندڙ زندگي مان ڪيئن گذاريندس. پر، تڏهن مون اهو تہ سوچيو هو تہ ايندڙ وقت تي اسان جو اختيار نہ هلندو آهي. منهنجو روبو ايڏو تہ واضح هوندو هو جو سيني تي ظاهر هوندو هو. ڪاڀہ ڳالهہ مبهم ۽ منجهائيندڙ نہ هوندي هئي. بابا ويچارو منهنجي پيار ۾ ماريل ڏاڍو فڪرمند رهندو هو تہ منهنجي هن توائي پٽ جو آخر ڇا ٿيندو! پر، مون کي خبر هئي تہ منهنجو ڇا ٿيندو- سڀ کان اول تہ مان هڪ هنڌ ٽانئيڪو ٿي ويهي نہ سگهندس منهنجو ڪو گهر گهاٽ نہ هوندو- منهنجو اوڙو پاڙو نہ هوندو- دوست دڙو ۽ سنگتي ساٿي نہ هوندو- منهنجو ڪو شهر نہ هوندو- منهنجو ڪو ملڪ نہ هوندو- منهنجو ڪو مذهب نہ هوندو- مان پنهنجو عقيدو پاڻ ٺاهيندس- پنهنجو عقيدو ٻين تي نہ مڙهيندس ۽ ٻين کي پنهنجو عقيدو پاڻ تي مڙهڻ نہ ڏيندس. ڪوبہ مذهب ۽ عقيدو انسانيت کان مٿاهون نہ هوندو آهي. دنيا ۾ پکڙيل ماڳ ۽ مڪان مون کي ڇڪيندا آهن. انهن ماڳن مڪانن سان منهنجو جنم جنم جو رشتو آهي. ڪائناتن جي وقت ۽ وسعت Time and Space ۾ هڪ جنم جي حيثيت اک چنبي برابر آهي.

بظاهر جمڻ کان مرڻ تائين جو عرصو ڪَن پَل ۾ گذري ويندو آهي. پر يادن جا انبار ڇڏي ويندو آهي. انهن يادن کي ميڙي سيڙي اسين هڪ جنم کان ٻئي جنم تائين، ۽ ٻئي جنم کان ٽئين جنم تائين سفر ڪندا آهيون. اِهو سفر ابد تائين هلندو رهندو آهي.

ائين ورلي ٿيندو آهي جو اسين هڪ ئي جنم ۾ مري وڃون، ۽ مري وڃڻ کان پوءِ ٻيهر جيئرا ٿي پئون. پر، مون سان ائين ٿيو آهي. مون آپگهات ڪري ڇڏيو هو. آپگهات ڪري مري وڃڻ کان پوءِ مان ٻيهر جيئرو ٿي پيو هوس. آپگهات کان اڳ واري زندگيءَ جا اولڙا ڪٿي آيو هوس. لکڻ ۽ پڙهڻ کان سواءِ مون وٽ ڪجهه نه بچيو آهي. ڪائنات جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ٽڙيل پکڙيل ماڳن مڪانن ڏانهن موٽڻ جهڙو نه آهيان. ها، باقي ائين ٿيو آهي جو منهنجو اوڙو پاڙو نه آهي. منهنجو ڪو شهر نه آهي. منهنجو ڪو ديس پرديس نه آهي. منهنجو ڪو گهر گهاٽ نه آهي. مان جتي رهندو آهيان، اُتي مان پيئنگ گيسٽ Paying Guest آهيان. جسم جي جهوپڙيءَ ۾ عارضي مسافر آهيان.

16.10.2016

# ڪاچو پبليڪيشن جا ڇپيل ڪتاب

| | |
|---|---|
| 1. ڏرتيءَ جا ٻار (شاعري) محمد علي ماجد | 30 رپيا |
| 2. ٻتين واري ناني (بايو گرفيڪل ناوليٽ) اڪبر جسڪاڻي | 50 رپيا |
| 3. رمون پيتي (ڪهاڻيون) اڪبر جسڪاڻي | 40 رپيا |
| 4. سپر مين (ڪهاڻيون) طارق قريشي | 50 رپيا |
| 5. خير و حجم (ڪهاڻيون) اڪبر جسڪاڻي | 40 رپيا |
| 6. آئيندو (ڪهاڻيون) منظور جوکيو | 120 رپيا |
| 7. مٽيءَ جا رانديڪا (شاعري) ادل سومرو | 30 رپيا |
| 8. ڪراچي: سنڌ جي مارئي (تاريخ) گل حسن ڪلمتي | 800 رپيا |
| 9. سنڌ ۽ هند جون ٻاراڻيون ڪهاڻيون مرتب: محمد علي ماجد | 30 رپيا |
| 10. جيجل منهنجي ماءُ (ڪهاڻيون) امر جليل | 200 رپيا |
| 11. ٻگل رانديڪو (ناول) انور ابڙو | 60 رپيا |
| 12. اندرا ( ڪهاڻيون) امر جليل | 180 رپيا |
| 13. چنڊ وسامي ويو (ڪهاڻيون) امر جليل | 150 رپيا |
| 14. ڍهنڊڙ ليڪا (ڪهاڻيون) رزاق مهر | 100 رپيا |
| 15. آچر جا احوال (ڪهاڻيون) ادل سومرو | 20 رپيا |
| 16. بندر بازاريون (سفر نامو) الطاف شيخ | 150 رپيا |
| 17. ادب ۽ سياست (ڪهاڻيون / ڪالم) امر جليل | 270 رپيا |
| 18. وايون وڻجارن جون (سفرنامو) الطاف شيخ | 200 رپيا |
| 19. پنهنجي گهر ۾ اجنبي (ناول) قبول ابڙو | 120 رپيا |
| 20. سرد لاش جو سفر (ڪهاڻيون) امر جليل | 250 رپيا |
| 21. خواب خوشبو ڇوڪري (ناول) ماهتاب محبوب | 190 رپيا |
| 22. لهندڙ سج جي لام (قصا، ڪٿائون) امر جليل | 220 رپيا |
| 23. سنڌنامو (تاريخ جا نوان ۽ پراڻا ورق، اولڙا ۽ عڪس) امر جليل | 220 رپيا |
| 24. گلڙن جهڙا گهاءَ (ڪهاڻيون) اڪبر جسڪاڻي | 20 رپيا |
| 25. نئين دور جا نوان سبق (ٻارن لاءِ طنزيه سبق) ادل سومرو | 40 رپيا |
| 26. ڏونگر سي ڏوريندين (خط)، سهيڙيندڙ: سيد ضيا / منير شاهه | 220 رپيا |
| 27. چيني ۽ چرٻٽ جون ڪهاڻيون، امر جليل | 220 رپيا |
| 28. آتم ڪٿا، امر جليل | 380 رپيا |

| | |
|---|---|
| 29. فدا حسين ڦودني. ڏٿي بخش ڏني، ۽ ڦندڻ جا ڪالم. امر جليل | 200 رپيا |
| 30. پيهي منجهہ پاڻ. بدر ابڙو | 200 رپيا |
| 31. امر جليل جي سنڌو امر جليل | 200 رپيا |
| 32. هيءَ منهنجي سنڌ تہ ناهي. امر جليل | 340 رپيا |
| 33. سنڌو بقا، مان فنا آهيان. امر جليل | 220 رپيا |
| 34. آتم ڪٿا آڏي پڇائن ۾ ـ امرجليل | 370 رپيا |
| 35. جمود. امر جليل | 200 رپيا |
| 36. هي حسن..... ماهتاب محبوب | 220 رپيا |
| 37. اڌ صديءَ جو اوجاڳو... انور ابڙو | 250 رپيا |
| 38. منهنجي نصيب ۾ تون نہ آهين ـ امر جليل | 220 رپيا |
| 39. جڏهن سنڌ ۾ باهہ ٻري ـ بدر ابڙو. | 350 رپيا |
| Amar Jaleel _ Love Longing and Death .40 | 350 رپيا |
| 41. محبتن جا ٻہ ناوليٽ ـ محمود مغل | 220 رپيا |
| 42. زوال جو عڪس ـ امر جليل | 250 رپيا |
| 43. ڪراڙو گدڙ ـ امر جليل | 300 رپيا |
| 44. امر جليل نمبر سهڙيندڙ: پروفيسر محمد سليم ميمڻ | 200 رپيا |
| 45. ۽ پوءِ... (شاعري) ارم محبوب | 200 رپيا |
| 46. ناد وارو (ڪهاڻيون) امر لغاري | 160 رپيا |
| 47. قانون جو ڪفن -- امر جليل | 250 رپيا |
| 48. حسن درس جو رسالو – سهڙيندڙ: ارم محبوب | 480 رپيا |
| 49. انڪار – امر جليل | 160 رپيا |


ڪتاب گهرائڻ لاءِ لکو

**ڪاڇو پبليڪيشن**

3/20 عابد چيمبرس، نيو چالي،

شاهراهہ لياقت، ڪراچي، سنڌ.

0300-2879794



امر جليل، 1980ع

ائين ورلي ٿيندو آهي جو اسين هڪ ئي جنم ۾ مري وڃون، ۽ مري وڃڻ کان پوءِ ٻيهر جيئرا ٿي پئون. پر، مون سان ائين ٿيو آهي. مون آپگهات ڪري ڇڏيو هو. آپگهات ڪري مري وڃڻ کان پوءِ مان ٻيهر جيئرو ٿي پيو هوس. آپگهات کان اڳ واري زندگيءَ جا اولڙا ڪٺي آيو هوس. لکڻ ۽ پڙهڻ کان سواءِ مون وٽ ڪجهه نه بچيو آهي. ڪائنات جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ٽڙيل پکڙيل ماڳن مڪانن ڏانهن موٽڻ جهڙو نه آهيان. ها، باقي ائين ٿيو آهي جو منهنجو اوڙو پاڙو نه آهي. منهنجو ڪو شهر نه آهي. منهنجو ڪو ديس پرديس نه آهي. منهنجو ڪو گهر گهاٽ نه آهي. مان جتي رهندو آهيان، اُتي مان پيئنگ گيسٽ Paying Guest آهيان. جسم جي جهوپڙيءَ ۾ عارضي مسافر آهيان.

**امر جليل**

naeemdeswali

ISBN: 978-969-9544-41-2
Price: Rs. 200
Facebook.com/kachhopublication

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙَ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، پين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَ کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، چاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ-

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني کي **چوءِ چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

> وڻ وڻ کي مون ياڪِي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
> پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
> - اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)